ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت
حيدرآباد
Regd: NO-2430-B
68 YEAR 1958 - 2026
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (94)   سومر 29 جون 2026ع 13 محرم الحرام 1448هه صفحا 06 - ملهه 30 وپيه   شمارو (313)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com
Monday 29th June 2026

ايران جا ڪويت ۽ بحرين ۾ آمريڪي فوجي اڏن تي ميزائل ۽ ڊرون حملا 8 اهم فوجي نڪتا تباهه ڪرڻ جي دعويٰ

نيويارڪ ۾ ليڊر لينڊ اسپيس فورس گڏيل طور آمريڪي ٿالڪن ڪي ميزائلن ۽ ڊرونز ذريعي نشانو بڻايو، حملا ايران تي ٿيل تازن آمريڪي حملن جي جواب ۾ ڪيا ويا آهن: پاسداران انقلاب

حملن دوران آمريڪي فوج جي اهم فوجي تنصيبات تباهه ڪيون ويون، اها ڪارروائي آمريڪا جي ايران تي ٿيل تازي فوجي حملن جو "فيصلائتو جواب" آهي: اختياريون

ايران تي ٿيل حملا اسلام آباد مفاهمتي يادداشت جي شق 1 جي ڀڃڪڙي آهي مستقبل ۾ ايران خلاف ڪنهن به قدم تي وڌيڪ سخت ڪارروائي ڪئي ويندي: چتاءُ

ڪويت پاران ملڪ جي فضائي حدن ۾ داخل ٿيندڙ ٻه بيلسٽڪ ميزائلن کي فضا ۾ ئي ناڪارا بڻائڻ ڪاميابي سان تباهه ڪرڻ جي دعويٰ ڪئي وئي

ايران طرفان بار بار ڪيل ميزائل حملا ڪويت جي سلامتي لاءِ خطرو آهن، خطي ۾ امن ۽ استحڪام قائم ڪرڻ وارين ڪوششن کي سنگين نقصان پهچائي رهيا آهن: وزارت دفاع

حملا ڪويت جي شهرين سان گڏ ملڪ ۾ رهندڙ پرڏيهي شهرين جي جان ۽ مال لاءِ به خطرو پيدا ڪن ٿا، عالمي برادري صورتحال جي سنجيدگي سان نوٽيس وٺي: پرڏيهي وزارت

تهران (ريب ڊيسڪ) ايران آمريڪي حملن جي جواب ۾ بحرين ۽ ڪويت ۾ آمريڪي اڏن تي حملا ڪيا آهن ... اسپيس فورس گڏيل طور آمريڪي ... نڪتا تي حملا ڪيا بيان ۾ چيو ويو
بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

فتنه الهندوستان ۽ ان جا سرپرست پنهنجي ناپاڪ مقصدن ۾ ڪامياب نه ٿيندا: وزيراعظم

ڪراچي ۾ رينجرز ڪيمپ تي دهشتگرد حملو ناڪام بڻائڻ تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين پيش ڪريون ٿا

شهيدن جو رت رائيگان نه ويندو، دهشتگردي جي هر فتني جي مڪمل خاتمي تائين جنگ جاري رهندي

سڄي قوم پنهنجي بهادر هٿياربند فوج، رينجرز ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن سان گڏ بيٺل آهي

ڪراچي: وزيراعظم محمد شهباز شريف ڪراچي ۾ پاڪستان رينجرز (سنڌ) جي
بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: ايچ 9 جي بازار کي باهه لڳڻ سبب ٿيل تباهي جو ڏيک

سنڌ اسيمبلي ۾ 3.562 ٽريلين رپين جي صوبائي بجيٽ منظور مخالف ڌر پاران پيش ڪيل 1,600 ڪٽوتي جون تجويزون رد

وڏي وزير پاران 720 ارب رپين جي سالياني ترقياتي پروگرام جو اعلان، 206 ارب ڪراچي لاءِ مختص

بجيٽ ۾ 344 ارب رپين جي خساري، وفاقي مالي وسيلن ۾ گهٽتائي ۽ گذريل سال دوران 95 ارب رپين کان وڌيڪ اضافي خرچن باوجود مالي نظم ۽ ضبط برقرار رکيو آهي: مراد علي شاهه

حڪومت مشڪلاتن باوجود اٽڪل 100 ترقياتي منصوبا مڪمل ڪيا، سنڌ جي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو ڪڻڪ ۾ خودڪفالت حاصل ڪئي، سماجي تحفظ جي پروگرامن کي هٿي ڏني

ڪيٽي بندر کي خانگي شعبي ذريعي وڏي معاشي ۽ لاجسٽڪس مرڪز طور ترقي ڏني ويندي، سنڌ انفرااسٽرڪچر ڊولپمينٽ ... گرين انرجي ... ورڪ جوڙيو ويندو

ننڍن آبادگارن کي بااختيار بڻائڻ لاءِ زرعي مالياتي نظام متعارف ڪرايو ويندو، سماجي شعبي جي خرچن جي بجيٽ ۾ صحت، تعليم ۾ اضافو ڪيو آهي

ورلڊ بينڪ سنڌ لاءِ لڳ ڀڳ 1.7 ارب آمريڪي ڊالر ماليت جي رٿائن جي منظوري ڏني آهي، جيڪا صوبي جي حڪمراني ۽ ترقياتي حڪمت عملي تي عالمي اعتماد جو اظهار آهي

صوبائي حڪومت قومي استحڪام جي حمايت جاري رکندي، پر صوبي جي آئيني، مالي ۽ ترقياتي حقن جي تحفظ تان پوئتي نه هٽندي

ڪراچي (رپورٽ: مجيد عباسي/ راهب گاهو) سنڌ اسيمبلي مالي سال 2026-27 لاءِ 3.562 ٽريلين رپين جي بجيٽ منظور ڪئي جڏهن ته 165 ارب رپين جي ضمني گرانٽس پڻ منظور ڪيون ويون بجيٽ اجلاس دوران ايوان مخالف ڌر پاران پيش ڪيل 1,600 ڪٽوتي جون تجويزون ... ڪري ڇڏيون صوبائي اسيمبلي فنانس بل کي به منظور ... جي تحت
بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ حملو ناڪام بڻائڻ دوران شهادت ماڻيندڙ بهادر سپوت پوري قوم جا هيرو آهن: وفاقي گهرو وزير

پاڪستان رينجرز سنڌ جي ڪيمپ تي پارٽي حمايت يافته دهشتگردن جي حملي جي ڀرپور مذمت ڪريون ٿا

شهيدن جون قربانيون قوم جي پختي عزم کي وڌيڪ مضبوط ڪن ٿيون جيڪي هميشه ياد رکيون وينديون

شهيدن جي وارثن سان دلي همدردي ۽ تعزيت ۽ زخمي اهلڪارن جي جلد صحتيابي لاءِ دعا ڪريون ٿا.

اسلام آباد (اي پي پي) گهرو معاملن بابت وفاقي وزير محسن نقوي ڪراچي ۾ پاڪستان رينجرز (سنڌ) جي ڪيمپ تي پارٽي حمايت يافته دهشتگردن جي حملي جي ڀرپور مذمت ڪئي آهي گهرو وزير محسن نقوي خوارجين جو بهادري سان مقابلو ڪندي شهادت ماڻيندڙ وطن جي 3
بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

سينيٽ چيئرمين ملتان لوڌران ڊيوئل ڪيريج روڊ منصوبي جي منظوري حاصل ڪري ورتي

اسلام آباد (اي پي پي) سينيٽ چيئرمين سيد يوسف رضا گيلاني ملتان لوڌران شاهراهه کي ٻن لائينن وارو بڻائڻ جي
بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

ايم ڪيو ايم پاران صدر آصف زرداري ۽ پ پ قيادت کي وفاقي حڪومت کان ڌار ٿيڻ جو مطالبو

سنڌ اسيمبلي جي اجلاس ۾ رينجرز ڪيمپ تي دهشتگرد حملي جي مذمت شهيد سپاهين کي خراج تحسين پيش

اسان وٽ وزيراعظم جو اميدوار ناهي، پيپلز پارٽي ۽ ايم ڪيو ايم ڪڏهن ختم نه ٿيون ٿي سگهن: علي خورشيدي

ذوالفقار علي ڀٽو 1973 جو آئين منظور ڪرايو، اين ايف سي ايوارڊ جو نفاذ هڪ تاريخي فيصلو آهي: قائم علي شاهه

ڪراچي: سنڌ اسيمبلي ۾ ڪالهه پڻ ايندڙ مالي سال جي صوبائي بجيٽ تي بحث ڇهين ڏينهن به جاري رهيو بحث جي آخري ڏينهن تي مخالف ڌر جي اڳواڻ علي خورشيدي ۽ سينئر پيپلز پارٽي اڳواڻ اڳوڻي
بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: وڏو وزير سيد مراد علي شاهه سنڌ اسيمبلي جي اجلاس کي خطاب ڪندي

يورپي يونين پاران جنگ بندي جي ڀڃڪڙين تي گهري ڳڻتي ظاهر، پاڪستان جي ڪوششن جي واکاڻ

پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار يورپي يونين جي اعليٰ نمائندي ڪايا ڪالاس سان ٽيليفون تي ڳالهه ٻولهه ڪئي

اسلام آباد مفاهمتي يادداشت مڪمل ٿيڻ ۾ پاڪستان جي مخلصاڻين سفارتي ڪوششن جي ساراهه

سمورين ڌرين کي جنگ بندي جي معاهدي جي مڪمل پاسداري ۽ گڏيل رابطا برقرار رکڻ گهرجن

اسلام آباد (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار يورپي يونين جي پرڏيهي معاملن ۽
بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

ملڪي درياهن ۽ آبي ذخيرن ۾ پاڻي جي آمد ۽ ڇوڙ جا انگ اکر جاري

اسلام آباد (اي پي پي) واپڊا ملڪ
بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

پيمرا قانونن جي ڀڃڪڙي تي جيو نيوز کي نوٽيس، لائسنس 15 ڏينهن لاءِ معطل

10 محرم الحرام، ٽي نشر ٿيل پروگرام "سفر عشق" ۾ ناقابل قبول مواد نشر ڪيو ويو: عملدار

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان اليڪٽرانڪ ميڊيا ريگيوليٽري اٿارٽي (پيمرا) نجي ٽي وي چينل "جيو نيوز" کي پيمرا
بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ رينجرز جي ڪيمپ آفيس دهشتگرد حملو بزدلاڻي ڪارروائي آهي: يوسف رضا گيلاني

اسلام آباد (اي پي پي) سينيٽ چيئرمين سيد يوسف رضا گيلاني ڪراچي ۾ رينجرز جي ڪيمپ آفيس تي ٿيل دهشتگرد حملي
بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

مودي جي نفرت سبب اولهه بنگال ۾ مسلمانن جي زندگي مشڪل ٿي وئي آهي: ايڇ آر سي

ڀارت جي ٻئين وڏي مسلمان آبادي واري رياست ۾ به انتها پسند بي جي پي جو راڄ قائم آهي

اسلام آباد (اي پي پي) مودي جي ڀين
بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

ڪراچي شهري حڪومت جي ايندڙ مالي سال جي بجيٽ اڪثريت راءِ سان منظور

بيرسٽر مرتضيٰ وهاب سٽي ڪائونسل ۾ بجيٽ پيش ڪئي، عوامي مسئلا حل ڪيا ويندا: ميئر

پيپلزپارٽي کي ڪراچي ۾ بلدياتي سطح تي پهريون ڀيرو عوام چونڊي تاريخ ساز موقعو فراهم ڪيو آهي

چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري وزن تحت عوام جي خدمت، ڪراچي کي بين الاقوامي شهر بڻائينداسين: خطاب

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي ميئر بيرسٽر مرتضيٰ وهاب سٽي ڪائونسل ۾ بلديه عظميٰ ڪراچي جي مالي سال 2026-27 لاءِ بجيٽ پيش ڪئي جيڪو اڪثريت راءِ سان منظور ڪيو ويو. هن موقعي تي
بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: ميئر مرتضيٰ وهاب ڪراچي ميٽروپوليٽن جي بجيٽ پيش ڪري رهيو آهي

ڪراچي ۾ دهشت گرد حملي ۾ شهيد ٿيل رينجرز جي جوانن جي جنازي نماز ادا ڪئي وئي

وفاقي گهرو وزير، گورنر، وڏي وزير، ڊي جي رينجرز، شهيدن جي پونئرن ۽ سينئر سول ۽ فوجي عملدارن شرڪت ڪئي

شهيدن جا مڙهه سندن اباڻن علائقن ڏانهن روانا ڪيا ويا، جتي فوجي اعزاز سان مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويندو

اڳواڻن پاران شهيدن جي عظيم قربانين کي خراج عقيدت پيش ۽ ڪٽنبن سان تعزيت جو اظهار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي ۾ دهشت گرد حملي ۾ شهيد ٿيل پاڪستان رينجرز (سنڌ) جي جوانن جي جنازي نماز ادا ڪئي وئي انهن جوانن پارٽي حمايت يافته جماعت الاحرار جي بزدلاڻي دهشت گرد حملي کي ناڪام بڻائيندي شهادت ماڻي شهيدن جي جنازي نماز ۾ وفاقي گهرو
بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ رينجرز جي آفيس تي دهشتگرد حملو ملڪ دشمن جي ناپاڪ سازش آهي: اياز صادق

دهشتگرد حملو ناڪام بڻائڻ تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين پيش ڪريون ٿا

قومي اسيمبلي جي اسپيڪر پاران حملي ۾ شهيد ٿيل رينجرز اهلڪارن کي خراج عقيدت پيش

اسلام آباد (اي پي پي) قومي اسيمبلي جي اسپيڪر سردار اياز صادق ڪراچي ۾ رينجرز جي ڪيمپ تي دهشتگرد حملي جي شديد
بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

پاڪ فوج ۽ رينجرز جي ڪيمپ تي حملي ۾ ملوث دهشتگردن جو تعلق جماعت الاحرار سان هو: آءِ ايس پي آر

ڪراچي: واقعي ڪانپوءِ حيدرآباد...

حيدرآباد: ڪراچي واقعي ڪانپوءِ حيدرآباد ۾ سخت حفاظتي انتظامن تحت ماڻهن ۽ گاڏين جي تلاشي ورتي پئي وڃي

پرڏيهي سرپرستي ۾ سرگرم دهشتگردن جا ناپاڪ عزم ڪڏهن به ڪامياب نه ٿيندا: صدر زرداري

پاڪستاني قوم دهشتگردي خلاف سيڪيورٽي فورسز ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن سان گڏ بيٺل آهي

ڪراچي ۾ رينجرز ڪيمپ تي پارٽي پراڪسي جماعت الاحرار جي دهشتگرد حملي جي مذمت ڪريون ٿا

شهيدن جون قربانيون دهشتگردي جي مڪمل خاتمي جي قومي عزم کي وڌيڪ مضبوط ڪن ٿيون

اسلام آباد (اي پي پي) صدر مملڪت آصف علي زرداري ڪراچي ۾ پاڪستان رينجرز (سنڌ) جي ڪيمپ تي پارٽي پراڪسي جماعت الاحرار جي دهشتگرد حملي جي شديد مذمت ڪئي آهي اڄ
بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

پيپلز پارٽي ۽ سڄي قوم دهشتگردي خلاف سيڪيورٽي فورسز سان گڏ آهي: بلاول ڀٽو زرداري

ڪراچي ۾ پاڪستان رينجرز سنڌ جي ڪيمپ تي ٿيل دهشتگرد حملي جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪريون ٿا

پاڪستان کي عالمي سطح تي ملندڙ تاريخي پذيرائي دشمن کان برداشت نٿي ٿئي

قوم پنهنجي وطن جي حفاظت ۽ دشمن جي ناپاڪ ارادن کي خاڪ ۾ ملائڻ لاءِ مڪمل طور پرعزم آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ڪراچي ۾ پاڪستان رينجرز (سنڌ) جي ڪيمپ تي ٿيل دهشتگرد حملي جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪندي چيو آهي ته پارٽي
بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2

رينجرز ڪيمپ تي حملي ۾ ملوث دهشتگردن جو تعلق جماعت الاحرار سان هو: آءِ ايس پي آر

رينجرز جي چوڪس ۽ بهادر جوانن بروقت ڪارروائي ڪندي سندن حملو ناڪام بڻائي ڇڏيو

ڪارروائي دوران ٽي دهشتگرد مارجي ويا، هڪ دهشتگرد کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو ويو آهي

ڪراچي: پاڪ فوج جي شعبي آءِ ايس پي آر موجب 27 جون تي ڪراچي جي يونيورسٽي روڊ تي قائم پاڪستان رينجرز (سنڌ) جي ڪيمپ تي ٿيل دهشتگرد حملي ۾ ملوث دهشتگردن جو تعلق جماعت
بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 2

ڪراچي جي رابطا اسپتال ۾ طبي عملي جي لاپرواهي سبب 200 ٻارڙن جو شڪار ٿيا: متحده اڳواڻ

ٻارن ۾ ايڊز جو سبب بڻجندڙ ڊسپوزايبل سرنج جو ٻيهر استعمال صوبائي حڪومت جي نااهلي آهي

متاثرين کي فوري علاج جون سهولتون فراهم ڪري ۽ فوتي ٻارن جي خاندانن کي معاوضو ڏنو وڃي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) متحده قومي موومينٽ (ايم ڪيو ايم) پاڪستان جي اڳواڻن الزام لڳايو آهي ته ڪراچي جي
بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 2

ڪوئيٽا: هٿياربندن هٿان مڙس جي مارجي وڃڻ بعد ناري سوڳوار ويٺل آهي

پاڪستان ۽ چين وچ ۾ ڪيپيٽل مارڪيٽ سهڪار ۾ تاريخي اڳڀرائي

پاڪ- چين گلوبل ٽائر ڪمپني اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ تاريخي لسٽنگ جي شروعات ڪري ڇڏي

اهو پاڪستان جي سروسز گروپ ۽ چين جي چاڀانگ لانگ مارچ ٽائر ڪمپني جو گڏيل منصوبو آهي

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان ۽ چين وچ ۾ ڪيپيٽل مارڪيٽ سهڪار ۾ تاريخي اڳڀرائي تحت ٻنهي ملڪن وچ ۾
بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

وفاقي حڪومتن ڪراچي لاءِ وڏن پيڪيجز جا اعلان ڪيا، پر عمل نه ٿيو: وڏو وزير

1971ع ۾ گڏيل قومن جي قرارداد پاڪستان جي ورهاڱي ۽ هٿيار ڦٽا ڪرڻ جي برابر هئي

شهيد ذوالفقار ڀٽو ان قرارداد جو حصو بڻجڻ کان انڪار ڪندي اجلاس مان واڪ آئوٽ ڪيو

ڪراچي: وڏي وزير سيد مراد علي شاهه پنهنجي اختتامي تقرير جاري رکندي انهن دعوائن کي سختي سان رد ڪري ڇڏيو
بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

جيڪب آباد ۾ نوجوان پاڻ تي پستول جو فائر ڪري خودڪشي جي ڪوشش، اسپتال منتقل

جيڪب آباد (ڊ ر) جيڪب آباد جي سٽي ٿاڻي جي حد قائم الدين گهٽي جي رهواسي هندو نوجوان ڪپيل واڌواڻي رات دير سان واقع گهر اندر پاڻ کي ٽي پستول جو فائر ڪري
بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ اڻڄاتل گاڏي جو ٽڪر لڳڻ سبب هڪ واٽهڙو فوت

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي علائقي
بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

ڀنگريو: رينجرز هيڊ ڪوارٽر تي حملي ۾ شهادت ماڻيندڙ جوان

آزاد ڪشمير جي موجوده صورتحال ۽ ايندڙ چونڊن بابت اهم مشاورتي اجلاس منعقد

اجلاس ۾ خيبر پختونخوا، پنجاب جي گورنرن، آزاد ڪشمير جي اڳوڻي صدر، پ اڳواڻن ۽ ٻين شرڪت ڪئي

پيپلزپارٽي جي ڪردار، ٻين سياسي پارٽين سان رابطن ۽ لاڳاپيل معاملن تي غور ڪيو ويو

اسلام آباد (اي پي پي) آزاد ڪشمير جي موجوده صورتحال ۽ ايندڙ چونڊن جي حوالي سان آزاد ڪشمير جي اڳوڻي وزيراعظم
بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

ڀنگريو واسي رينجرز اهلڪار دهشتگرد حملي ۾ شهيد، فوجي اعزاز سان تدفين

ڪراچي ۾ رينجرز تنصيبات تي حملي دوران دلنواز پنهنجو فرض نڀائيندي شهادت ماڻي

اباڻي قبرستان پير بودلو ۾ فوجي اعزاز سان مٽي ماءُ حوالي، علائقي ۾ سوڳ جي لهر

ڀنگريو (ن ع) ڀنگريو ڀرسان ڳوٺ رستم پنهنجي واسي نوجوان رينجرس اهلڪار دلنواز پنهنجي ڪراچي گلشن اقبال ۾ دهشتگردن
بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

ڀارت هر سرحدي ڏوهه کي پاڪستان خلاف الزام بازي ۽ سکن کي دٻائڻ لاءِ استعمال ڪري رهيو آهي: تجزيه نگار

پوليس افغان شهري سميت 7 جوابدارن کي گرفتار ڪري ۽ 10 جديد هٿيار ۽ منشيات هٿ ڪرڻ جي دعويٰ ڪئي

ڀارتي اختياريون ان کي پاڪستان جي حمايت يافته نيٽ ورڪ جي وڏي بيانيي ۾ تبديل ڪري رهيون آهن

ڀارت جو اصل مقصد سرحدي تحفظ نه پر سک ڪميونٽي کي دٻائڻ ۽ رياستي ناڪامين کي لڪائڻ آهي

نئين دهلي (اي پي پي) ڀارت پنهنجي ترن تارن منصوبي تي عمل ڪندي هر سرحدي ڏوهه کي پاڪستان خلاف الزام بازي ۽ سکن کي دٻائڻ لاءِ هڪ هٿيار طور استعمال ڪري رهيو آهي ڪشمير ميڊيا
بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

بلوچستان جي وڏي وزير سان مولانا فضل الرحمان جي ملاقات، امن ۽ ترقي کي هٿي ڏيڻ تي اتفاق

اسلام آباد ۾ جمعيت علماءِ اسلام جي سربراهه جي رهائشگاهه تي ٻنهي اڳواڻن وچ ۾ ملاقات ڪئي

مير سرفراز بگٽي امن، استحڪام ۽ عوام جي جان ۽ مال جي تحفظ لاءِ صوبائي حڪومت جي عزم کان آگاهه ڪيو

ملاقات خوشگوار ماحول ۾ ٿي ۽ گڏيل دلچسپي جي ٻين معاملن تي به تفصيلي ڳالهيون ٿيون

ڪوئيٽا (اي پي پي) بلوچستان جي وڏي وزير مير سرفراز بگٽي اڄ تي اسلام آباد ۾ جمعيت علماءِ اسلام جي سربراهه ايم اين اي مولانا فضل الرحمان جي رهائشگاهه تي ساڻس ملاقات ڪئي ۽ ملڪ جي
بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 2

خيبرپختونخوا جي گورنر پاران ڪراچي ۾ دهشتگردن جي حملي جي مذمت، سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين پيش

پشاور (اي پي پي) خيبرپختونخوا جي گورنر فيصل ڪريم ڪنڊي ڪراچي ۾
بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ويجهو سمنڊ ۾ وهنجڻ دوران ٻه نوجوان دوست ٻڏي فوت ٿي ويا

منوڙا روڊ ويجهو نوجوان سيف قريشي ۽ زبير گل سمنڊ ۾ وهنجندي ٻڏي ويا

ايڌي جي رضاڪارن پهچي ٻنهي ڄڻن جا لاش سمنڊ مان ڪڍي سول اسپتال منتقل ڪيا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ماڙي پور ٿاڻي جي علائقي ۾ منوڙا روڊ سينڊزپٽ هٽ نمبر 15 جي ويجهو سمنڊ ۾ وهنجڻ دوران ٻه نوجوان دوست ٻڏي فوت ٿي ويا. ايڌي فائونڊيشن جي رضاڪارن انهن جي لاشن کي سمنڊ
بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

رينجرز اهلڪارن تي دهشتگرد حملو انتهائي افسوسناڪ ۽ مذمت جوڳو آهي: ڊاڪٽر طارق فضل چوڌري

اسلام آباد (اي پي پي) پارلياماني معاملن بابت وفاقي وزير ڊاڪٽر طارق فضل چوڌري
بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

حيدرآباد: 3 نمبر تلاب جي علائقي ۾ گٽرن جو پاڻي بيٺل نظر اچي رهيو آهي

حيدرآباد: ڊمپنگ سائيٽ تي عورتون گند مان استعمال جوڳيون شيون ڳولهي رهيون آهن

ملير ۾ ورڪشاپ اندر ڪم دوران ٽينڪي ڦاٽڻ سبب زوردار ڌماڪي، هڪ پورهيت فوت

اسٽيل مل چورنگي ويجهو ٽينڪي ڦاٽڻ سبب 25 ورهين جو مزدور غلام حيدر فوت ٿي ويو

ڌماڪي جي زوردار آواز ڪانپوءِ علائقي ۾ خوف ۽ هراس پکڙجي ويو پوليس ۽ امدادي ٽيمون پهچي ويون

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ملير جي علائقي اسٽيل مل چورنگي ويجهو ٻاڪري پمپ ڀرسان قائم هڪ ورڪشاپ ۾ ڪم دوران اوچتو ٽينڪي ڦاٽڻ سبب 25 ورهين جو مزدور فوت ٿي ويو ڌماڪي جي زوردار آواز
بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

پشاور جو مشهور قانوندان ايڊووڪيٽ عمران خان مڙئا خاندان ۽ ساٿين سميت ن ليگ ۾ شامل

پشاور (اي پي پي) ڪشميس گلگت بلتستان ۽ سيفران معاملن بابت وفاقي
بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ تيز رفتار سوزوڪي گاڏي اُلٽي ٿيڻ جي نتيجي ۾ 6 ڄڻا زخمي

ماڙي پور گيٽ نمبر 6 ڀرسان برسات دوران گاڏي ڊرائيور جي ڪنٽرول مان نڪري ڪاڏي ٿي

ايڌي جي ايمبولينس پهچي زخمين کي طبي امداد فراهم ڪري سول اسپتال منتقل ڪيو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي علائقي ماڙي پور ٿاڻي جي حدن اندر ماڙي پور گيٽ نمبر 6 ڀرسان هڪ تيز رفتار سوزوڪي گاڏي الٽي ٿيڻ جي نتيجي ۾ 6 ڄڻا زخمي ٿي پيا. ايڌي اختيارين موجب
بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 2

وفاقي وزير عبدالعليم خان پاران ڪراچي ۾ رينجرز جي ڪيمپ تي دهشتگردن جي حملي جي مذمت

اسلام آباد (اي پي پي) مواصلات بابت
بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 2

سنڌ رينجرز جي آفيس تي ٿيل دهشتگرد حملو هڪ بزدلاڻو عمل آهي: حليم عادل شيخ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان تحريڪ انصاف سنڌ جي اڳواڻ حليم عادل شيخ گلستان جوهر واري علائقي ۾ سنڌ رينجرز جي آفيس تي ٿيل دهشتگرد حملي جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪندي چيو آهي ته
بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

سنڌ حڪومت جون ترقياتي دعوائون زميني حقيقتن جي ابتڙ آهن: فوزيه صديقي

بجيٽ ۾ ڪراچي جي ترقي لاءِ رڳو 100 ارب رپيا مختص ڪرڻ شهر سان دشمني آهي

گذريل 18 سالن دوران بلدياتي ادارن کي مليل 2360 ارب رپيا آخر ڪٿي خرچ ٿيا آهن

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان تحريڪ انصاف ڪراچي ڊويزن جي ترجمان فوزيه صديقي سنڌ جي بلديات کاتي ۾ گذريل 18 سالن دوران ٿيل مبينا بي ضابطگين ڪرپشن ۽ اربين رپين جي بجيٽ جي
بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

وطن خاطر پنهنجيون جانيون قربان ڪندڙ اسان جا بهادر شهيد سڄي قوم جو فخر آهن: شام سندر

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان پيپلز پارٽي جي ايم پي اي ۽ سنڌ جي وڏي وزير جي اقليتي معاملن بابت خصوصي معاون ڊاڪٽر شام سندر آڏواڻي ڪراچي ۾ سنڌ رينجرز ڪيمپ تي ٿيل بزدلاڻي دهشتگرد حملي جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪندي چيو آهي ته سنڌ حڪومت دهشتگردي جي
بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ ايس آءِ يو پوليس ڪارروائي، مقابلي ۾ ٻه جوابدار مارجي ويا

ماڙي پور ۾ اسپيشل انويسٽيگيشن يونٽ ڳجهي اطلاع تي هڪ هنڌ ڇاپو هنيو

فائرنگ جي ڏي وٽ دوران ٻه اڻڄاتل جوابدار مارجي ويا، هٿيار ۽ موبائل فون هٿ آيا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي علائقي ماڙي پور ۾ اسپيشل انويسٽيگيشن يونٽ (ايس آءِ يو) پوليس ڳجهي اطلاع تي ڪارروائي ڪندي هڪ هنڌ ڇاپو هنيو جنهن دوران جوابدارن ۽ پوليس وچ ۾ فائرنگ جي ڏي وٺ ٿي ايس ايس پي ايس آءِ يو موجب پوليس مقابلي ۾ ٻه جوابدار
بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: هڪ ريڙهي تي انب وڪري لاءِ رکيل آهن

ڪراچي پورٽ ٽرسٽ جو نئون رڪارڊ سامونڊي شعبي جي ترقي جو ثبوت آهي: جنيد انوار چوڌري

ڪي پي ٽي هلندڙ مالي سال دوران 138 سالن جي تاريخ ۾ ڪارگو هينڊلنگ جو نئون رڪارڊ قائم ڪيو

اها ڪاميابي سامونڊي معيشت، بندرگاهي نظام ۽ قومي واپار کي هٿي ڏيڻ ۾ اهم اڳڀرائي آهي

اسلام آباد (اي پي پي) سامونڊي معاملن جي وفاقي وزير محمد جنيد انوار چوڌري چيو آهي ته ڪراچي پورٽ ٽرسٽ (ڪي پي ٽي) هلندڙ مالي سال دوران پنهنجي 138 سالن جي تاريخ ۾ ڪارگو هينڊلنگ جو نئون رڪارڊ قائم ڪري پاڪستان جي سامونڊي شعبي ۾ اهم سنگ ميل پار
بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

پي سي بي جي آفيشل پوڊڪاسٽ جي 86 هين قسط جاري ڪئي وئي

لاهور (اي پي پي) پاڪستان ڪرڪيٽ بورڊ جي آفيشل پوڊڪاسٽ جي 86 هين قسط جاري ڪئي وئي آهي جنهن ۾ ايرنڊ ليفٽ آرم فاسٽ باولر شهزاد گل مهمان طور شرڪت ڪئي آهي پوڊڪاسٽ دوران هن نيشنل ڪرڪيٽ اڪيڊمي جي ريڊ بال ڪيمپ جي حوالي سان تفصيلي ڳالهه
بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

لاهور: گرمي وڌڻ بعد هڪ نوجوان روڊ ڪناري وهنجي رهيو آهي

ملتان: هڪ مداري ۽ سندس باندر گرمي ۾ چانوري ۾ آرام ڪري رهيا آهن

پاڪستان ڳالهين ۽ سفارتڪاري ذريعي مسئلن جي پرامن حل جي حمايت جاري رکندو: اسحاق ڊار

نائب وزيراعظم بحرين جي پرڏيهي وزير ڊاڪٽر عبداللطيف بن راشد الزياني سان ٽيليفون تي ڳالهه ٻولهه ڪئي

اڳواڻن پاران "اسلام آباد مفاهمتي يادداشت" تي صحيحن بعد خطي ۾ تبديل ٿيندڙ صورتحال تي خيالن جي ڏي وٺ

خطي سميت سڄي دنيا ۾ امن ۽ استحڪام کي هٿي ڏيڻ لاءِ پاڪستان جي عزم جو ورجاءُ

اسلام آباد (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار بحرين جي پرڏيهي وزير ڊاڪٽر عبداللطيف بن راشد الزياني سان ٽيليفون تي ڳالهه ٻولهه ڪئي آچر تي پرڏيهي وزارت مان
بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 2

روانگي واپار ۽ ٽيڪنالاجي تي ٻڌل معيشت ئي پاڪستان کي آءِ ايم ايف تي ڀاڙڻ کان آزادي ڏياري سگهي ٿي: احسن اقبال

حڪومت "اڏام پاڪستان" پروگرام تحت نوجوانن کي جديد مهارتن ۽ مصنوعي ذهانت جي تربيت فراهم ڪري پئي

حق جي ويڙهه ۾ پاڪستان کي تاريخي ڪاميابي جو ڪريڊٽ وزيراعظم ۽ فيلڊ مارشل ڏانهن وڃي ٿو

پاڪستان موثر سفارتڪاري ذريعي عالمي امن جي قيام ۾ هاڪاري ڪردار ادا ڪيو آهي: وفاقي وزير

لاهور (اي پي پي) رٿابندي، ترقي ۽ خصوصي قدمن واري وفاقي وزير پروفيسر احسن اقبال چيو آهي ته پاڪستان جي بقا، خودمختياري ۽ ترقي جو ايندڙ ۽ فيصلائتو هدف معيشت، ٽيڪنالاجي ۽ مصنوعي
بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

بقايا 1 روزاني عبرت

ٽئون ٽيڪس لاڳو نہ ڪيو ويو آهي ۾ موجوده ٽيڪسن کي مناسب ۽ منظم بڻايو ويو آهي فنانس بل ذريعي ڪجهہ ٽيڪسن جي شرحن کي تبديل ڪيو ويو آهي مخالف ڌر قومي رانڊين لاءِ پئسن جي طلب ۾ گهٽتائي جي تحريڪ پيش ڪئي وڏي وزير ان تحريڪ جي مخالفت ڪئي مخالف ڌر فلم "ميرا لياري" جي مطالبي ۾ گهٽتائي جي تحريڪ پڻ پيش ڪئي هئي، جيڪا پڻ رد ڪئي وئي وڏي وزير ان تحريڪ جي مخالفت ڪئي ۽ چيو تہ سنڌ پهريون صوبو آهي جنهن فلم ٺاهي آهي ۽ هن فلم ۾ صوبي جو مثبت چهرو ڏيکاريو ويو آهي سنڌ فنانس بل جي منظوري دوران ايم ڪيو ايم ميمبر صابر قائمخاني زرعي شعبي تي سپر ٽيڪس جي شرح بابت هڪ ترميم پيش ڪئي جنهن ۾ چيو ويو تہ 50 ملين رپين جي سالياني زرعي آمدني تي 8 سيڪڙو ٽيڪس لاڳو ڪيو وڃي سنڌ جي وڏي وزير ترميم جي مخالفت ڪئي ۽ چيو تہ وفاقي حڪومت زرعي آمدني تي سپر ٽيڪس ۾ گهٽتائي ڇڏيو آهي ڇاڪاڻ تہ زرعي پيشہ ور ماڻهن وٽ اهڙي آمدني ناهي ايوان هن ترميم کي رد ڪري ڇڏيو فنانس بل ۾ مختلف ٽيڪسن جي شرح ۽ ٽيڪس نيٽ ۾ تبديلي ڪئي وئي آهي اجلاس ۾ وڏي وزير سيد مراد علي شاهہ مالي سال2026-27ع لاءِ صوبائي حڪومت جي 3,652 ارب رپين جي بجيٽ جو ڀرپور دفاع ڪندي ان کي محتاط مالي نظم ۽ ضبط، قانون سازي ۾ رڪارڊ شرڪت، زراعت، صحت، تعليم ۽ بنيادي ڍانچي ۾ نمايان ڪاميابين ۽ سنڌ کي واپان ماليات، قابل تجديد توانائي ۽ سيڙپڪاري جو علائقائي مرڪز بڻائڻ واري هڪ پرعزم روڊ ميپ جو عڪس قرار ڏنو سنڌ اسيمبليءَ ۾ بجيٽ بحث کي اڪلائيندي وڏي وزير چيو تہ صوبائي بجيٽ ۾ 344 ارب رپين جي خساري، وفاقي مالي وسيلن ۾ گهٽتائي ۽ گذريل مالي سال دوران 95 ارب رپين کان وڌيڪ اضافي خرچن باوجود مالي نظم ۽ ضبط برقرار رکيو آهي هن چيو تہ حڪومت ان باوجود اٽڪل 100 وڏا ترقياتي منصوبا مڪمل ڪيا سنڌ جي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو ڪٽڪ ۾ خودڪفالت حاصل ڪئي سماجي تحفظ جي پروگرامن کي هٿي ڏني ۽ عوامي خدمتن جي اهم شعبن ۾ سيڙپڪاري جاري رکي سنڌس حڪومت جي ڪارڪردگيءَ جي دفاع ۽ سنڌ جي مستقبل جي ويزن تي ٻڌل خطاب ۾ وڏي وزير سيد مراد علي شاهہ اعلان ڪيو تہ ڪيٽي بندر کي پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ ذريعي هڪ وڏي معاشي ۽ لاجسٽڪس مرڪز طور ترقي ڏني ويندي، سنڌ انٽرنيشنل فنانشل سينٽر قائم ڪيو ويندو سڄي صوبي ۾ گرين انرجي نيٽ ورڪ جوڙيو ويندو ۽ ننڍن آبادگارن کي بااختيار بڻائڻ لاءِ زرعي مالياتي نظام متعارف ڪرايو ويندو وڏي وزير ايندڙ مالي سال لاءِ 720 ارب رپين جي ساليانو ترقياتي پروگرام (اي ڊي پي) جو پڻ اعلان ڪيو جنهن مان 206 ارب رپيا ڪراچي لاءِ مخصوص ڪيا ويا آهن جڏهن تہ سڄي صوبي ۾ 1,800 کان وڌيڪ ترقياتي رٿائن کي مڪمل ڪرڻ جو عزم ظاهر ڪيو ويو پنهنجي خطاب دوران سيد مراد علي شاهہ چيو تہ سنڌ ٻين صوبن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ مالي احتياط جو مظاهرو ڪيو آهي جڏهن تہ سماجي شعبي جي خرچن جي تحفظ کي پڻ يقيني بڻايو ويو آهي هن ٻڌايو تہ تعليم ۽ صحت جي بجيٽ ۾ اضافو ڪيو آهي انتظامي خرچن ۾ 62 ارب رپين کان وڌيڪ گهٽتائي آندي وئي ۽ وسيلن کي ترقياتي رٿائن، سماجي ڀلائي، بنيادي ڍانچي ۽ معاشي ترقيءَ ڏانهن منتقل ڪيو ويو وڏي وزير سنڌس خطاب جو هڪ وڏو حصو مالي سال 2025-26ع دوران حڪومت جي ترقياتي ڪاميابين کي اجاگر ڪرڻ لاءِ وقف ڪيو ۽ هڪ تفصيلي تصويري پريزنٽيشن ذريعي هن صحت، تعليم، آبپاشي، روڊن، رهائش، معذور ماڻهن جي شموليت، سياحت، رانديڪن ۽ شهري ترقي جي مڪمل ٿيل رٿائن کي پيش ڪيو ۽ انهن کي ان ڳالهہ جو ثبوت قرار ڏنو تہ مالي مشڪلاتن باوجود صوبو ترقيءَ جي سفر کي جاري رکيو پيو اچي هن سنڌ پيپلز هائوسنگ فار فلڊ افيڪٽيز (ايس پي ايڇ ايف) پروگرام جي ڪاميابي کي پڻ نمايان ڪندي ان کي دنيا جو سڀ کان وڏو "اونر ڊرون" هائوسنگ رٿا قرار ڏنو وڏي وزير موجب ٻوڏ متاثر خاندانن لاءِ هيٺئر تائين 10 لک گهر مڪمل ڪيا ويا آهن جڏهن تہ وڌيڪ 6 لک گهر سڄي سنڌ ۾ تعمير هيٺ آهن سيد مراد علي شاهہ وڌيڪ چيو تہ گذريل سالن دوران امن امان، صحت، توانائي ۽ بنيادي ڍانچي ۾ مسلسل سيڙپڪاري صوبي کي بنيادي طور تبديل ڪري ڇڏيو آهي ٿر ڪول رٿا جي ڪاميابي اين آءِ سي وي ڊي ذريعي دل جي بيمارين جي مفت علاج جي سهولتن جي توسيع، سرڪاري صحت جي نظام ۾ بهتري ۽ قابل تجديد توانائي جي وڌندڙ صلاحيت جو حوالو ڏيندي هن چيو تہ سنڌ هاڻي پاڪستان ۾ معاشي ترقي ۽ سيڙپڪاري جي اهم ترين مرڪزن مان هڪ بڻجڻ جي صلاحيت رکي ٿو وفاق ۾ سنڌ جي ڪردار ۽ خدمتن جي اعتراف جي ضرورت تي زور ڀريندي وڏي وزير چيو تہ سنڌس حڪومت قومي استحڪام جي حمايت جاري رکندي، ۾ صوبي جي آئيني، مالي ۽ ترقياتي حقن جي تحفظ تائين پوئتي نہ هٽبو وڏي وزير سنڌ جي ترقياتي ايجنڊا تي وڌندڙ بين الاقوامي اعتماد جو پڻ ذڪر ڪندي ٻڌايو تہ گذريل اڍائي مهينن دوران ورلڊ بينڪ سنڌ لاءِ لڳ ڀڳ 1.7 ارب آمريڪي ڊالر ماليت جي رٿائن جي منظوري ڏني آهي هن انهن منظورين کي صوبي جي حڪمراني ۽ ترقياتي حڪمت عملي تي عالمي اعتماد جو اظهار قرار ڏنو سيد مراد علي شاهہ پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ (پي پي پي) جي فريم ورڪ کي وڌيڪ وسيع ڪرڻ جي حڪومتي عزم جو ورجاءُ ڪندي چيو تہ سنڌ ايندڙ سالن ۾ وڏن بنيادي ڍانچي سيڙپڪاري ۽ معاشي ترقي وارين رٿائن ذريعي هن ماڊل کي "اڳئين سطح" تائين وٺي ويندي.

بقايا 2 روزاني عبرت

سپوتن کي خراج عقيدت پيش ڪيو ۽ چيو تہ پاڪستان رينجرز جي جرئتمند جوانن وقت سر ۽ اثرائتي ڪارروائي ڪري 3 پارٽي حمايت يافتہ دهشتگردن کي ماري ڇڏيو ۽ سندن ناپاڪ ارادن کي ناڪام بڻايو گهرو وزير چيو تہ حملو ناڪام بڻائڻ دوران شهادت ماڻيندڙ بهادر سپوت پوري قوم جا هيرو آهن بهادر سپوتن جي لازوال قرباني قوم جي پختي عزم کي وڌيڪ مضبوط ڪري ٿي شهيدن جون عظيم قربانيون هميشہ ياد رکيون وينديون وفاقي وزير شهيدن جي وارثن سان دلي همدردي ۽ تعزيت جو اظهار ڪيو ۽ زخمي اهلڪارن جي جلد صحتيابي لاءِ دعا ڪئي.

بقايا 3 روزاني عبرت

منظوري حاصل ڪري ورتي آهي جڏهن تہ منصوبي لاءِ فنڊ بہ جاري ڪيا ويا آهن اها منظوري مواصلات واري وفاقي وزير عبدالعليم خان سينيٽ چيئرمين جي درخواست تي ڏني آهي ان منصوبي جي مالي معاونت روڊ مينٽيننس اڪائونٽ (آر ايم اي) فنڊ ذريعي ڪئي ويندي 62 ڪلوميٽر جي ان منصوبي تي 4.6 ارب رپيہ لاڳت جو ڪاٿو آهي ۽ هڪ سال ۾ مڪمل ٿيڻ جي اميد آهي منصوبي جي تعميراتي ڪم ايندڙ مهيني شروع ٿيڻ جو امڪان آهي منصوبي ۾ 44.8 ڪلوميٽر موجوده روڊ کي ٻن لائينن وارو تعمير ڪيو ويندو جڏهن تہ روڊ جي حفاظت ۽ ٽريڪ جي وهڪري کي بهتر بڻايو ويندو ملتان لوڌران روڊ سالن کان خراب حالي جو شڪار آهي جنهن سان مسافرن، ٽرانسپورٽرن ۽ رهاڪن کي ڏکيائيون پيش اچي رهيون هيون ان منصوبي جي مڪمل ٿيڻ سان سفر جي وقت ۾ گهٽتائي روڊ جي حفاظت کي بهتر بڻائڻ ۽ ٽرانسپورٽ جي بهتر سهولتن جي فراهمي جي اميد آهي منظوري تي اطمينان جو اظهار ڪندي سينيٽ چيئرمين چيو تہ ملتان لوڌران جي عوام سان ڪيل هڪ ٻيو واعدو پورو ٿي رهيو آهي هن چيو تہ روڊ جي تعمير ۽ ٻن لائينن وارو بڻائڻ سان عوام کي محفوظ، تيز ۽ بهترين سفري سهولتون ملنديون هن چيو تہ ڏکڻ پنجاب جي ڪي پراڻي مسئلن کي پائيدار ترقي ذريعي حل ڪرڻ سنڌس ترجيحن ۾ شامل آهي هن ان يقين جو اظهار ڪيو تہ اهو منصوبو مقرر وقت اندر مڪمل ڪيو ويندو هن معاشي ترقي ۽ زندگي جي معيار کي بهتر بڻائڻ لاءِ ڏکڻ پنجاب ۾ انفراسٽرڪچر ۽ عوامي خدمتن کي بهتر بڻائڻ لاءِ پنهنجي عزم جو ورجاءُ ڪيو.

بقايا 4 روزاني عبرت

وڏي وزير سيد قائم علي شاهہ خطاب ڪيو مخالف ڌر جي اڳواڻ علي خورشيدي چيو تہ بجيٽ سٺي ماحول ۾ پيش ڪيو ويو حڪومت ۽ مخالف ڌر جا ميمبر مبارڪباد جا مستحق آهن ميمبرن پاران ڪراچي ۾

رينجرز ڪيمپ تي دهشتگرد حملي جي مذمت ڪندي شهيد سپاهين کي بہ خراج تحسين پيش ڪيو هن افسوس جو اظهار ڪيو تہ صوبي جا ماڻهو بنيادي سهولتن کان محروم آهن نہ بجلي جي صورتحال اطمينان بخش آهي نہ گئس موجود آهي نہ ئي پاڻي جو بحران ختم ٿيو آهي سنڌ جي ماڻهن جي حقن کي مسلسل نظرانداز ڪيو پيو وڃي هن چيو تہ پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري قومي اسيمبلي ۾ ايم ڪيو ايم پاڪستان کي وفاقي حڪومت کان الڳ ٿيڻ ۽ وزارتن تان استعيفيٰ ڏيڻ جو مشورو ڏنو هو پر جيڪڏهن پيپلز پارٽي واقعي سنڌ تي ٿيندڙ ظلمن تي موقف وٺڻ چاهي ٿي تہ صدر آصف علي زرداري ۽ پيپلز پارٽي جي قيادت کي استعيفيٰ ڏيڻ گهرجي هن چيو تہ جيڪڏهن پيپلز پارٽي جي قيادت استعيفيٰ ڏئي ٿي تہ ايم ڪيو ايم پاڪستان بہ پنهنجي وفاقي وزارتن تان استعيفيٰ ڏيڻ لاءِ تيار آهي هن چيو تہ ان بحث کان سواءِ تہ ڇا هي بجيٽ عام ماڻهن، مزدورن، هاري، ماءُ ڀيڻ جي اميدن تي پورو لهي ٿو يا نہ؟ اها حقيقت آهي تہ بجيٽ سنڌ جي عوام جي اعتماد کي خساري ۾ وڃي رهي آهي اهو فرق ٺهو پوي تہ خزانو خالي آهي حڪومت جي بصيرت خالي نہ هجڻ گهرجي اسان کي هن بجيٽ ۾ حڪومت جي بصيرت غائب نظر اچي ٿي. مخالف ڌر جي اڳواڻ ضمني بجيٽ تي اعتراض ڪندي چيو تہ ضمني بجيٽ ۾ وڏي گڙٻڙ آهي آءِ ٽي پارڪ منصوبي ملتان بهاءُالدين ذڪريا لاءِ 97 ڪروڙ رپيا مختص ڪيا ويا آهن ڪيترو عجيب آهي تہ سنڌ جي ماڻهن جي ٽيڪس جو پئسو ٻئي هنڌ استعمال ٿي رهيو آهي علي خورشيدي چيو تہ پيپلز پارٽي ملتان بابت پريشان آهي سردار شاهہ چيو هو تہ ملتان اڳ ۾ سنڌ جو حصو هو تنهن ڪري پئسا ملتان تي خرچ ڪيا ويا آهن انفراسٽرڪچر سيس فنڊ مڪمل طور تي ڪراچي شهر جو پئسو آهي پنهنجي ميٽر جي 674 ارب رپيا ڏيو هن چيو تہ سنڌ ۾ ڪرپشن کان سواءِ ڪو بہ ڪم نٿو ٿي سگهي اپوزيشن ليڊر مطالبو ڪيو تہ گل پلازه سانحي جي ڪميشن رپورٽ ميمبرن سان شيئر ڪئي وڃي تہ جيئن اهو معلوم ٿئي تہ خوفناڪ باهہ جي پويان ڪهڙا مقصد هئا. صوبي جا ماڻهو ڄاڻڻ چاهين ٿا تہ گل پلازه سانحو ڪيئن ٿيو هن چيو تہ ڪي ايم سي ايس سي پي ايءِ ۽ ٻين ادارن جي ريٽائرڊ ملازمن کي هڪ پيرو پينشن ڏني وڃي سنڌ صوبي ۾ پگهارن ۾ 7 سيڪڙو واڌ ڪئي وئي آهي قومي اسيمبلي ۾ پيپلز پارٽي جي ميمبر 50 سيڪڙو جو مطالبو ڪري رهيا هئا علي خورشيدي چيو تہ گريڊ 1 کان 5 تائين جي ملازمن جي پگهارن ۾ گهٽ ۾ گهٽ 20 سيڪڙو واڌ ڪئي وڃي گريڊ 16 کان مٿي جي ملازمن کي ڪميشن تي ڪم ڪرڻ گهرجي پنجاب پوليس ڪانسٽيبلن جي پگهار پنجاب پوليس جي برابر ڪئي وڃي هن مطالبو ڪيو تہ پي ايس ٽي جي ايس ٽي جو مسئلو هڪ ڀيرو ۽ هميشہ لاءِ ختم ڪيو وڃي. سنڌ پوليس لاءِ اميدوارن جي انتظار جو مسئلو حل ڪيو وڃي ڏهن سالن کان چيو پيو وڃي تہ سنڌ فارنزڪ ليب ناهي ٺهي ان کي جلد مڪمل ڪيو وڃي سنڌ اسيمبلي ۾ مخالف ڌر جي اڳواڻ علي خورشيدي چيو تہ سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن کي ٺيڪ ڪيو وڃي سنڌ جا 11 هزار نوجوان ناڪام ٿيا ۾ آفيسرن جا ٻار پاس ٿيا ان تي جاچ ٿيڻ گهرجي هن چيو تہ جي وڏي وزير ڪي هن معاملي تي ڪارروائي ڪرڻ گهرجي هن ڪاڻي ۾ ڪو بہ سلو ماڻهو نہ ويلو آهي هن چيو تہ ايم پي اي هاسٽل جي عمارت ٺاهي وئي آهي هر سال بابو پئسا رکندا آهن ڪوبہ ڪم نہ ٿي رهيو آهي سرڪاري بابو ان تي بہ چاڻنا ڪٽنگ ڪرڻ لاءِ تيار آهن ڪي ايم سي ملازم سنگين مالي صورتحال کي منهن ڏئي رهيا آهن ڪي ايم سي ملازمن جي پگهارن ۾ واڌ ڪئي وڃي علي خورشيدي چيو تہ جون-جولاءِ جي فيس سپتي خانگي اسڪولن ۾ وصول ڪئي ويندي آهي، يونيفارم بابت عدالت جو فيصلو آهي، اسڪول انتظاميہ ٻارن کي اسڪول مان يونيفارم وٺڻ تي مجبور ڪري ٿي اسڪول جي ٻارن کي اسڪول جون ڪاپيون وٺڻ تي مجبور ڪيو ويندو آهي هن چيو تہ بينظير انڪم سپورٽ پروگرام ۾ بي ضابطگيون ٿيون آهن حڪومتي ميمبرن جو پاڪستان جي باني جي ٻارن سان رويو غلط آهي صوبي جي نيڪ نامي کي بحال نہ ڪيو پيو وڃي جتان پڪڙ ڪئو اتان ڪرپشن نڪرندي آهي. مخالف ڌر جي اڳواڻ چيو تہ 2029 ۾ اسان سڀ چونڊن ۾ هونداسين هر ڪو چاهي ٿو تہ وزيراعظم جو عهدو سنڌس پارٽي مان هجي اسان وٽ وزيراعظم جو اميدوار ناهي پيپلز پارٽي ۽ ايم ڪيو ايم ٻئي ختم نہ ٿيون ٿي سگهن جڏهن بہ سنڌ مان وزيراعظم چونڊيو ويندو آهي تہ شهري روٽ وڌيڪ اهم هوندا آهن انهن کان سواءِ نظام هلي نہ سگهندو جيڪڏهن اسان 2029 کي ڏهن ۾ رکون ٿا تہ پوءِ اسان کي هڪ ٻئي سان سٺو سلوڪ ڪرڻ گهرجي جيڪڏهن سنڌ بهتر آهي تہ پاڪستان بهتر ٿيندو ان کان اڳ پيپلز پارٽي جي سينيئر اڳواڻ قائم علي شاهہ پنهنجي بجيٽ تقرير ۾ چيو تہ بجيٽ ٺاهڻ آسان ڪم ناهي، پوري حڪومت کي ڪان چار مهينا ڪم ڪندي آهي مشڪل وقت ۾ متوازن بجيٽ ڏيڻ مشڪل آهي گذريل ارڙهن سالن دوران تاريخي ڪم ڪيو ويو آهي هن چيو تہ صوبن کي اين ايف سي ايوارڊ جي ضرورت آهي، صوبن جا ڪيتراڻي ڪاٿا اچا تائين مرڪز وٽ آهن ذوالفقار علي ڀٽو ڳالهين جو باداشاهہ هو هن 1973 جو آئين منظور ڪرايو اين ايف سي ايوارڊ جو نفاذ هڪ تاريخي فيصلو آهي جيڪو صدر آصف علي زرداري 2010 ۾ لاڳو ڪيو هو قائم علي شاهہ چيو تہ ٿر جي ڪوئلي مان پيدا ٿيندڙ بجلي وفاق کي ويندي آهي، بجلي وفاق ۽ گڏيل مفادن واري ڪائونسل جو مسئلو آهي ڪراچي جي وفاقي وزيرن کي بجلي جي مسئلي تي آواز اٿارڻ گهرجي تعليم ۽ صحت لاءِ سڀ کان وڌيڪ بجيٽ مختص ڪئي وئي آهي بنهي شعبن ۾ تمام گهڻي ترقي ٿي آهي ڪراچي ۾ گهڻو ڪم ٿيو آهي مخالف ڌر ان کي قبول نہ ڪندي، عوام ان کي قبول ڪندو اسان کي ڌمڪيون نہ ڏيو اسان کي ڌمڪيون نہ ڏنيون وينديون ايوان جي ڪارروائي دوران اسپيڪر چيو تہ 168 مان 141 ميمبر هاڻي تائين ڳالهائي چڪا آهن ايوان ۾ 36 ڪلاڪن کان وڌيڪ تقريرون ڪيون ويون سنڌ اسيمبلي ۾ سڀ کان وڌيڪ ميمبرن تقرير ڪئي آهي

بقايا 5 روزاني عبرت

تي ايوان صدر جي پريس ونگ مان جاري بيان مطابق صدر مملڪت حملي ۾ شهيد ٿيل پاڪستان رينجرز جي ڪن جوانن کي خراج عقيدت پيش ڪيو ۽ شهيدن جي درجن جي بلندي لاءِ دعا ڪئي صدر مملڪت آصف علي زرداري چيو تہ دهشتگردي خلاف جنگ ۾ قوم پنهنجن بهادر سپاهين جي قربانين کي ڪڏهن بہ نہ وساريندي هن چيو تہ پرڏيهي سرپرستي ۾ سرگرم دهشتگرد عنصرن جا ناپاڪ عزم ڪڏهن بہ ڪامياب نہ ٿيندا. صدر مملڪت چيو تہ پاڪستاني قوم دهشتگردي خلاف پنهنجي سيڪيورٽي فورسز ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي بيٺل آهي هن چيو تہ شهيدن جون قربانيون دهشتگردي جي مڪمل خاتمي جي قومي عزم کي وڌيڪ مضبوط ڪن ٿيون صدر مملڪت شهيدن جي ڪٽنب ڀاتين سان دلي همدردي ۽ تعزيت جو اظهار ڪيو ۽ زخمي اهلڪارن جي جلدي صحتيابي لاءِ دعا ڪئي

بقايا 6 روزاني عبرت

سردار تنوير الياس جي رهائش گاهہ تي اهم مشاورتي اجلاس منعقد ٿيو اجلاس ۾ خيبر پختونخوا جي گورنر فيصل ڪريم ڪنڊي، پنجاب جي گورنر سردار سليم حيدر، آزاد ڪشمير جي اڳوڻي صدر سردار يعقوب، پيپلزپارٽي جي مرڪزي اڳواڻ چوڌري رياض ۽ آزاد ڪشمير جي ٻين اهم سياسي شخصيتن شرڪت ڪئي آچر ڏينهن گورنر آفيس مان جاري بيان مطابق اجلاس ۾ آزاد ڪشمير جي صورتحال تي پيپلزپارٽي جي ڪردار ٻين سياسي پارٽين سان رابطن ۽ ان سان لاڳاپيل معاملن تي غور ڪيو ويو اجلاس ۾ پيپلز پارٽي طرفان آزاد ڪشمير جي ايندڙ چونڊن ۾ ٽڪيٽن جي ورهاست، ڪشمير جي سياسي پارٽين ۽ مقامي تنظيمن جي معاملن تي بہ ڳالهہ ٻولهہ ڪئي وئي

بقايا 7 روزاني عبرت

جي رينجرس تنصيبات تي حملي ۾ شهيد ٿي ويو جنهن جو مڙهہ ڪراچي کان سنڌس ڳوٺ رستم پهتو ۾ ٻن رينجرس جي گاڏين جي پروٽوڪول ۾ ايمبولينس ۾ آندو ويو جتي سنڌس عزيزن کي شهيد جو آخري ديدار ڪرايو ويو جنهن کانپوءِ فوجي اعزاز سان گڏ ڪيس آبائي قبرستان پير بودلو ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو

بقايا 8 روزاني عبرت

سروس مطابق امرتسر پوليس جون 2026ع ۾ هڪ افغان شهري سميت 7 جوابدارن کي گرفتار ڪري ۽ 10 جديد ترين هٿيار 5 ڪلو کان وڌيڪ هيروئن ۽ 30.38 لک رپين جي منشيات هٿ ڪرڻ جي دعويٰ ڪئي پرڏيهہ ۾ رهندڙ ٽن ڏارن جي هيري سرپنچ جي پاڪستان سان اسمگلنگ چينلز ذريعي هڪ نيٽ ورڪ هلائڻ جو الزام لڳايو ويو تجزيو ڪندڙن جو چوڻ آهي تہ پارٽي اختياريون ان ضبطگي کي پاڪستان جي حمايت يافتہ نيٽ ورڪ جي وڏي بيانيي ۾ تبديل ڪري رهيون آهن تہ جيئن ملڪ اندر امن امان جي ناڪامي کي سلامتي لاءِ پرڏيهي خطري طور پيش ڪري سگهجي ان سان هو پنجاب ۾ بدعنواني ۽ بي روزگاري، منشيات ورڪو ڪندڙن ۽ پوليس جي ملي ڀڳت بابت سوالن کان بچڻ جي ڪوشش ڪري رهيون آهن ٽن ڏارن جيڪو هڪ سرحدي ضلعو ۽ سکن جو ثقافتي مرڪز آهي ۽ جيڪو 90-1980ع جي ڏهاڪي ۾ خالصتان تحريڪ دوران شديد متاثر ٿيو ان کي بار بار اهڙي قسم جي پروپيگنڊا لاءِ استعمال ڪيو ويندو آهي هر اسمگلنگ ڪيس کي ڏورن جي مداخلت جي دعويٰ کي سرحد پار سازش جي پروپيگنڊا ۾ ثبوت طور پيش ڪيو ويندو آهي تجزيو ڪندڙن جو چوڻ آهي تہ پارٽي جو اصل مقصد سرحدي تحفظ نہ پر سک ڪميونٽي کي دٻائڻ ۽ قومي سلامتي جي بيانيي جي آڙ ۾ رياستي ناڪامين کي لڪائڻ آهي

بقايا 9 روزاني عبرت

چيو آهي تہ ڪراچي ۾ رينجرز اهلڪارن تي دهشتگرد حملو انتهائي افسوسناڪ ۽ مذمت جوڳو آهي سماجي رابطي جي ويب سائيٽ ايڪس تي اچر تي پنهنجي هڪ پوسٽ ۾ وفاقي وزير چيو تہ وطن عزيز جي تحفظ لاءِ پنهنجي جانين جي قرباني پيش ڪندڙ شهيد سموري قوم جو فخر آهن جن جي عظيم قربانين کي هميشہ ياد رکيو ويندو هن واضح ڪيو تہ دهشتگردي ڪنهن بہ صورت قبول جوڳي ناهي، پاڪستان جا بهادر سيڪيورٽي ادارا هر سازش جو ڀرپور جواب ڏيندا رهندا هن شهيدن جي ڪٽنب ڀاتين سان دلي همدردي ۽ زخمي اهلڪارن جي جلدي ۽ مڪمل صحتيابي لاءِ دعا بہ ڪئي وفاقي وزير دعا ڪئي تہ الله تعاليٰ پاڪستان کي امن ۽ استحڪام عطا ڪري ۽ اسان جي سيڪيورٽي ادارن کي پنهنجي حفاظت ۾ رکي

بقايا 10 روزاني عبرت

وزير انجنيئر امير مقام سان پشاور هاءِ ڪورٽ بار جي اڳوڻي جنرل سيڪريٽري ۽ مشهور قانوندان ايڊووڪيٽ عمران خان مٽا سنڌس رهائشگاهہ تي ملاقات ڪئي ان موقعي تي هن پنهنجي خاندان ۽ ساٿين سميت باضابطہ طور پاڪستان مسلم ليگ (ن) ۾ شموليت جو اعلان ڪيو وفاقي وزير انجنيئر امير مقام ايڊووڪيٽ عمران خان مٽا کي پارٽي ڪيپ پارائي مسلم ليگ (ن) ۾ شموليت تي مبارڪون ڏنيون ۽ سنڌس آجيان ڪئي وفاقي وزير وڪيل برادري جي خدمتن کي خراج تحسين پيش ڪندي چيو تہ آئين جي بالادستي ۽ قانون جي حڪمراني کي هٿي ڏيارڻ ۾ وڪيلن جو ڪردار هميشہ اهم رهيو آهي ايڊووڪيٽ عمران خان مٽا ان موقعي تي پاڪستان مسلم ليگ (ن) جي قيادت تي مڪمل اعتماد جو اظهار ڪندي چيو تہ هو قائد محمد نواز شريف، وزيراعظم محمد شهباز شريف ۽ انجنيئر امير مقام جي قيادت ۾ پارٽي جي ويزن، منشور ۽ عوامي خدمت جي مشن کي اڳيان وڌائڻ لاءِ ڀرپور ڪردار ادا ڪندو ان موقعي تي پشاور هاءِ ڪورٽ بار جي جنرل سيڪريٽري اشفاق احمد دادوزئي، مسلمان لائرز فورم جي صدر هدايت الله خان، جنرل سيڪريٽري اڪبر يوسف خان ۽ مسلم لائرز فورم جا ٻيا عهديدار بہ موجود هئا

بقايا 11 روزاني عبرت

ورهاست تي سخت ردعمل ڏيندي چيو آهي تہ سنڌ حڪومت جون ترقياتي دعوائون زميني حقيقتن جي مڪمل ابتڙ آهن هن چيو تہ جيڪڏهن سنڌ جي هڪ بہ روڊ ٺيڪ ناهي تہ پوءِ شهري روزانو ڪهڙن ڪنڊرات بقيل رستن تي سفر ڪري رهيا آهن؟ بجيٽ ۾ ڪراچي جي ترقي لاءِ رکيو 100 ارب رپيا مختص ڪرڻ ڪراچي دشمني آهي ڪراچي حيدرآباد ۽ سنڌ جي ٻين شهرن جون ٽٽل روڊ، رهندڙ گٽر نالا ۽ ناقص نيڪال جو نظام حڪومتي دعوائن کي ڪوڙو ثابت ڪري ٿو آهن فوزيہ صديقي چيو تہ عوام کي بيانن جي ذريعي وڌيڪ دوکو نٿو ڏئي سگهجي چو تہ زميني حقيقتون سڀني جي سامهون آهن سنڌ جي بجيٽ ۾ بلديات لاءِ 155 ارب رپيا مختص ڪيا ويا آهن پر اڄ بہ عوام صاف پيئڻ جي پاڻي بهتر روڊن نيڪال جي نظام ۽ ٻين بنيادي سهولتن کان محروم آهي هن سوال اٿاريو تہ گذريل 18 سالن دوران بلدياتي ادارن کي مليل 2360 ارب رپيا آخر ڪٿي خرچ ٿيا؟ جيڪڏهن ايتري وڏي رقم عوامي ڀلائي تي خرچ ڪئي وئي آهي تہ پوءِ سنڌ جا شهر اڄ بہ بنيادي ڍانچي جي تباهيءَ جو شڪار ڇو آهن؟ فوزيہ صديقي چيو تہ ٿئي کان ملي تائين 750 آر او پلانٽن جي منصوبن ۾ اربين رپين جي ڪرپشن جا الزام سامهون اچي چڪا آهن ملي ۾ ايشيا جو سڀ کان وڏو آر او پلانٽ بند ڇو پيو آهي؟ سنڌ حڪومت ان جو جواب ڏئي اهڙيءَ طرح سولر انرجي پروگرام ۾ مبينا اربين رپين جي ڪرپشن جي بہ شفاف جاچ ٿيڻ گهرجي هن چيو تہ سنڌ جي هر ڪاڻي ۾ هر مهيني ڪروڙين رپين جو بجيٽ ملي ٿي پر عوام جا مسئلا جيئن جا تيئن برقرار آهن جيڪڏهن سنڌ جون سڀئي روڊون ٺيڪ آهن تہ پوءِ شهري ٽٽل روڊن، گندگي ۽ نيڪال جي مسئلن کي چو منهن ڏئي رهيا آهن؟ فوزيہ صديقي چيو تہ ڪاغذن تي ترقي ۽ زمين تي تباهي سنڌ حڪومت جي ڪارڪردگي جو اهو ئي نام نهاد ترقياتي ماڊل آهي ميئر ڪراچي مرتضيٰ وهاب جي نااهليءَ سبب ڪراچي شهر بنيادي سهولتن کان محروم آهي ۽ برسات پوڻ شرط ڪراچي جون سڙڪون تلاءُ ۽ گهٽيون ڍنڍن جو منظر پيش ڪرڻ لڳن ٿيون هن وڌيڪ چيو تہ ڪراچي جي عوام کي بيان نہ پر صاف سڙڪون بهتر نيڪال جو نظام، صاف پيئڻ جو پاڻي ۽ ٻيون بنيادي سهولتون گهرجن اربين رپين جي بجيٽ باوجود شهر ڪنڊرات بڻجندا پيا وڃن آخر انهن پئسن جو حساب ڪير ڏيندو؟ فوزيہ صديقي مطالبو ڪيو تہ سنڌ حڪومت بلدياتي فنڊن آر او پلانٽن ۽ ٻين ترقياتي منصوبن جي مڪمل تفصيل عوام آڏو پيش ڪري ۽ سڀني مبينا بي ضابطگين جي شفاف جاچ ڪرائي چو تہ سنڌ جي عوام کي هاڻي رڳو دعوائن نہ پر ڪارڪردگي، شفافيت ۽ احتساب گهرجي

بقايا 12 روزاني عبرت

ڪيو آهي سامونڊي معاملن واري وزارت پاران آچر تي جاري بيان ۾ هن چيو تہ ڪراچي پورٽ ٽرسٽ 5 ڪروڙ 46 لک 85 هزار ٽن ڪارگو هينڊلنگ جو اڳوڻو رڪارڊ پار ڪري ورتي جيڪو بندرگاهہ جي وڌندڙ صلاحيت، اثرائتي انتظامي قدمن ۽ بهتر آپريشنل ڪارڪردگي کي ظاهر ڪري ٿو وفاقي وزير چيو تہ اها ڪاميابي پاڪستان جي سامونڊي معيشت، بندرگاهن جي نظام ۽ قومي واپار لاءِ هڪ وڏي ۽ اهم اڳڀرائي آهي. جيڪا سامونڊي معاملن واري وزارت جي سنڌان واري پاليسين ۽ اداري جي پيشيوراڻي صلاحيت جي عڪاسي ڪري ٿي. هن ان تاريخي ڪاميابي تي ڪراچي پورٽ ٽرسٽ جي چيئرمين ريئر ايڊمرل (ر) شاهد احمد، آفيسرن، ملازمن ۽ ٻين لاڳاپيل ادارن کي مبارڪون ڏيندي چيو تہ اها گڏيل محنت، اثرائتي منصوبہ بندي ۽ ٽيم ورڪ جو نتيجو آهي هن چيو تہ حڪومت بندرگاهن کي جديد بڻائڻ، انهن جي صلاحيت وڌائڻ، لاجسٽڪس نظام کي وڌيڪ اثرائتو بڻائڻ ۽ عالمي معيار جون سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ قدم جاري رکيا آهن تہ جيئن پاڪستان خطي جو هڪ مضبوط سامونڊي ۽ واپاري مرڪز طور پنهنجي پوزيشن مستحڪم ڪري سگهي هن ان عزم جو ورجاءُ ڪيو تہ سامونڊي معاملن واري وزارت ڪراچي پورٽ سميت ملڪ جي ٻين بندرگاهن جي جديد ترقي، سيڙپڪاري کي هٿي ڏيڻ ۽ واپاري سرگرمين ۾ اضافي لاءِ پنهنجون ڪوششون جاري رکندي تہ جيئن قومي معيشت کي وڌيڪ مضبوط بڻائي سگهجي ان موقعي تي ڪراچي پورٽ ٽرسٽ جي چيئرمين ريئر ايڊمرل (ر) شاهد احمد بہ آفيسرن ۽ ملازمن کي مبارڪون ڏيندي چيو تہ اهو رڪارڊ اداري جي پيشيوراڻي صلاحيت، اثرائتي حڪمت عملي ۽ ٽيم ورڪ جو نتيجو آهي ۽ اڳتي بہ ڪراچي پورٽ جي ڪارڪردگي ۽ صلاحيت کي وڌيڪ بهتري آڻڻ لاءِ قدم کڻڻ جو سلسلو جاري رهندو

بقايا 13 روزاني عبرت

ذهانت جي ميدان ۾ ڪاميابي حاصل ڪرڻ آهي ڇاڪاڻ تہ روانگي ۽ واپار ۽ جديد ٽيڪنالاجي تي ٻڌل معيشت ٺي پاڪستان

ڪي آءِ ايم ايف تي پاڙڻ کان مستقل نجات ڏيارڻ سگهي ٿي هن چيو تہ حڪومت "اڙان پاڪستان" پروگرام تحت نوجوانن کي جديد ڊجيٽل مهارتن ۽ مصنوعي ذهانت جي تربيت فراهم ڪري پاڪستان کي عالمي معيشت ۾ نمايان مقام ڏيارڻ لاءِ عملي قدم کڻي رهي آهي هن انهن خيالن جو اظهار هن آچر تي هيلٿ رسڪ ٽريننگ اينڊ ڊوليپمينٽ سينٽر ۾ منعقد تقريب کي خطاب ڪندي ڪيو ان موقعي تي ايم اين اي حافظ ميان نعمان، مسلم ليگ (ن) جو اڳواڻ عمران گورائيہ سميت اداري جا سينئر عملدار ۽ ملازمن وڏي تعداد موجود هئا وفاقي وزير چيو تہ گروپ چيئرمين طاهر جاويد آمريڪا ۽ پاڪستان وچ ۾ لاڳاپن کي هٿي وٺائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهيو آهي جڏهن تہ تازي حق جي ويڙهہ ۾ الله تعاليٰ پاڪستان کي تاريخي عزت ۽ وقار سان نوازيو ۽ پوري دنيا پاڪستان کي دفاعي صلاحيتن جي قابل ٿي هن چيو تہ ان ڪاميابي جو ڪريڊٽ وزيراعظم محمد شهباز شريف ۽ فيلڊ مارشل سيد عاصم منير ڏانهن وڃي ٿو جن جي قيادت ۾ پاڪستان عالمي سطح تي پنهنجو وقار وڌيڪ مستحڪم ڪيو هن چيو تہ جيڪڏهن ايران ۽ آمريڪا وچ ۾ ڇڪتاڻ ۽ جنگ ڊگهي پکڙي ها تہ دنيا شديد معاشي بحران تيل جي قيمتن ۾ غير معمولي اضافي ۽ عالمي سطح تي مهانگائي جي هڪ نئين طوفان جو شڪار ٿي وڃي ها جڏهن تہ پاڪستان موثر سفارتڪاري ذريعي عالمي امن جي قيام ۾ هاڪاري ڪردار ادا ڪيو هن چيو تہ اڄ سڄي دنيا ۾ پاڪستان جي سفارتي ڪاميابين جو اعتراف ڪيو پيو وڃي پر جيڪڏهن اسان "معيشت" ۾ ڪاميابي نہ ٿياسين تہ ٻين ڪاميابين جا ثمر محدود ٿي ويندا هن چيو تہ 1998 ۾ پاڪستان جي ترقي جي هڪ نئين ويزن جو بنياد رکيو ويو هن چيو تہ 2013ع ۾ مسلم ليگ (ن) جي حڪومت کي دهشتگردي ۽ بدترين لوڊ شيڊنگ جهڙا سنگين چئلينجز سامهون هئا پر محمد نواز شريف جي قيادت ۾ ملڪ مان دهشتگردي ۽ توانائي بحران تي وڏي حد تائين ضابطو آندو ويو هن چيو تہ حڪومت سياست تي رياست ۽ معيشت کي ترجيح ڏني، جنهن جي نتيجي ۾ مهانگائي جي شرح 38 سيڪڙو مان گهٽ ٿي اٽڪل 6 سيڪڙو تي آئي جڏهن تہ پاليسي ريٽ بہ 23 سيڪڙو مان گهٽ ٿي 10 سيڪڙو تائين پهچي ويو هن چيو تہ هڪ منظم مهم ذريعي نوجوانن ۾ مايوسي ۽ انتهاپسندي کي هٿي ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي وئي جنهن سان قومي ادارن کي نقصان پهتو هن چيو تہ آءِ ايم ايف تي پاڙڻ جي خاتمي لاءِ روانگي واپار ۾ اضافو اٿر آهي جڏهن تہ پرڏيهہ ۾ رهندڙ اٽڪل 90 لک پاڪستاني ساليانو 40 ارب ڊالر پرڏيهہ مان ٺاٺو موڪلي ملڪي معيشت کي مضبوط بڻائي رهيا آهن هن چيو تہ مصنوعي ذهانت عالمي معيشت ۾ انقلاب برپا ڪيو آهي ان لاءِ نوجوانن کي جديد ڊجيٽل مهارتن سان ليس ڪرڻ وقت جي اهم ضرورت آهي هن چيو تہ پاڪستاني قوم جي پناهہ صلاحيتون رکندڙ آهي ۽ پاليسين جي تسلسل قومي يڪجهتي ۽ محنت ذريعي پاڪستان ترقي ۽ خوشحالي جون نيون منزلون طئي ڪري سگهندو بعد ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي هڪ سوال جي جواب ۾ هن چيو تہ ڪوريا ۽ ايران وچ ۾ امن معاهدو ٿي چڪو آهي ۽ اميد آهي تہ باقي رهيل معمولي رڪاوٽون بہ جلد ختم ٿي وينديون هڪ ٻئي سوال جي جواب ۾ هن چيو تہ پارٽ پاڪستان جي حصي جو پاڻي نہ روڪي سگهي، پاڪستان پنهنجي دفاع ۽ قومي مفادن جي تحفظ جو مڪمل حق رکي ٿو جڏهن تہ عالمي برادري بہ ان معاملي تي پارٽ تي دباءُ وڌهي رهي آهي تقريب جي پڄاڻي تي بهترين ڪارڪردگي جي تربيت مڪمل ڪندڙن ۾ انعام ورهايا ويا.

بقايا 14 روزاني عبرت

ٻولهہ ڪئي ۽ ٻڌايو تہ ان ڪيمپ سبب ڪيس پنهنجي بالنگ جي مهارت ۾ وڌيڪ اضافي جو موقعو مليو شهزاد گل ڊوميسٽڪ سيزن 26-2025ع ۾ پنهنجي شاندار ڪارڪردگي تي بہ روشني وڌي هن ٻڌايو تہ هو هن وقت تائين 14 فرسٽ ڪلاس ميچن ۾ شاندار بالنگ جو مظاهرو ڪندي 73 وڪيٽون حاصل ڪري چڪو آهي جيڪو سنڌس محنت ۽ صلاحيتن جو ثبوت آهي ان کان علاوه نوجوان فاسٽ بالر ايڇ بي ايل پاڪستان سپر ليگ جي 11 هين ايڊيشن ۾ ملتان سلطانز جي نمائندگي جي يادگار تجربي جي بہ ڳالهايو ۽ ايران ڪرڪيٽ جي وڏن اسٽارز سان ڊريسنگ روم شيئر ڪرڻ کي پنهنجي ڪيريئر لاءِ انتهائي فائديمند قرار ڏنو

بقايا 15 روزاني عبرت

مڪمل خاتمي ۽ شهرين جي جان ۽ مال جي تحفظ لاءِ پنهنجي پاليسي تي ثابت قدم آهي هن حملي ۾ شهيد ٿيندڙ رينجرز جي بهادر جوانن کي ڀرپور ڀيٽا پيش ڪندي چيو تہ وطن خاطر پنهنجيون جانيون قربان ڪندڙ اسان جا بهادر شهيد سڄي قوم جو فخر آهن ۽ سندن لازوال قربانيون هميشہ ياد رکيون وينديون هن شهيدن جي بلند درجن ۽ وارثن لاءِ صبر جميل ۽ زخمي اهلڪارن جي جلد ۽ مڪمل صحتيابي لاءِ دعا پڻ ڪئي ڊاڪٽر شاهہ سندر آڏواڻي چيو تہ دهشتگرد عنصر ملڪ ۾ خوف ۽ هراس ڦهلائڻ چاهين ٿا، پر سنڌ حڪومت قانون لاڳو ڪندڙ ادارن ۽ سيڪيورٽي فورسز سان گڏجي سندن ناپاڪ ارادن کي هرگز ڪامياب ٿيڻ نہ ڏيندي هن دهشتگردن جو بهادري سان مقابلو ڪندڙ رينجرز جي جوانن کي بہ خراج تحسين پيش ڪريون ٿا

بقايا 16 روزاني عبرت

هي هڪ بزدلاڻو عمل آهي هن چيو تہ دهشتگردن جو نہ ڪو مذهب هوندو آهي ۽ نہ ئي ڪو انسانيت وارو نظريو انهن جو واحد مقصد پاڪستان جو امن تباهہ ڪرڻ آهي. حليم عادل شيخ چيو تہ رينجرز جي بهادر جوانن بروقت ڪارروائي ڪري دهشتگردن جي ناپاڪ ارادن کي خاڪ ۾ ملائي ڇڏيو جنهن جي ٿو هو سارا هم جا مستحق آهن هن چيو تہ هن حملي ۾ شهيد ٿيندڙ رينجرز جي جوانن جون قربانيون سڄي قوم لاءِ فخر جو باعث آهن. سندن رت هرگز رائيگان نہ ويندو هو شهيدن جي وارثن جي ڏک ۾ برابر جا شريڪ آهن ۽ زخمي اهلڪارن جي جلد صحتيابي لاءِ دعاگو آهن حليم عادل شيخ وڌيڪ چيو تہ پاڪستان تحريڪ انصاف دهشتگردي ۽ انتهاپسندي جي هر شڪل جي بنا ڪنهن فرق جي سخت مذمت ڪري ٿي ۽ ملڪ ۾ امن، قانون جي بالادستي ۽ قومي يڪجهتي لاءِ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪندي رهندي

بقايا 17 روزاني عبرت

ڪانيو علائقي ۾ خوف ۽ هراس پکڙجي ويو جڏهن تہ ورڪشاپ ۾ موجود ماڻهو واقعي واري هنڌ پهچي ويا اطلاع ملڻ تي پوليس ۽ امدادي ٽيمون فوري طور واقعي واري هنڌ پهتيون پوليس فوٽي جو لاش تحويل ۾ وٺي ايمبولينس ذريعي جناح اسپتال منتقل ڪيس جتي ضروري قانوني ڪارروائي مڪمل ڪئي پئي وڃي پوليس موجب فوتي جي سڃاڻپ 25 ورهين جي غلام حيدر ولد ابراهيم طور ٿي آهي، جيڪو ورڪشاپ ۾ ڪم دوران ٽينڪي ڦاٽڻ جي نتيجي ۾ سخت زخمي ٿيو ۽ موقعي تي ئي فوت ٿي ويو پوليس جو چوڻ آهي تہ واقعي جي سببن بابت جاچ جاري آهي. شروعاتي طور ٽينڪي اندر دباءُ وڌڻ يا فني خرابي سبب حادثو پيش اچڻ جو امڪان ظاهر ڪيو پيو وڃي. جڏهن تہ حتمي سبب جاچ مڪمل ٿيڻ کانپوءِ سامهون ايندو پوليس وڌيڪ جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي ۽ ورڪشاپ ۾ حفاظتي انتظامن جو پڻ جائزو ورتو پيو وڃي

بقايا 18 روزاني عبرت

مان ڪيئي قانوني ڪارروائي لاءِ سول اسپتال منتقل ڪيو هڪ بڌي ٿوت ٿيندڙ نوجوان جي سڃاڻپ 18 سالن جي سيف قريشي پٽ انور قريشي ۽ 27 سالن جي زبير گل پٽ محمود گل طور ٿي آهي ٻئي فوت ٿيل نوجوان دوست ۽ پاڪ ڪالوني حسرت موهاني ڪالوني جا رهواسي هئا

بقايا 19 روزاني عبرت

ناٿا خان پل پرسان انجاڻل گاڏي جي ٽڪر لڳڻ سبب هڪ واٽهڙو فوت ٿي ويو چيپا ذريعن موجب حادثي ڪانپوءِ امدادي ٽيمون واقعي واري هنڌ پهتيون ۽ فوتي جو لاش ايمبولينس ذريعي جناح پوسٽ گريجوئيٽ ميڊيڪل سينٽر (جناح اسپتال) منتقل ڪيو ويو ذريعن جو چوڻ آهي تہ فوت ٿيل واٽهڙو جي سڃاڻپ اڃا تائين نہ ٿي سگهي آهي جڏهن تہ ٽڪر هڻندڙ گاڏي ۽ ان جي ڊرائيور بابت بہ فوري طور ڪا ڄاڻ سامهون نہ آئي آهي. پوليس واقعي جو ڪيس داخل ڪري جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي. جڏهن تہ فوتي جي سڃاڻپ لاءِ پڻ ڪوششون جاري آهن

بقايا 20 روزاني عبرت

خودڪشي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي معي ۾ گولي لڳڻ سبب نوجوان سخت زخمي ٿي پيو جنهن کي وارث گهٽي جوڳي حالت ۾ سول اسپتال جيڪب آباد ڪاٺائي آيا جتان ڊاڪٽرن پاران نوجوان کي طبي امداد ڏئي سکر نجي اسپتال منتقل ڪيو ويو ان سلسلي ۾ زخمي نوجوان جي پاءُ پريم ڪمار صحافين کي ٻڌايو تہ منهنجي پاءُ گهر اندر ڪمري ۾ پاڻ مٿان پستول جو فائر ڪري خودڪشي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي معي ۾ گولي لڳڻ سبب هو گهٽي جوڳي حالت ۾ سکر جي نجي اسپتال ۾ داخل آهن جنهن جو علاج هلندڙ آهي هن چيو تہ واقعي بابت پاءُ ڪجهہ ٻڌائڻ لاءِ تيار ناهي تہ هن پاڻ مٿان آخر ڇاڪاڻ فائر ڪيو هوڙائهن آخري اطلاعن تائين حد جي سٽي ٿاڻي تي واقعي جو ڪيس وغيره داخل نہ ٿي سگهيو هو

بقايا 21 روزاني عبرت

جيڪي بجيٽ بحث دوران ڪيا ويا ۽ جن کي هن حقيقتن جي ابتڙ ۽ گمراهہ ڪندڙ قرار ڏنو 1971ع جي واقعن بابت ڳالهائيندي وڏي وزير شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي ڪردار جو دفاع ڪندي چيو تہ گڏيل قومن جي جاچ رپورٽ ۾ ڪرڻ واري فيصلي کي تنقيد ڪرڻ تاريخي پسمنظر کي نظرانداز ڪرڻ جي برابر آهي سنڌس موجب اها قرارداد دراصل پاڪستان جي ورهاڱي ۽ هٿيار ڦٽا ڪرڻ کي تسليم ڪرڻ جي برابر هئي، جنهن جو حصو بڻجڻ کان ذوالفقار علي ڀٽو انڪار ڪيو ۽ احتجاج طور اجلاس مان واڪ آئوٽ ڪيو وڏي وزير وفاقي مالي منتقلي ۽ صوبائي مالياتي معاملن بابت ڪيل دعوائن کي بہ چئلينج ڪندي چيو تہ اپوزيشن جي هڪ ميمبر دعويٰ ڪئي هئي تہ سنڌ کي 71 ڪرب رپيا مليا، پر بعد ۾ پاڻ ئي اعتراف ڪيو تہ اهي انگ ڪاغذ جائتي وڌائي پيش ڪيا ويا هئا. صوبي جي صحت واري نظام جو دفاع ڪندي وڏي وزير ان تاثر کي رد ڪيو تہ معياري طبي سهولتون رڳو ڪراچي تائين محدود آهن هن چيو تہ سکر جي اسپتال ۾ علاج معالجي جا انگ اکر پيش ڪندي ٻڌايو تہ برين يونٽن سميت خاص طبي سهولتون ڪراچي سميت گمبٽ ۽ حيدرآباد جهڙن شهرن ۾ پڻ موجود آهن پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ (پي پي پي) رٿائن تي تنقيد جي جواب ۾ سيد مراد علي شاهہ واضح ڪيو تہ صوبائي حڪومت خودمختيار ضمانتون (Sovereign Guarantees) جاري نٿي ڪري سگهي جيئن ڪجهہ اپوزيشن ميمبرن دعويٰ ڪئي هئي. ڪراچي جي ترقي لاءِ گذريل بلدياتي دورن ۾ ٿيل خرچن بابت دعوائن کي رد ڪندي وڏي وزير اڳوڻي ميئر مصطفيٰ ڪمال جو حوالو ڏيندي چيو تہ سرڪاري رڪارڊ موجب ان دور ۾ اٽڪل 33 ارب رپين جون رٿائن مڪمل ڪيون ويون نہ ڪي 300 ارب رپين جون. جيئن بجيٽ بحث دوران دعويٰ ڪئي وئي هئي هن وڌيڪ چيو تہ ان دور کان اڳ ۽ پوءِ بہ ڪراچي ۾ وڏيون ترقياتي رٿائن مڪمل ڪيون ويون سيد مراد علي شاهہ مختلف وفاقي حڪومتن جي تنقيد ڪندي چيو تہ ڪراچي لاءِ وڏن ترقياتي پيڪيجز جا اعلان تہ ڪيا ويا، پر انهن تي مڪمل عملدرآمد نہ ٿيو هن چيو تہ هڪ وفاقي حڪومت 62 ارب رپين جي پيڪيج جو اعلان ڪيس پر اعلان ڪيل فنڊ تقريبا فراهم ئي نہ ڪيا ويا. جڏهن تہ ٻي حڪومت 11 ڪرب رپين جي منصوبن جو اعلان ڪيس جيڪي عملي شڪل اختيار نہ ڪري سگهيا سنڌس موجب هن وقت وفاقي سهڪار رڳو ڪجهہ روڊن جي رٿائن تائين محدود آهي سنڌ جي غير استعمال ٿيل معاشي صلاحيتن کي اجاگر ڪندي وڏي وزير چيو تہ صوبي ۾ 500 ارب آمريڪي ڊالر ماليت جا گرينائيٽ جا ذخيرا موجود آهن پر اڃا تائين ان وسيع صلاحيت مان مڪمل فائدو حاصل نہ ڪيو ويو آهي هن ايوان کي ٻڌايو تہ ڪراچي ۾ منوڙا انڊر پاس رٿا مڪمل ٿيڻ جي آخري مرحلي ۾ آهي ۽ اميد آهي تہ ان کي جولاءِ دوران عوام لاءِ کوليو ويندو هن ڪراچي جي اٽڪل 1.7 ڪرب رپين جي وسيع ترقياتي رٿائن واري پيڪيج جي حڪومت جي عزم جو پڻ ورجاءُ ڪيو توانائي جي سٻسڊي بابت سيد مراد علي شاهہ چيو تہ سنڌ حڪومت ٿر جي گهريلو صارفين لاءِ 100 يونٽن تائين بجلي جا بل پاڻ ادا ڪري رهي آهي، جيئن علائقي ۾ توانائي منصوبن مان فائدو حاصل ڪندڙ مقامي آبادي کي سهولت ۽ سهڪار فراهم ڪري سگهجي وڏي وزير ان تاريخي دعويٰ کي پڻ رد ڪيو تہ سکر بئراج جي تعمير بمبئي پريزيڊنسي ڪان ورتل قرضن ذريعي ڪئي وئي هئي هن چيو تہ اها رٿا برطانوي نوآبادياتي دور جي رٿابندي تحت مڪمل ڪئي وئي هئي ۽ ان حوالي سان ڪجهہ بيان تاريخي حقيقتن کي مسخ ڪن ٿا صحت واري شعبي ۾ جاري سيڙپڪاري کي اجاگر ڪندي سيد مراد علي شاهہ چيو تہ صوبائي حڪومت سنڌ انسٽيٽيوٽ آف يورالاجي اينڊ ٽرانسپلانٽيشن (ايس آءِ يو ٽي) کي 26 ارب رپين کان وڌيڪ فنڊ فراهم ڪري رهي آهي هن وڌيڪ ٻڌايو تہ ڪراچي جي نيشنل هاءِ وي تي واقع حسن سليمان اسپتال جو رٿا صوبائي حڪومت جي سهڪار سان ٽيزي سان تڪميل ڏانهن وڌي رهي آهي جڏهن تہ اهڙي ئي طرز جي هڪ سهولت لاڙڪاڻي ۾ قائم ڪرڻ بابت پڻ صلاح مشورا ڪيا ويا آهن وڏي وزير وڌيڪ اعلان ڪيو تہ نيشنل انسٽيٽيوٽ آف ڪارڊيو ويسڪيولر ڊزيز (اين آءِ سي وي ڊي) ۾ ٻارن جي دل جي بيمارين واري منصوبي جي تڪميل هلندڙ سال دوران متوقع آهي، چو تہ ان جي اڳڀرائي رٿا ۾ رنڊڪ بڻيل مسئلا حل ڪيا ويا آهن سنڌ سالڊ ويسٽ مئنيجمينٽ بورڊ بابت لڳايل الزامن جي جواب ۾ وڏي وزير ناقدن کي چئلينج ڪيو تہ هو ڪرپشن ۽ ڪميشن خوري جي دعوائن جي حمايت ۾ ثبوت پيش ڪن سيد مراد علي شاهہ سنڌ جي سهڪار سان هلندڙ فلاحي ادارن جي ملڪ گير ڪردار کي پڻ اجاگر ڪيو هن چيو تہ سنڌ پيپلز هائوسنگ پروگرام بلوچستان جي ضلعي صحبت پور ۾ رهائشي رٿا تعمير ڪري رهي آهي جڏهن تہ سنڌ انسٽيٽيوٽ آف يورالاجي اينڊ ٽرانسپلانٽيشن (ايس آءِ يو ٽي) رحيم يار خان، ڪوٽ ادو ۽ پيرل گجر خان ۽ ڊيرا اسماعيل خان ۾ پنهنجون طبي سهولتون وڌائي رهيو آهي هن وڌيڪ چيو تہ سنڌ جي سهڪار سان شروع ٿيل ايائن جي نتيجي ۾ ملتان ۾ هڪ آءِ ٽي پارڪ جي قيام ۾ پڻ مدد ملي رهي آهي وڏي وزير موجب ڪيترن ئي صوبن سنڌ جي ترقياتي ماڊلز ۾ دلچسپي ظاهر ڪئي آهي، جڏهن تہ وفاقي حڪومت پڻ سنڌ حڪومت کي همعاير آهي تہ هو سماجي ڀلائي ۽ بنيادي ڍانچي وارين رٿائن تي عملدرآمد بابت پنهنجو تجربو ۽ مهارت ٻين ملڪ جي ٻين حصن تائين منتقل ڪري سنڌس خطاب جي پڄاڻي تي سيد مراد علي شاهہ ان دعويٰ کي پڻ رد ڪيو تہ صوبائي حڪومت 40 ارب رپين جو رمضان پيڪيج ورهايو هو هن واضح ڪيو تہ اهڙو ڪو پروگرام شروع نہ ڪيو ويو هو تنهن ڪري ان حوالي سان ڪيل تنقيد بي بنياد ۽ حقيقتن جي ابتڙ آهي

بقايا 22 روزاني عبرت

ڪيپيٽل مارڪيٽس ۾ سهڪار وڌڻ سبب اقتصادي شراڪتداري وڌيڪ مضبوط ٿي رهي آهي پاڪ چين گڏيل ڪائر ڪمپني (سروس لاڳ مارچ ڪائرز) پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ تاريخي لسٽنگ جي شروعات ڪري چڪي آهي سروس لاڳ مارچ ڪائرز پاڪستان جي سروسز گروپ ۽ چين جي چاپئرز لاڳ مارچ ڪائر ڪمپني جو گڏيل منصوبو آهي اها پاڪستان ۾ چيني سيڙپڪاري سان قائم ڪنهن ڪمپني جي پهرين عوامي لسٽنگ آهي جيڪا پنهي ملڪن جي مالي سهڪار ۾ اهم سنگ ميل آهي ڪمپني 28 ملين ڊالر حاصل ڪيا، جيڪا پاڪستان جي نجي شعبي جي تاريخ جو سڀني کان وڏو آءِ پي او ثابت ٿيو

بقايا 23 روزاني عبرت

مذمت ڪندي چيو آهي تہ دهشتگرد عنصر پنهنجن ناپاڪ عزمن ۾ ڪڏهن بہ ڪامياب نہ ٿا ٿي سگهن سيڪيورٽي فورسز جي بهادري ۽ پيشيوراڻي صلاحيتن کي سموري قوم سلام پيش ڪري ٿي قومي اسيمبلي سيڪريٽريٽ پاران جاري بيان ۾ قومي اسيمبلي جي اسپيڪر سردار اياز صادق دهشتگرد حملو ناڪام بڻائڻ تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين پيش ڪيو ۽ حملي جي نتيجي ۾ رينجرز جي جاني نقصان تي ڏک ۽ افسوس جو اظهار بہ ڪيو هن شهيد ٿيل رينجرز اهلڪارن کي خراج عقيدت پيش ڪندي چيو تہ ڪراچي ۾ رينجرز جي آفيس تي دهشتگرد حملو ملڪ دشمن عنصرن جي ناپاڪ سازش آهي دهشتگرد عنصر پنهنجن ناپاڪ عزمن ۾ ڪڏهن بہ ڪامياب نہ ٿا ٿي سگهن هن چيو تہ شهيدن جون قربانيون قوم جي عزم کي وڌيڪ مضبوط ڪن ٿيون هن چيو تہ

سيڪيورٽي فورسز جي بهادري ۽ پيشيوراڻين صلاحيتن کي سموري قوم سلام پيش ڪري ٿي سردار اياز صادق وڌيڪ چيو تہ دهشتگردي جي ناسور جي خاتمي لاءِ رياست ۽ قوم هڪ صفحي تي آهن. هن حملي ۾ شهيد اهلڪارن جي ڪٽنب ڀاتين سان دلي همدردي ۽ تعزيت جو اظهار ڪيو جڏهن تہ زخمين جي جلدي ۽ مڪمل صحتيابي لاءِ دعا بہ ڪئي هن چيو تہ ملڪ ۾ امن استحڪام ۽ قانون جي بالادستي خلاف هر سازش کي ناڪام بڻايو ويندو قوم پنهنجن بهادر سيڪيورٽي ادارن سان شيهي جي ديوار وانگر بيٺل آهي. هن حملي ۾ شهيد اهلڪارن جي درجن جي بلندي ۽ ڏکويل ڪٽنب لاءِ صبر جي دعا بہ ڪئي

بقايا 24 روزاني عبرت

مذهبن لاءِ وڌندڙ نفرت سبب اولهہ بنگال ۾ مسلمانن جي زندگي مشڪل ٿي چڪي آهي. پارت جي ٻئين وڏي مسلمان آبادي واري رياست اولهہ بنگال ۾ انتها پسند واري جي جي پي جو راڄ هلڻ لڳو سودي حڪومت بنگالي مسلمانن کي ڪنهن بہ ڍوهر ڪانسواءِ زبردستي ملڪ مان باهر ڪيڻ لاءِ بدترين پاليسين تي لهي آئي آهي آمريڪي تحقيقاتي اداري هيومن رائٽس سينٽر مطابق مودي جي ڊيپورٽ ڊيپورٽ پاليسي جي تالي تي بنگالي مسلمانن کي تصديق ڪانسواءِ سرحد پار موڪليو پيو وڃي انساني حقن جي وڪيل امان ودود جو چوڻ آهي تہ پارتي حڪومت دستاويزن جي معمولي غلطين تي شهرين کي پرڏيهي بڻائي ڪين زبردستي ملڪ مان ڪڍي چڪي آهي هيومن رائٽس ريسرچ سينٽر مطابق مودي حڪومت پراڻي جهنگ جي قانون جو غلط استعمال ڪري 50 هزار مسلمانن کي سندن گهرن مان ڪڍي رهي آهي، مودي سجاڳ ڪاغذ قانون مسلمانن کي بندوق جي زور تي پارت مان باهر ڪڍي رهيو آهي، بي جي پي اولهہ بنگال ۾ ڪنهن بہ نوٽيس ڪانسواءِ هزارين مسلمانن جي گهرن کي ڊاهي زندگي مشڪل بڻائي ڇڏي آهي

بقايا 25 روزاني عبرت

جي شديد لفظن ۾ مذمت ڪندي ان کي بزدلاڻي ۽ نفرت جوڳي ڪارروائي قرار ڏنو آهي سينيٽ سيڪريٽريٽ طرفان آچر تي جاري بيان ۾ سينيٽ چيئرمين چيو تہ ملڪ جي امن ۽ استحڪام کي نقصان پهچائڻ جي هر ناپاڪ ڪوشش کي ناڪام بڻايو ويندو هن چيو تہ اسانجي سيڪيورٽي فورسز ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارا دهشتگردي جي خاتمي ۽ ملڪ ۾ امن قائم ڪرڻ لاءِ بي مثال قربانيون ڏئي رهيا آهن ۽ سموري قوم هنن سان گڏ ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي بيٺل آهي سيد يوسف رضا گيلاني حملي ۾ شهيد ٿيل جي درجن جي بلندي، زخمين جي جلدي ۽ مڪمل صحتيابي لاءِ دعا ڪئي هن شهيدن جي وارثن سان دلي همدردي ۽ تعزيت جو اظهار ڪندي چيو تہ ڏک جي ان گهڙي ۾ سموري قوم ڏکويل خاندانن سان گڏ بيٺل آهي سينيٽ چيئرمين سيد يوسف رضا گيلاني ان عزم جو ورجاءُ ڪيو تہ دهشتگردي جي ناسور جي مڪمل خاتمي ۽ پاڪستان جي امن ۽ سلامتي جي تحفظ لاءِ قومي سطح تي گڏيل ڪوششون پوري قوت ۽ عزم سان جاري رکيون وينديون

بقايا 26 روزاني عبرت

آهي تہ هن ٻئي حملا ايران تي ٿيل ڌاڙن آمريڪي حملن جي جواب ۾ ڪيا ويا آهن ايراني پاسداران انقلاب ايران تي ٿيل حملن کي اسلام آباد مفاهمتي يادداشت جي شق 1 جي ڀڃڪڙي قرار ڏنو ۽ چتاءُ ڏنو تہ ان جي نتيجي ۾ سمورو سفارتي عمل مڪمل طور تي روڪيو ويندو پاسداران انقلاب وڌيڪ چيو تہ مستقبل ۾ ڪنهن بہ ڀڃڪڙي جي وڌيڪ سخت ڪارروائي ڪئي ويندي ۽ ايران خلاف ڪنهن بہ قدم جو فيصلائتو جواب ڏنو ويندو ايراني سرڪاري ميڊيا موجب، پاسداران انقلاب پنهنجي بيان ۾ دعويٰ ڪئي وئي آهي تہ انهن حملن دوران آمريڪي فوج جي اڏ اهم فوجي تنصيبات تباهہ ڪيون ويون ايراني اختيارين هن ڪارروائي کي آمريڪا جي تازي فوجي حملن جو "فيصلائتو جواب" قرار ڏنو پاسداران انقلاب موجب، آمريڪا آچر ڏينهن ايران جي پنج ساحلي هنڌن تي حملا ڪيا هئا، جيڪي ٻنهي ملڪن وچ ۾ ٿيل 14 نقطن واري مفاهمتي يادداشت ۽ جنگبندي جي ڀڃڪڙي آهن هن ٻئي طرف ڪويت ايران تي پنهنجي خلاف مبينا حملن جي سخت مذمت ڪندي انهن کي ملڪ جي خودمختياري، قومي سلامتي ۽ بين الاقوامي قانون جي واضح ڀڃڪڙي قرار ڏئي ڇڏيو آهي ڪويتي پرڏيهي وزارت طرفان جاري ڪيل بيان ۾ چيو ويو آهي تہ ايران طرفان بار بار ڪيل مبينا حملا نہ رڳو ڪويت جي سلامتي لاءِ خطرو آهن، پر سڄي خطي ۾ امن ۽ استحڪام قائم ڪرڻ لاءِ جاري ڪوششن کي بہ نقصان پهچائي رهيا آهن. بيان موجب، اهي ڪارروايون علائقي ۾ ڇڪتاڻ گهٽائڻ لاءِ جاري علائقائي ۽ عالمي سفارتي ڪوششن جي متاثر ڪري رهيون آهن ۽ عالمي برادري جي امن قائم ڪرڻ جي ڪوشش کي سڌو سنئون چئلينج بڻيل آهن هوڙانهن ڪويت جي هٿياربند فوج دعويٰ ڪئي آهي تہ ملڪ جي فضائي حد ۾ داخل ٿيندڙ ۽ بيلسٽڪ ميزائل ڪاميابي سان تباهہ ڪيا ويا آهن وزارت دفاع موجب، ميزائلن کي وقت سر ٽريڪ ڪري منظور ٿيل دفاعي طريقيڪار تحت فضا ۾ ئي ناڪارہ بڻايو ويو جنهن سبب نہ ڪو جاني نقصان ٿيو ۽ نہ ئي مالي نقصان جي ڪا اطلاع ملي ڪويتي وزارت دفاع جي ترجمان ڪرنل سعود عبدالعزيز العطوان پنهنجي بيان ۾ چيو تہ آچر جي صبح ملڪ جي فضائي حدن ۾ ٻن دشمن بيلسٽڪ ميزائلن جي نشاندهي ٿي جنهن کان پوءِ فضائي دفاعي نظام فوري طور سرگرم ٿيو ۽ ٻنهي ميزائلن کي ڪاميابي سان تباهہ ڪري ڇڏيو هن ٻڌايو تہ هن ڪارروائي جي نتيجي ۾ نہ ڪنهن شهري جي جان وئي ۽ نہ ئي ڪنهن قسم جي مالي نقصان جي اطلاع ملي ترجمان موجب، ڪويتي هٿياربند فوج ملڪ جي سلامتي جي تحفظ لاءِ هر وقت مڪمل چوڪسي ۽ اعليٰ سطح جي تياري واري حالت ۾ موجود آهي هن چيو تہ فوج ملڪي سرحدن، شهرين ۽ ملڪ ۾ رهندڙ پرڏيهي ماڻهن جي تحفظ لاءِ پنهنجا فرض مڪمل ذميواري سان ادا ڪري رهي آهي ڪويت جي وزارت دفاع عوام کي يقين ڏياريو آهي تہ ملڪ جا دفاعي ادارا هر ممڪن خطري کي منهن ڏيڻ لاءِ مڪمل طور تي تيار آهن ۽ علائقي جي صورتحال تي مسلسل نظر رکي رهيا آهن ڪويتي پرڏيهي وزارت وڌيڪ چيو تہ اهڙا حملا ڪويت جي شهرين جي جان ۽ مال لاءِ بہ خطرو پيدا ڪن ٿا، تنهن ڪري عالمي برادري کي گهرجي تہ هو ان صورتحال جو سنجيدگي سان نوٽيس وٺي ڪويت هڪ ڀيرو ٻيهر پنهنجي خودمختياري ۽ علائقائي سالميت جي تحفظ واري عزم کي ورجائيندي چيو آهي تہ ملڪ بين الاقوامي قانون جي پاسداري ۽ خطي ۾ امن ۽ استحڪام جي قيام لاءِ پنهنجن اتحادي ملڪن ۽ عالمي ادارن سان سهڪار جاري رکندو

بقايا 27 روزاني عبرت

ڪيمپ تي ٿيل دهشتگرد حملي کي ناڪام بڻائڻ تي سيڪيورٽي فورسز کي ڀرپور خراج تحسين پيش ڪندي چيو آهي تہ پاڪستان رينجرز جي بهادر جوانن دهشتگردن جي ناپاڪ ارادن کي ناڪام بڻائي هڪ ڀيرو ٻيهر پنهنجي پيشيوراڻ صلاحيت، بهادري ۽ فرض شناسي جو اعليٰ مثال قائم ڪيو آهي هن چيو تہ سيڪيورٽي فورسز ان دهشتگردن کي مارڻ ۽ هڪ کي جيئرو گرفتار ڪري دشمن جي جارحانہ ارادن کي مٽيءَ ۾ ملائي ڇڏيو وزيراعظم چيو تہ آپريشن دوران وطن تي پنهنجون جانيون قربان ڪندڙ شهيدن کي سڄي قوم سلام پيش ڪري ٿي سندن قربانيون هميشہ ياد رکيون وينديون هن شهيدن جي وارثن لاءِ صبر جميل ۽ زخمين جي جلد صحتيابي جي دعا ڪندي چيو تہ شهيدن جو رت هرگز رائيگان نہ ويندو دهشتگردي جي هر فتني جو پوري قوت سان خاتمو ڪيو ويندو وزيراعظم وڌيڪ چيو تہ فتنہ الهندوستان ۽ ان جا سرپرست پنهنجي ناپاڪ مقصدن ۾ ڪڏهن بہ ڪامياب نہ ٿيندا، سڄي قوم پنهنجي بهادر هٿياربند فوج، رينجرز ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن سان گڏ بيٺل آهي ۽ دهشتگردي جي ناسور جي مڪمل خاتمي تائين جدوجهد پوري عزم سان جاري رهندي

بقايا 28 روزاني عبرت

سلامتي پاليسي واري اعليٰ نمائندي ڪايا ڪالاس سان ٽيليفون تي ڳالهہ ٻولهہ ڪئي آچر ڏينهن پرڏيهي وزارت پاران جاري بيان موجب ٻنهي اڳواڻن خطي ۾ تيزي سان بدلجندڙ صورتحال جو جائزو ورتو ڪايا ڪالاس اسلام آباد مفاهمتي يادداشت جي مڪمل ٿيڻ ۽ پاڪستان جي مخلصاڻين سفارتي ڪوششن جي تعريف ڪئي جڏهن

۽ تازي جنگ بندي جي ڀڃڪڙين تي گهري ڳڻتي جو اظهار ڪندي ان ڳالهہ تي زور ڀريو تہ سمورين ڌرين وچ ۾ رابطي ۽ ڳالهين جا ذريعا هر صورت ۾ ڪليل رهڻ گهرجن. نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير يورپي يونين جي اعليٰ نمائندي کي وچ اوڀر ۾ امن ۽ استحڪام لاءِ هڪ جامع فريم ورڪ جوڙڻ جي حوالي سان پاڪستان جي مسلسل سفارتي ڪوششن کان آگاهہ ڪيو ۽ ان ڳالهہ تي زور ڀريو تہ سمورين ڌرين جنگ بندي جي معاهدي جي مڪمل پاسداري ڪن ٻنهي اڳواڻن گڏيل رابطا برقرار رکڻ تي اتفاق ڪيو

بقايا 29 روزاني عبرت

قانونن جي ڀڃڪڙي تي نوٽيس جاري ڪندي ان جي نشريات 15 ڏينهن لاءِ معطل ڪري ڇڏي جيو نيوز پاران جاري بيان مطابق جيو نيوز تي 10 محرم الحرام 26 جون 2026ع تي نشر ٿيل پروگرام "سفر عشق" ۾ ناقابل قبول مواد نشر ڪيو ويو پيمرا چيو تہ اهو عمل نہ رڳو لائسنس جي شرطن جي ڀڃڪڙي آهي، پر مذهبي، معاشرتي، ثقافتي قدرن ۽ اصولن جي بہ ابتڙ آهي پيمرا مطابق اهڙو مواد نشر ڪرڻ پيمرا قانون ۽ پيمرا جي شقن جي ڀڃڪڙي آهي جنهن سبب مذهبي جذبا مجروح ٿيا ۽ ٿيڻ جا خدشا آهن جنهن جي بنياد تي جيو نيوز جو لائسنس معطل ڪيو ويو پيمرا چيو تہ مذهبي جذبا مجروح ٿيڻ ۽ مذهبي هم آهنگي کي نقصان پهچڻ کي نظر ۾ رکندي اهي حڪم جاري ڪيا پيا وڃن پيمرا چيو تہ جيو نيوز تي لازم هو تہ مذهبي پروگرام نشر ڪندي احتياط کان ڪم ورتو وڃي ۽ اداري جي اندروني ڪميٽي اهڙن معاملن جو پاڻ جائزو وٺي ها، پر اها ان ۾ ناڪام رهي پيمرا جيو نيوز جو لائسنس فوري طور 15 ڏينهن لاءِ معطل ڪندي چيو تہ اهو سمورو حڪم پيمرا قانون تحت جاري ڪيا پيا وڃن

بقايا 30 روزاني عبرت

جي مختلف درياهن ۽ آبي ذخيرن ۾ پاڻي جي آمد ۽ ڇوڙ جا انگ اکر جاري ڪيا آهن آچر ڏينهن جاري تفصيلن مطابق سنڌو درياهہ ۾ تربيلا وٽ پاڻي جي آمد هڪ لک 77 هزار 100 ڪيوسڪ ۽ ڇوڙ هڪ لک 43 هزار 600 ڪيوسڪ ڪابل درياهہ ۾ نوشهره وٽ پاڻي جي آمد 46 هزار 600 ڪيوسڪ ۽ ڇوڙ 46 600 هزار ڪيوسڪ آهي خيرآباد پل تي پاڻي جي آمد هڪ لک 82 هزار 100 ڪيوسڪ ۽ ڇوڙ هڪ لک 82 هزار 100 ڪيوسڪ جهلم درياهہ ۾ منگلا وٽ پاڻي جي آمد 34 هزار 100 ڪيوسڪ ۽ ڇوڙ 55 هزار ڪيوسڪ آهي جڏهن تہ چناب درياهہ ۾ مرالا وٽ پاڻي جي آمد 43 هزار 900 ڪيوسڪ ۽ ڇوڙ 17 هزار 100 ڪيوسڪ رڪارڊ ڪيو ويو بيراجن جي انگن اکرن مطابق گدو بيراج ۾ پاڻي جي آمد هڪ لک 45 هزار 200 ڪيوسڪ ۽ ڇوڙ هڪ لک 6 هزار 100 ڪيوسڪ سکر بيراج ۾ پاڻي جي آمد 98 هزار 200 ڪيوسڪ ۽ ڇوڙ 50 هزار 100 ڪيوسڪ ۽ ڪوٽڙي بيراج ۾ پاڻي جي آمد 42 هزار 700 ڪيوسڪ ۽ ڇوڙ ٻڙي ڪيوسڪ رڪارڊ ڪيو ويو آبي ذخيرن جي انگن اکرن مطابق ڊيمن ۾ تربيلا ڊيم جو گهٽ ۾ گهٽ آپريٽنگ ليول 1402 فوٽ، ڊيم ۾ پاڻي جي موجوده سطح 1440.82 فٽ، ڊيم ۾ پاڻي ذخيرو ڪرڻ جي انتهائي سطح 1550 فٽ ۽ استعمال جوڳي پاڻي جو ذخيرو 0.744 ملين ايڪڙ فٽ. منگلا ۾ گهٽ ۾ گهٽ آپريٽنگ ليول 1050 فٽ، پاڻي جي موجوده سطح 1163.20 فٽ، ڊيم ۾ پاڻي ذخيرو ڪرڻ جي انتهائي سطح 1242 فٽ ۽ استعمال جوڳو پاڻي جو ذخيرو 2.259 ملين ايڪڙ فٽ جڏهن تہ چشمہ بئراج جو گهٽ ۾ گهٽ آپريٽنگ ليول 638.15 فٽ، پاڻي جي موجوده سطح 638.15 فٽ، پاڻي ذخيرو ڪرڻ جي انتهائي سطح 649 فٽ ۽ استعمال جوڳو پاڻي جو ذخيرو 0.049 ملين ايڪڙ فٽ رڪارڊ ڪيو ويو

بقايا 31 روزاني عبرت

ڊپٽي ميئر ڪراچي سلمان عبدالله مراد ۽ ميونسپل ڪمشنر ابرار جعفر پڻ موجود هئا. ميئر ڪراچي پنهنجي بجيٽ تقرير ۾ چيو تہ اڄ اسان پنهنجي دور جو ٽيون بجيٽ معزز ڪائونسل جي اڳيان پيش ڪري رهيو آهيان من گذريل مالي سالن 25-2024 ۽ 26-2025 جي تياري ۾ بہ عوام جي مسئلن، شهر جي تعمير ۽ ترقي ۽ بلدياتي مسئلن جي حل کي ترجيح ڏني ۽ هر ممڪن ڪوشش ڪئي تہ ماضي جي دورن جي مسئلن جي انبار جي باوجود هن پيري هڪ پيرو بيهر شهر جي مسئلن جي حل ۽ شهر جي انفراسٽرڪچر سميت ٻين مسئلن جي حل کي بجيٽ ۾ سرفهرست رکيو وڃي تہ جيئن عوام جي بهتر خدمت ڪري سگهجي. هن چيو تہ پاڪستان پيپلزپارٽي ڪي ڪراچي ۾ بلدياتي سطح تي پهريون ڀيرو عوام چونڊي تاريخ ساز موقعو فراهم ڪيو آهي ۽ پارٽي جي منشور تحت اسان ڪراچي جي عوام جي خدمت ڪنداسين، چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي ترجيحن ۾ ڪراچي جي عوام جي خدمت، شهر جي تعمير ۽ ان کي بين الاقوامي شهر بڻائڻ شامل آهي هن چيو تہ اسان معزز ڪائونسل جي اڳيان ڪراچي جي شهر ۾ مڪمل ڪيل اهم ۽ ضروري ڪمن جو ذڪر ڪندس جيڪي اسان گذريل سال انجام ڏنا ۽ عوام کي بنيادي سهولتن سان گڏوگڏ ڪراچي جي تعمير ۽ ترقي، بهتري جي زمري ۾ شهري سرگرمين جيٽوگ تنقيد نگارن هر ممڪن ڪوشش ڪئي تہ انهن ڪمن کي مفاد عام جي خلاف قرار ڏجي پر هي ترقياتي ڪم پنهنجي مثال پاڻ آهي ۽ شهر جو انفراسٽرڪچر بهتر ٿيڻ سان گڏ شهر جي تاريخي ورثي ۽ ٻين سهولتن سان عوام مستفيد ٿي رهيا آهن ميئر ڪراچي چيو تہ شهر جي تعمير ۽ ترقي، بهتري، انفراسٽرڪچر جي بحالي پلن فلائي اوورز جي تعمير تزئين ۽ آرائش بلاامتياز ۽ تفريق شهر جي سڀني ضلعن ۾ انجام ڏني ويندي، ڪجهہ گليون يا روڊ جيڪي ڪي ايم سي جي حدن ۾ نہ ايندڙن هيون عوام جي سهولت لاءِ تعمير ڪيون ويون هن انفراسٽرڪچر جي حوالي سان مجموعي صورتحال کان ڪائونسل کي آگاهہ ڪندي چيو تہ ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ 3,192,620 اسڪوائر فوٽ پيچ ورڪ ڪيو ويو 12,331,548 اسڪوائر فوٽ پيور بلاڪ لڳايا ويا. ساڳي طرح 402,210 رننگ فوٽ سيوريج ورڪ مڪمل ڪيو ويو فوٽ پاٿ ورڪ 99,450 رننگ اسڪوائر فوٽ، 477,980 رننگ فوٽ ڪرب بلاڪ، 475,900 رننگ ڪلرنگ جو ڪم انجام ڏنو ويو نرسري فلائي اوور ۽ اسٽون سرڪل جي تزئين و آرائش ۽ تعمير نو ڪئي وئي ضلع ملير ۾ خالد بن وليد روڊ تعمير ڪيو ويو 93 روزي رڪارڊ مدت ۾ عظيم پوره فلائي اوور تعمير ڪيو ويو جنهن سان شاهہ فيصل ڪالوني تي ٽريفڪ جي دٻاءُ ۽ شاهراهہ ڀٽو کان ايئر پورٽ وڃڻ وارن شهري کي سهولت ميسر ٿيندي شهيد ملت روڊ، جناح برج جي تعمير نو ۽ تزئين و آرائش عمل ۾ آندي وئي جنهن سان عوام کي سهولت ملڻ سان گڏ گهڙي ٽريفڪ جي گذرڻ ۾ پڻ آساني ميسر آئي ميئر ڪراچي چيو تہ ايندڙ مالي سال جي بجيٽ ۾ تجويز آهي تہ جي آءِ ايس ميپنگ ڪرائي وڃي جي ڪي ايم سي جي سڀني پارڪن آفيسن پلي گرائونڊن قبرستانن راندين جي ميدانن، لائبريرين سفاري پارڪ چڙيا گهر سميت سڀني غيرمنقول اثاثن/جائيدادين جي جي آءِ ايس ميپنگ ڪئي ويندي تہ جيئن رڪارڊ ڪي ڪنهن بہ قسم جي ردوبدل ممڪن نہ ٿي سگهي جڏهن تہ عوام جي ميوٽيشن، ٽرانسفر ۽ ٻين معاملن تي آساني ٿيندي ميئر ڪراچي جي ملازمن جي فلاح ۽ بهبود جي حوالي سان آفيسرن ۽ ملازمن جي پينشن جي SAP تي منتقلي جو ذڪر ڪندي چيو تہ گذريل سال آفيسرن ۽ ملازمن جي تنخواهن کي ورلڊ بئنڪ جي پروجيڪٽ SAP تي منتقل ڪيو ويو هو جيڪو ڪاميابي سان جاري آهي هن سال ريٽائرڊ آفيسرن ۽ ملازمن جي پينشن پڻ SAP پروگرام تي منتقل ڪئي ويندي جنهن جي ڪري آفيسرن ۽ ملازمن کي تنخواهن وانگر پينشن جي بروقت ادائيگي ممڪن ٿي سگهندي ۽ ڪنهن بہ آفيسر يا ملازم جي رڪارڊ ۾ ردوبدل ممڪن نہ هوندو پاڪستان ۾ بلديہ عظميٰ ڪراچي پهريون ڪائونسل آهي جنهن آفيسرن ۽ ملازمن کي تنخواهون ۽ هاڻ پينشن SAP تي منتقل ڪيون آهن جيڪو اسان سڀني لاءِ باعث اطمينان آهي هن چيو تہ بلديہ عظميٰ ڪراچي پاران گذريل سال دوران جتي ترقياتي ڪم انجام ڏنا اتي ملازمن جي فلاح ۽ بهبود کي پڻ مد نظر رکيو بلديہ عظميٰ ڪراچي پنهنجيون سالن کان پوءِ هڪ تاريخي ۽ بي مثال ڪارنامو انجام ڏنو تہ ملازمن جي تنخواهون هاڻ هر مهيني جي پهرين تاريخ ان کان اڳ ادا ڪيون وينديون آهن

بقايا 32 روزاني عبرت

وزير گورنر سنڌ، سنڌ جي وڏي وزير بي

جي رينجرز شهيدن جي پوئٽرن ۽ سينئر سول ۽ فوجي عملدارن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي هن شهيدن جي عظيم قربانين کي خراج عقيدت پيش ڪيو ۽ ڪٽنبن سان دلي همدردي ۽ تعزيت جو اظهار ڪيو ويو نماز بعد شهيدن جا مڙهہ سندن اباڻن علائقن ڏانهن روانا ڪيا ويا، جتي کين مڪمل فوجي اعزاز سان مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويندو ان موقعي تي اڳواڻن جو چوڻ هو تہ دهشت گردي جو واقعو انتهائي افسوسناڪ آهي جنهن جو حساب ورتو ويندو هن چيو تہ دهشت گردي ڪندڙ عنصر چاهي ڪٿي بہ هجن سيڪيورٽي فورسز انهن جي پويان لڳي ڪين ڪيفر ڪردار تائين پهچائيندي

بقايا 33 روزاني عبرت

سرپرستي هيٺ ڪم ڪندڙ دهشتگردن جي بزدلاڻي ڪارروائي ناڪام بڻائڻ تي سيڪيورٽي فورسز جس لهڻن هن حملي آور دهشتگردن کي انجام تائين پهچائڻ تي سيڪيورٽي فورسز جي پيشوراڻ صلاحيتن بهادري ۽ بروقت ڪارروائي کي ساراهيو بلاول ڀٽو زرداري فائرنگ جي ڏي وٽ دوران ٽن رينجرز اهلڪارن جي شهادت تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪندي شهيدن کي ڀرپور خراج عقيدت پيش ڪيو ۽ سندن وارثن سان دلي تعزيت جو اظهار ڪيو هن چيو تہ پاڪستان پيپلز پارٽي ۽ سڄي قوم دهشتگردن آڏو سينو سپر بيٺل سيڪيورٽي فورسز سان گڏ آهي ۽ سندن غيرمتزلزل حمايت جاري رهندي

بقايا 34 روزاني عبرت

الاحرار سان هي جنهن کي اداري پارتي پراڪسي قرار ڏنو آهي آءِ ايس پي آر موجب دهشتگردن رينجرز ڪيمپ کي نشانو بڻائڻ جي ڪوشش ڪئي، ۾ رينجرز جي چوڪس ۽ بهادر جوانن بروقت ڪارروائي ڪندي سندن حملو ناڪام بڻائي ڇڏيو حملي دوران وطن جا ٽي بهادر سپوت شهيد ۽ چار اهلڪار زخمي ٿيا بيان موجب حملي آورن مين گيٽ تي ڌماڪو ڪرڻ ڪانپوءِ حفاظتي گهيري کي ٽوڙڻ جي ڪوشش ڪئي پر رينجرز اهلڪارن جي فوري ۽ مؤثر جوابي ڪارروائي سبب دهشتگرد پنهنجن مقصدن ۾ ناڪام رهيا جوابي ڪارروائي دوران ٽي دهشتگرد مارجي ويا، جڏهن تہ هڪ دهشتگرد کي زخمي حالت ۾ جيئرو گرفتار ڪيو ويو جنهن بابت ڄاڻ ملي آهي تہ هو افغان شهري آهي آءِ ايس پي آر پنهنجي بيان ۾ چيو آهي تہ پاڪستان پنهنجي شهيد جوانن جي رت جو حساب وٺندي دهشتگردن خلاف جوابي ڪارروايون جاري رکندو

بقايا 35 روزاني عبرت

ڪلفورڊ بائي وليڪا اسپتال ۾ طبي عملي جي لاپرواهي سبب 200 بار ايڊز جو شڪار ٿيا ۽ 9 ٻار فوت ٿيا ايم ڪيو ايم پاڪستان جي سينئر اڳواڻ ڪشور زهرا، زاهد منصوري ۽ سينئر ايڊووڪيٽ طارق منصوري سان گڏ، ڪراچي پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪئي ۽ الزام لڳايو تہ ڪلفورڊ بائي وليڪا اسپتال ۾ طبي عملي جي لاپرواهي سبب 200 بار ايڊز جو شڪار ٿيا ۽ 9 ٻارن جو موت هڪ افسوسناڪ حادثو هو ايم ڪيو ايم جي مرڪزي اڳواڻ زاهد منصوري چيو تہ ٻارن ۾ ايڊز جو سبب بڻجندڙ ڊسپوزيبل سرنج جو ٻيهر استعمال صوبائي حڪومت جي نااهلي آهي ۽ سنڌ حڪومت جي آفيسرن ۽ وزيرن خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي هن مطالبو ڪيو تہ متاثرين کي فوري طور تي علاج جون سهولتون فراهم ڪيون وڃن ۽ فوت ٿيل ٻارن جي ڪٽنبن کي معاوضو ڏنو وڃي سينئر ايڊووڪيٽ طارق منصور چيو تہ سيسي جو ساليانو بجيٽ 14.5 ارب رپيا آهي ۽ تقريبن 9.5 ارب رپيا صرف طبي سامان ۽ سهولتن لاءِ آهن هن چيو تہ تقريبن 10 لک رجسٽرڊ ورڪر ۽ انهن جي خاندان جا 8 لک ميمبر آهن، اسپتال ۾ 200 کان وڌيڪ ٻارن کي هڪ سرنج سان ويڪسين ڏني وئي هئي، جنهن جي ڪري بار ايڇ آءِ وي مثبت ۽ ايڊز جو شڪار ٿيا ۽ ان ۾ 9 بار فوت ٿي ويا هن چيو تہ ان حوالي سان هاءِ ڪورٽ ۾ ڪيس داخل ڪيو ويو آهي ۽ انصاف نہ ملڻ تي گڏيل قومن ۾ بہ درخواست داخل ڪئي وئي آهي. خريداري ڪميٽي ۽ آفيسرن خلاف جاچ ڪرائي وڃي ۽ انهن کي سزا ڏني وڃي ۽ ماڻهن کي فوري طور تي معاوضو ۽ مفت علاج فراهم ڪيو وڃي ايم ڪيو ايم پاڪستان جي اڳواڻن جي پريس ڪانفرنس ۾ متاثر خاندانن جا ميمبر پڻ موجود هئا

بقايا 36 روزاني عبرت

مجموعي سياسي صورتحال قومي ۽ گڏيل دلچسپي جي مختلف معاملن تي تفصيلي ڳالهيون ڪيون ان موقعي تي بلوچستان جي امن امان جي موجوده صورتحال ۽ صوبي ۾ پائيدار امن جي قيام لاءِ جاري قدمن تي بہ ڳالهيون ٿيون وڏي وزير بلوچستان ۾ امن استحڪام ۽ عوام جي جان ۽ مال جي تحفظ لاءِ صوبائي حڪومت جي عزم کان آگاهہ ڪيو ۽ چيو تہ حڪومت دهشتگردي ۽ بدامني جي خاتمي لاءِ سمورن لاڳاپيل ادارن سان مڪمل هم آهنگي تحت موثر قدم جاري رکيون پئي اچي مولانا فضل الرحمان ۽ بلوچستان جي وڏي وزير ملڪي استحڪام سياسي هم آهنگي ۽ بلوچستان ۾ امن ۽ ترقي کي هٿي ڏيڻ لاءِ گڏيل ڪوشش جي اهميت تي بہ اتفاق ڪيو ملاقات خوشگوار ماحول ۾ ٿي جنهن ۾ گڏيل دلچسپي جي ٻين معاملن تي بہ تفصيلي ڳالهيون ٿيون

بقايا 37 روزاني عبرت

رينجرز جي ڪيمپ تي فتنہ الهندوستان جي دهشتگردن جي حملي جي شديد مذمت ڪندي حملو ناڪام بڻائڻ تي سيڪيورٽي فورسز زبردست خراج تحسين پيش ڪيو آهي گورنر جي پبلڪ ريليشنز آفيسر پاران جاري بيان ۾ گورنر فيصل ڪريم ڪنڊي چيو تہ الرٽ ۽ بهادر سيڪيورٽي اهلڪارن وقت سر ڪارروائي ڪندي هندوستاني سرپرستي هيٺ دهشتگردن جي ناپاڪ عزم ناڪام بڻايا ۽ حملو ڪندڙن کي انجام تائين پهچايو هن چيو تہ اسانجي بهادر فوج ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي پيشيوراڻي صلاحيت ۽ قربانيون فخر جوڳيون آهن هن چيو تہ پاڪستان جي امن، استحڪام ۽ معاشي مرڪز ڪراچي کي نشانو بڻائڻ جي هر سازش ناڪام ٿيندي دشمن عنصر دهشتگردي ذريعي پاڪستان جي ترقي معاشي سرگرمين ۽ علائقائي رابطن کي نقصان پهچائڻ چاهين ٿا پنهنجن ناپاڪ عزمن ۾ ڪڏهن بہ ڪامياب نہ ٿيندا گورنر فيصل ڪريم ڪنڊي دهشتگردي جي هر شڪل جي ڀرپور مذمت ڪندي چيو تہ دهشتگرد ۽ سندن سهولتڪار قانون کان نہ ٿا بچي سگهن سموري قوم پنهنجي بهادر فوج، رينجرز، پوليس ۽ ٻين قانون لاڳو ڪندڙ ادارن سان گڏ بيٺل آهي

بقايا 38 روزاني عبرت

وفاقي وزير عبدالعليم خان ڪراچي ۾ رينجرز جي ڪيمپ تي فتنہ الهندوستان جي دهشتگردن جي حملي جي شديد مذمت ڪندي چيو آهي تہ شهيدن جي قربانين تي سموري قوم کي فخر آهي مواصلات واري وزارت طرفان آچر تي جاري بيان ۾ وفاقي وزير شهيدن کي خراج عقيدت پيش ڪندي چيو تہ دهشتگردي ڪنهن بہ صورت قبول جوڳي ناهي، ان جو ڀرپور جواب ڏيندا رهنداسين هن شهيدن جي ڪٽنب ڀاتين سان همدردي جو اظهار ۽ زخمين جي جلدي صحتيابي لاءِ دعا بہ ڪئي هن چيو تہ سيڪيورٽي ادارن جي قربانين کي ڪڏهن بہ نہ وساريو ويندو وفاقي وزير دعا ڪئي تہ الله تعاليٰ وطن عزيز جي حفاظت ڪري

بقايا 39 روزاني عبرت

زخمين ۾ 15 ورهين جو مدثر ولد گل بات، 10 ورهين جو عمر ولد مداس 9 ورهين جو محمد حارث ولد ڪمال 18 ورهين جو عتيق ولد اختر 26 ورهين جو اسماعيل ولد احمد ۽ 14 ورهين جو عالم ولد سرور شامل آهن حادثي جي اطلاع ملندي ئي ايڌي جي ايمبولينس واقعي واري هنڌ پهچي زخمين کي طبي امداد فراهم ڪندي سول اسپتال منتقل ڪيو

بقايا 40 روزاني عبرت

مارجي ويا، جڏهن تہ ٻنهي جي سڃاڻپ اڃا تائين نہ ٿي سگهي آهي. پوليس اختيارين موجب مارجي ويل جوابدارن جي قبضي مان هٿيار ۽ موبائل فون هٿ ڪيا ويا آهن. جڏهن تہ واقعي بابت وڌيڪ جاچ جاري آهي

بقايا 41 روزاني عبرت

جاري بيان مطابق ٻنهي اڳواڻن "اسلام آباد مفاهمتي يادداشت" تي صحيحين بعد خطي ۾ تيزي سان تبديل ٿيندڙ صورتحال تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي بحرين جي پرڏيهي وزير ڊاڪٽر عبداللطيف بن راشد الزياني نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير محمد اسحاق ڊار کي اسلام آباد مفاهمتي يادداشت تي صحيحين ٿيڻ تي مبارڪون ڏنيون

ايڊيٽوريل

ايران- آمريڪا امن معاهدي باوجود صورتحال اطمينان جوڳي ناهي!
صفحو 4

راجا زاهد اختر خانزاده
امن معاهدو، ٻاهه جا ٻادل: آمريڪا ايران جو نانگڻ راند!
صفحو 4

روزاني عبرت

پريا اغوا ڪي پنج سال پورا، واقعو سگهارو آواز گهري ٿو!
ايڊووڪيٽ عبيدالله چڇڙ
صفحو 4

مختيار اڃڙ
صفحو 4
اڄوڪو ڏينهن
29 جُون

ڊي سي گهوٽڪي جي آفيس ڀرسان مسو واهه تي قيمتي سرڪاري وڻن جي غير قانوني واڍي جاري

ايس ڊي او آبپاشي ميرپور ماٿيلو پاران رات جي اونداهي ۾ مسو واهه تي سرڪاري ملڪيت هيٺ موجود قيمتي وڻن جي غير قانوني واڍي جو سلسلو جاري

درجنين قيمتي وڻ وڍجي ويا،سيڊا ڊائريڪٽر آبپاشي گهوٽڪي حصو پتي ملڻ سبب ڪاروائي ڪرڻ کان قاصر بڻيل

ايس ڊي او آبپاشي عبدالمجيد نائچ ۽ داروغي پاران ڪيتري عرصي کان وڻن جي واڍي ۽ مٽي وڪرو ڪئي پئي وڃي،علائقي واسي

واهن جي ڪپرن ۾ وڏا وڏا ڪڏا پئجي ويا آهن ڪنهن به وقت گهارو لڳڻ سبب فصل ۽ ڳوٺ ٻڏڻ جو خدشو آهي

ميرپور ماٿيلو(ن ع)سيڊا ڊائريڪٽر گهوٽڪي آبپاشي انجنيئر ميرپور ماٿيلو ۽ ضلعي انتظاميه جو آشيرواد حاصل هجڻ سبب ايس ڊي او آبپاشي ۽ داروغن پاران ڊي سي گهوٽڪي جي آفيس ڀرسان مسو واهه جي ڪپرن تي بيٺل سرڪاري ملڪيت جي قيمتي وڻن جي واڍي جو سلسلو بند نه ٿي سگهيو آهي ان سلسلي ۾ گذريل رات جي اونداهي ۾ وڏيڪ درجنين وڻن جي واڍي ڪرائي آرا مشينن تي وڪرو ڪيا ويا آهن ان سلسلي ۾ علائقي واسين الزام هنيو آهي ته ايس ڊي او آبپاشي عبدالمجيد نائچ ۽ داروغي پاران ڪيتري عرصي کان وڻن جي واڍي ۽ مٽي وڪرو ڪئي پئي وڃي جنهن سبب واهن جي ڪپرن ۾ وڏا وڏا ڪڏا پئجي ويا آهن ڪنهن به وقت گهارو لڳڻ سبب فصل ۽ ڳوٺ ٻڏڻ جو خدشو آهي هنن چيو ته پهريان به ڪيترائي ڀيرا مسو واهه کي گهارا لڳڻ سبب فصل تباهه ٿيا آهن ۽ احتجاج ڪرڻ باوجود ڪو به ادارو نوٽيس وٺڻ لاءِ تيار ناهي هنن مطالبو ڪندي گهر ڪئي آهي ته غير قانوني طريقي سان وڻن جي واڍي ڪرائيندڙ آبپاشي کاتي جي ايس ڊي او عبدالمجيد نائچ انجنيئر معظم لوهر ۽ ٻي عملي خلاف قانوني ڪارروائي ڪري وڻن جي واڍي بند ڪرائي وڃي ٻي صورت ۾ ڊپٽي ڪمشنر گهوٽڪي جي آفيس آڏو ڌرڻو هنيو ويندو

ميرپورماٿيلو مسوواهه جي ڪپرن تان وڻن جي واڍي جو ڏيک

ور شهر لڳ مجذوب عورت کي ڪنهي زوري نڪاح ڪرائڻ بعد وار ڪتري تذليل ڪرڻ جو انڪشاف

وڏيري حسن ماڇريو،پانڊي،شهمير ۽ ٻين زوري ڪنهي ڪئي اغوا ڪري شهمير نالي شخص سان زوري نڪاح ڪرايو،شازيه چاڙ

مائٽن خلاف بيان نه ڏيڻ تان زنجيرن ۾ جڪڙي ڪراچي ۾ رکي سخت تشدد جو نشانو بڻايو ويو ۽ مٿي جا وار ڪتري تذليل جو نشانو بڻايو ويو

اسان سان ناحق ٿيو آهي،نياڻي کي تشدد ڪري تذليل جو نشانو بڻايو ويو آهي،منهنجي نياڻي کهڙو ڏوهه ڪيو:والده

وڏيري حسن ماڇريو ۽ پانڊي ماڇريو وارا ظالم تسر جا ماڻهو آهن،نياڻي کي ڪنهي ڪئي ناحق بند ۾ رکي سندس زبردستي نڪاح ڪرايو ويو:شريف چاڙ

ٺٽو (ذ ر) ور شهر لڳ ڳوٺ ٻچو چاڙ جي رهواسڻ مجذوب عورت کي ڪنهي ڪئي سندس زوري نڪاح ڪرائڻ ڪانپوءِ مائٽن خلاف بيان نه ڏيڻ تي کيس سخت تشدد جو نشانو بڻائي سندس مٿي جا وار ڪتري کيس تذليل جو نشانو بڻائڻ جو انڪشاف معاشره نياڻي شازيه چاڙ پنهنجي والده ڪزيبا، ڀيڻ شاهه ڏنو ۽ مامي شريف چاڙ سان گڏ مڪلي تي پهچي نيشنل پريس ڪلب ٺٽو ۾ ڏانهيندي الزام هنيو آهي ته ڪجهه ڏينهن اڳ ئر جي وڏيري حسن ماڇريو پانڊي ماڇريو ۽ سندس پٽ شهمير ۽ ٻيا کيس زوري ڪنهي ڪئي اغوا ڪري ويا جن سندس شهمير نالي هڪ شخص سان زوري نڪاح پڻ ڪرايو،مائٽن خلاف بيان نه ڏيڻ تان زنجيرن ۾ جڪڙي ڪراچي جي هڪ علائقي ۾ رکي سخت تشدد جو نشانو بڻايو ويو ۽ سندس مٿي جا وار ڪتري ڪيس تذليل جو نشانو پڻ بڻايو ويو،معاشره مجذوب نياڻي جي والده ڪزيبا ڏانهيندي چيو آهي ته ساڻن ناحق ٿيو آهي سندس نياڻي کي تشدد ڪري تذليل جو نشانو بڻايو ويو آهي منهنجي نياڻي کهڙو ڏوهه ڪيو،معاشره شازيه چاڙ جي مامي شريف چاڙ الزام هڻندي چيو آهي ته سندن ڳوٺ ڀرسان رهندڙ وڏيري حسن ماڇريو ۽ پانڊي ماڇريو وارا ظالم قسم جا ماڻهو آهن سندن نياڻي کي ڪنهي ڪئي ناحق بند ۾ رکي زبردستي سندس نڪاح ڪرايو ويو ۽ ڪافي ڏينهن تائين کيس تشدد جو نشانو بڻايو ويو،معاشره نياڻي جي وارثن اعليٰ اختيارين کان معاملي جي جاچ ۽ ساڻن انصاف جو مطالبو ڪيو آهي.ٻئي طرف معلوم ٿيو آهي ته سگاوتي تڪرار تان وڏيري حسن ماڇريو معاشره مجذوب نياڻي شازيه چاڙ کي ڪنهائي تشدد جو نشانو بڻائي سندس شهمير نالي هڪ نوجوان سان نڪاح به ڪرايو ،جڏهن ته ذريعن جي اها به دعويٰ آهي ته چاڙا برادري جي هڪ نوجوان ماڇريو برادري جي هڪ ڇوڪري سان پيار جو پرڻو ڪيو هو جيڪا اڃا تائين چاڙا برادري وٽ رهندڙ آهي جنهن جي پلاند ۾ ماڇريا برادري جي ڏر پاران هيءَ ڪاروائي ڪئي وئي

پاڪستان ڊفينس پيس موومينٽ سنڌ پاران يوم عاشوره تي سبيل جو اهتمام

10محرم الحرام تي ٿڌي پاڻي ۽ شربت جي سبيل جو اهتمام ڪيو ويو

چيئرمين شڪيل احمد غوري ۽ ڪارڪنن پنهنجيون خدمتون سرانجام ڏنيون

حيدرآباد(پريس رليز)حيدرآباد ۾ پاڪستان ڊفينس پيس موومينٽ سنڌ پاران هر سال جيان هن سال به 10 محرم الحرام 2026 ع تي شهداء ڪربلا ۽ شهداء پاڪ فوج پاڪستان جي ايصال ثواب لاءِ ٿڌي پاڻي ۽ شربت جي سبيل جو اهتمام ڪيو ويو هي سبيل ڪمبر مارڪيٽ، ڊومنواهه روڊ، ميمڻ اسپتال ڀرسان، حيدرآباد ۾ لڳائي وئي، جتي عزادارن جلوس جي شرڪت ڪندڙن، ٻارڙن، عورتن ۽ ٻارن کي ٿڌو پاڻي ۽ شربت پيش ڪيو ويو. ان موقعي تي پاڪستان ڊفينس پيس موومينٽ سنڌ جي چيئرمين شڪيل احمد غوري، ضلعي حيدرآباد جي صدر جاويد جمال، جنرل سيڪريٽري سهيل سومرو، ڊپٽي جنرل سيڪريٽري قاضي محمود، هاشم صديقي، سٽي صدر اياز قريشي سيڪريٽري اطلاعات اقبال عباسي،ميمبر وسيم غوري،فيصل آرائين ۽ ٻين ڪارڪنن ڀرپور شرڪت ڪئي ۽ پنهنجيون خدمتون سرانجام ڏنيون.ان موقعي تي تنظيم جي عهديدارن چيو ته هن سبيل جي انعقاد جو مقصد شهداء ڪربلا ۽ شهداء پاڪ فوج پاڪستان کي ڀيٽا پيش ڪرڻ، ايصال ثواب ڪرڻ ۽ انسانيت جي خدمت جي جذبي کي هٿي وٺرائڻ آهي

حيدرآباد پاڪستان ڊفينس پيس موومينٽ سنڌ پاران يوم عاشوره تي لڳايل سبيل جو اهتمام جو ڏيک

ڪوٽڙي ۾ نوجوان اغوا،وارثن،صحافين ۽ سول سوسائٽي پاران احتجاج

سينيئر صحافي دلدار جانوري جي پٽ نجف جي گمشدگي خلاف مظاهرو ڪيو ويو

نجف ڏهن ڏينهن کان گم آهي،پوليس سنجيده ٿيڻ بدران لاتعلق بڻيل آهي:جهانگير سهڙو

آءِ جي سنڌ کان فوري نوٽيس وٺي گمشده نوجوان نجف جانوري جي جلد بازيابي جو مطالبو

ڪوٽڙي(ن ع)ڪوٽڙي ۾ نوجوان اغوا وارثن صحافين ۽ سول سوسائٽي جي ماڻهن جو احتجاج،ڪوٽڙي ۾ سينيئر صحافي ۽ ڪوٽڙي جي نجي چينل جي رپورٽر دلدار جانوري جي پٽ نجف جانوري جي گمشدگي خلاف صحافي برادري ڊسٽرڪٽ پريس ڪلب ڄامشورو ايٽ ڪوٽڙي آڏو صدر جهانگير سرور سهڙو جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو.مظاهري ۾ اڳواڻي صدر مستقيم خان، سينيئر نائب صدر جليل بنگش، نائب صدر اسماعيل بلوچ، جنرل سيڪريٽري ارمان عباسي، خزانچي اعجاز مغل، اطلاعات سيڪريٽري نويد پنهور سميت صحافين جي وڏي انگ شرڪت ڪئي.احتجاج ڪندڙن سخت نعريبازي ڪئي ۽ هٿن ۾ گمشده نوجوان جي بازيابي لاءِ مطالبن وارا پينافليڪس ڪٺي بيٺا.صحافين جو چوڻ هو ته دلدار جانوري جو پٽ نجف جانوري گذريل ڏهن ڏينهن کان گم آهي، ۽ پوليس هن وقت تائين سنجيده ڪارروائي ڪرڻ بدران لاتعلقي جو مظاهرو ڪري رهي آهي.احتجاج ڪندڙن آءِ جي سنڌ کان فوري نوٽيس وٺي گمشده نوجوان نجف جانوري جي جلد بازيابي جو مطالبو ڪيو

ڪوٽڙي نجف علي حسيني جانوري جي بازيابي لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

مياڻي ۾ ٻيلا بچايو ڪميٽي حيدرآباد جي ميزباني هيٺ گڏجاڻي

ٻيلا وڻ انهن جو ٻڻا ۽ واڌ ويجهه هر انسان جو مسئلو آهي:زين داٿوپوٽو

پهرين جولاءِ تي رٿيل ٻيلا بچايو ميڙاڪي ۾ شرڪت ڪري فرض ادا ڪرڻ گهرجي

مسوپرڳڙي (ن ع)مسوپرڳڙي لڳ مياڻي ۾ ٻيلا بچايو ڪميٽي حيدرآباد جي ميزباني هيٺ مياڻي ۾ پهرين جولاءِ تي رٿيل ٻيلا بچايو ميڙاڪي جي تياري جي سلسلي ۾ ڪميٽي جي گڏجاڻي ٿي گذري گڏجاڻي ۾ زين داٿوپوٽو محب آزاد، نثار لغاري، پير محمد نوناري، ساقي سائر ۽ ٻين شرڪت ڪئي گڏجاڻي ۾ تيارين جو جائزو ورتو ويو ۽ وڏ ۾ وڏ مقامي توڙي ساجهه وند فطرت دوست ماڻهن سياسي ۽ سماجي ڌرين جي شرڪت تي زور ڀريو ويو گڏجاڻي ۾ اظهار ڪيو ويو ته ٻيلا وڻ انهن جو ٻڻا ۽ واڌ ويجهه هر انسان جو مسئلو آهي ۽ سڀني ماڻهن جي شرڪت ڪانسواءِ حل نٿو ٿي سگهي ان ڪري سڀني ماڻهن ۽ ڌرين کي شرڪت ڪري فرض ادا ڪرڻ گهرجي

سڪرنڊ جي ڳوٺ مراد علي خان چانڊيو ۾ روحاني اجتماع جو اهتمام ڪيو ويو

سڪرنڊ (س ر)سڪرنڊ جي ڳوٺ مراد علي خان چانڊيو ۾ امام عالي مقام سيدنا حسين رضي الله عنه جن جي شان ۾ "ذڪر شهداء ڪربلا" جي عنوان تحت روحاني اجتماع جو اهتمام ڪيو ويو ان موقعي تي نوجوان خطيب علامه غلام مرتضيٰ خياروي ۽ قاري ساجد علي اويسي الڳ الڳ بيان ڪندي چيو ته آقا ڪريم ﷺ جن فرمايو ته منهنجي اهلبيت اولاد سان محبت ڪيو الحمد لله اسان خوشنصيب آهيون جو اولاد رسول ﷺ اهلبيت سان محبت ڪيون ٿا اهوئي شرعي ۽ اصولي عقيدو آهي هنن وڌيڪ چيو ته مولا علي مشڪل رضي الله عنه جو شان به ڪمال جو آهي سندس ڪوڙ سارا پاسا آهن جيڪي سڀ جا سڀ برڪت وارا ۽ اعليٰ آهن پاڻ حسنين ڪريمن جو والد ، سيده فاطمه الزهره جن جو وڙ ۽ وري جنهن کي آقا ڪريم ﷺ جن پنهنجو ڀاءُ سڏيو هجي اُن کان وڌيڪ ڪهڙو شان بيان ڪري سگهجي ٿو قاري ساجد اويسي اهو پڻ چيو ته آقا ڪريم ﷺ جن فرمايو ته حسين مون مان آهي ۽ مان حسين سان آهيان ان ڳالهه سان سمجهڻ گهرجي ته حسينيت واري سوچ ۽ صحابه اڪرام سان محبت جو عقيدو رکڻ ئي پنهنجي دنيا ۽ آخرت سنواري سگهون ٿا جيڪو الحمدلله اسان جو عقيدو آهي اجتماع ۾ حافظ عاشق حسين بگهيو آيل مهمانن جو آڌر ڀاءُ ڪيو جنهن بعد شهداءِ ڪربلا سميت امت مسلمه لاءِ اجتماعي دعا گهري وئي جنهن بعد نگر نياز جو اهتمام ڪيو ويو اجتماع ۾ عبدالخالق چانڊيو ، رضوان رئيس خانزاده ، لياقت علي ڪيريو ۽ قاري محمد جمن عطاري پڻ شريڪ هئا

چونڊڪو ۾ 50 بيڊن واري جديد اسپتال 8 سالن کان بند

نارو(ن ع)نارو تعلقي جي چونڊڪو ۾ اربين روپين جي لاڳت سان تعمير ٿيل 50 بيڊن واري جديد اسپتال 8 سالن کان بند، غريب عوام علاج لاءِ دربدر علائقي واسين جو احتجاج هڪ ئي آواز تعلقي نارو جي عوام جي صحت بچايو اسپتال فعال ڪرائڻ جو مطالبو اهڙو مطالبو تعلقي نارا جي سماجي رهنما اسماعيل پنهور،حاڪم پنهور منور پنهور،حاجي خان پنهور پيراڻو پنهور ،وحيد چانڊيو ۽ ٻين احتجاج ڪندي ڪيوهنن چيو ته نارو تعلقوپوٽي پيل تعلقو آهي ۽ هتي بنيادي سهولتون نه هجڻ جي برابر آهن ۽ هن تعلقي مان گيس ۽ تيل وڏي پيماني تي نڪري ٿو پر افسوس آهي ته هن تعلقي کي نظر انداز ڪيو پيو وڃي هنن چيو ته گيس ۽ پيٽرول جي ڪوهه مان سيڪورٽي ۽ زمين جي معاهدي جي مد ۾ اربين روپيه هڙپ ڪيا پيا وڃن پر نارا تعلقي جي ماڻهن کي بنيادي سهولتن کان محروم رکيو پيو وڃي ،هنن چيو ته تعلقي نارو جي چونڊڪو شهر کي مليل اربين روپين جي لاڳت سان تعمير ڪيل شاندار عمارت 50 بيڊن واري جديد اسپتال چونڊڪو مڪمل ٿيڻ باوجود گذريل ڪيترن ئي سالن کان بند پيل جنهن جو 2015 ۾ سنگ بنياد ورڪرز ويلفيئر اسپتال چونڊڪو جي نالي سان رکيو ويو هو جيڪا 2018 ۾ تيار ٿي پر 8 سالن جو ڊگهو عرصو گذرڻ باوجود اڄ تائين فعال نه ٿي سگهي آهي،جڏهن ته چونڊڪو شهر ڊيوان ڪميونٽي تي مشتمل آهي جن جا روٽ هڪ طرفان جي ڊي اي ڊي ويندا آهن ۽ نارا تعلقي ۾ اڪثريت ٻيرياڳاري جي مريدن جي آهي ۽ سنڌ حڪومت نارا تعلقي کي هٿ سان پوئتي ڪري رهي آهي جنهن سبب علائقي جا غريب ۽ مسڪين ماڻهو سخت پريشانين کي منهن ڏئي رهيا آهن ۽ جڏهن ته تعلقي نارو ۾ موجوده سرڪاري اسپتالن ۾ به بنيادي سهولتن سميت ڊاڪٽرن ۽ دوائن جي کوٽ سبب علائقي جا غريب مريض دربدر ٿيڻ سان گڏ پرائيويٽ اسپتالن ۾ مهانگو علاج ڪرائڻ تي مجبور بڻيل آهن. مظاهرين سنڌ حڪومت ۽ لاڳاپيل اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته فوري طور چونڊڪو شهر جي جديد اسپتال کي فعال ڪري عوام کي صحت جون بنيادي سهولتون فراهم ڪيون وڃن جيئن غريب ماڻهن جون تڪليفون گهٽجي سگهن

باقراڻي لڳ ڳوٺ گل محمد تنيو ۾ بااثر مائٽن جو پورهيت خاندان تي تشدد

باقراڻي (ن ع)باقراڻي تعلقي جي ڳوٺ گل محمد تنيو ۾ پورهيت خاندان تي مبينا تشدد ڪرڻ واري واقعي خلاف متاثر عورت مسمات صاحبه خاتون تنيو ۽ سندس مڙس محمد بخش تنيو پريس ڪلب باقراڻي پهچي بااثر مائٽن خلاف احتجاج ڪيو ان موقعي تي متاثر عورت مسمات صاحبه خاتون تنيو پنهنجي مڙس محمد بخش تنيو سان گڏ صحافين کي ٻڌايو ته هو غريب پورهيت آهن هوءِ گهرن ۾ ٿانوڌوئڻ جو ڪم ڪندي آهي جڏهن ته سندس مڙس مزدوري ڪري گهر جو گذر سفر هلائي ٿو هن الزام هنيو ته ڳوٺ جي ڇڱي مڙس احمد نواز تنيو ۽ سندس ساٿيجن رڃ ۾ هلندڙ تڪرار دوران هوءِ احمد نواز تنيو جي گهر وئي هئي، جنهن تي بااثر مائٽ هادي بخش تنيو توفيق تنيو نويد تنيو ۽ ٻين ڪاوڙجي سندن گهر ۾ گهڙي آيا ۽ کيس، سندس مڙس ۽ معصوم ٻارڙن کي لٺين ۽ ڏنڊن سان مبينا تشدد جو نشانو بڻايو متاثر عورت موجب جوابدارن گارگند ڪندي چيو ته " تون اسان جي مخالفن جي گهر ڇو وئي آهين اسان ڳوٺ ۾ ڇڏي ويندي آهي ته ڪو به اسان جي مخالف ڏر وٽ نه وڃي"، متاثر عورت چوڻ هو ته سندن ٻهچي ڏرين سان مائٽي آهي ۽ هو ڪنهن به ڏر جا حمايتي ناهن پر ان باوجود مٿن ناجائز تشدد ۽ ڏاڍ مڙسي ڪئي وئي، هنن وڌيڪ الزام هنيو ته واقعي بابت باقراڻي ٿاڻي تي اين سي داخل ڪرائڻ باوجود پوليس اڃا تائين جوابدارن خلاف ڪا مؤثر ڪارروائي نه ڪئي آهي، هوڏانهن باقراڻي ٿاڻي تي پورهيت محمد بخش تنيو جي فرياد تي جوابدار هادي بخش تنيو توفيق تنيو شڪور تنيو اظهار تنيو نور مصطفيٰ تنيو ۽ نويد تنيو خلاف اين سي داخل ڪئي وئي آهي، هنن ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو ايس ايس پي لاڙڪاڻو ۽ ٻين اعليٰ اختيارين کان تحفظ، انصاف ۽ جوابدارن خلاف قانوني ڪارروائي ڪرڻ جو مطالبو ڪيو آهي

دادو: آڳوڻو صوبائي وزير پير مظهرالحق ڀ پ پ جي نئين منتخب ٿيل عهديدارن سان گڏ

پيپلزپارٽي جو اصل سرمايو پارٽي جا ڪارڪن آهن:پير مظهرالحق

چيئرمين بلاول ڀٽو پيپلزپارٽي جي ڪارڪن کي مقرر ڪري ثبوت ڏنو آهي

عوام پيپلزپارٽي کي ڪامياب ڪري بلاول ڀٽو کي وزيراعظم بڻائيندا

[illegible] سولنگي، افتخار احمد راهوجو واجد علي ملاح، محمد صالح پنهور حاجي لياقت علي سومرو حبيب رحمان ڪوريجو امتياز علي چانڊيو منظور علي ڪوسو حاجي محمد ايوب شاهاڻي، ڪامريڊ نظير احمد قمبراڻي ۽ ٻين سان ڳالهائيندي چيو ته پيپلزپارٽي غريب عوام جي پارٽي ۽ پيپلزپارٽي جي ڪارڪنن کي چيئرمين بلاول ڀٽو مقرر ڪري اهو ثبوت ڏنو آهي [illegible] ان موقعي تي پاڪستان پيپلزپارٽي تعلقه دادو جي صدر محمد عمر پنهور پارٽي طرفان ذميواري ملڻ تي پيرمظهرالحق کي بوسڪي جو پٽڪو اوڍايو ۽ شڪريو ادا ڪيو آخر ۾ پير مظهرالحق پاران خالد حسين ميراڻي کي پ پ ضلع دادو جو آفيس سيڪريٽري مقرر ٿيڻ تي لونگي جو تحفو پيش ڪيو

ٽاڻوبولاخان ۾ پرائمري اسڪول جمع لونگاڻي ٻن سالن کان بند،احتجاج

ننڍڙا گلن جهڙا ٻار تعليم جهڙي زيور کان محروم آهن:سجاد خاصخيلي

اسڪول کي وزٽ ڪرائي گهربل فرنيچر،سولر پنڪا مهيا ڪيا وڃن:انيس خاصخيلي

ٿاڻوبولاخان(ن ع)ٿاڻي بولاخان تعلقي جي ڳوٺ جمع خان لونگاڻي خاصخيلي ڇڪري ٿاڻو بولاخان جي رهواسين سماجي اڳواڻن سجاد خاصخيلي ۽ انيس الرحمان خاصخيلي چيو آهي ته اسان جي ڳوٺ جو اسڪول گورنمينٽ پرائمري اسڪول جمع لونگاڻي هن جديد دور ۾ گذريل ٻن سالن کان بند پيل آهي ننڍڙا گلن جهڙا ٻار تعليم جهڙي زيور کان محروم آهن ۽ اسڪول بند هجڻ جي ڪري ننڍڙن ٻارن جي تعليم تباهه آهي ،اسان وس وارن ۽ اعلي اعوانن کان اها اپيل ٿا ڪريون ته هن اسڪول ۾ ڪو استاد مقرر ڪيو وڃي ۽ اگر جي استاد مقرر آهي ته انهي کي ڊيوٽي تي آڻيو وڃي ته جيئن ننڍڙن ٻارڙن جو مستقبل سنوارجي سگهي ۽ ٻار تعليم حاصل ڪري سگهن ۽ اسڪول کي وزٽ ڪرائي انهن کي گهربل شيون فرنيچر ، سولر پنڪا ، مهيا ڪيا وڃن ته جيئن ٻارڙن کي تعليم حاصل ڪرڻ ۾ ڪا ڪمي پيشي نه اچي

ٿاڻوبولاخان ٿاڻوبولاخان ۾ پرائمري اسڪول جمع لونگاڻي ٻن سالن کان بند هجڻ خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو پيو وڃي

قلندر جي نگري سيوهڻ ۾ بدامني جي لهر ۽ ڦرن جون وارداتون جاري

آفتاب ملاح کان هٿيارٻند موبائيل فون ۽ 10 هزار رپيا ڦر ڪري فرار

جوابدارن کي گرفتار ڪري فون ۽ روڪ رقم واپس ڪرائي وڃي:نواز سيوهاڻي

سيوهڻ(ن ع)قلندر جي نگري سيوهڻ ۾ بدامني جي لهر ۽ ڦرن جون وارداتون جاري آهن ان حوالي سان مليل ڄاڻ موجب سيوهڻ سان تعلق رکندڙ ڏيهه پرڏيهه مشهور سوشل ميڊيا ايڪٽيويسٽ ۽ سماجي اڳواڻ محمد نواز سيوهاڻي جي پٽ آفتاب حسين ملاح کان هٿيارٻند ڪالهه رات قيمتي موبائيل فون ۽ 10 هزار رپيا روڪ رقم ڦر ڪري فرار ٿي ويا، واقعي کان پوءِ سوشل ورڪر محمد نواز سيوهاڻي نيشنل پريس ڪلب سيوهڻ پهچي انصاف لاءِ احتجاج ڪيو ان موقعي تي سوشل ورڪر محمد نواز سيوهاڻي پريس ڪلب ۾ صحافين آڏو ڏانهيندي ٻڌايو ته سندس پٽ آفتاب حسين ملاح پنهنجي ريسٽ هائوس کان واپس گهر وڃي رهيو هو ته واٽ تي هٿيارٻند جوابدارن کيس روڪي پستول سيني تي رکي ڪانٽس موبائيل فون ۽ 10 هزار رپيا روڪ رقم ڦر ڪيا ۽ اسان سان فرار ٿي ويا. هن چيو ته سيوهڻ شهر ۾ ڦر چوري ۽ ٻين ڏوهاري وارداتن ۾ مسلسل واڌ ٿي رهي آهي جنهن سبب شهري پاڻ کي غير محفوظ محسوس ڪري رهيا آهن انتظاميا ۽ پوليس امن امان قائم ڪرڻ ۽ شهرين جي جان ۽ مال جي تحفظ کي يقيني بڻائڻ ۾ ناڪام بڻيل آهي هن ايس ايس پي ڄامشورو ڊي ايس پي سيوهڻ ۽ ٻين لاڳاپيل اختيارين کان مطالبو ڪيو ته واقعي ۾ ملوث جوابدارن کي فوري طور گرفتار ڪري ڦريل موبائيل فون ۽ روڪ رقم واپس ڪرائي وڃي ۽ امن امان بحال ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ سخت احتجاج ڪيو ويندو

ميهڙ ۾ جيئي سنڌ محاذ جي سڏ تي پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو

تعلقه اسپتال ۾ ڪرپشن،بدانتظامي ۽ مريضن سان ناانصافين خلاف نعريبازي

سرڪاري اسپتال جون دوائون خانگي ميڊيڪل اسٽورن تي وڪرو ڪيون وڃن ٿيون:اڳواڻ

ميهڙ (ن ع)خيرپور ناٿن شاهه تعلقه اسپتال ۾ مبينا ڪرپشن، بدانتظامي ۽ مريضن سان ٿيندڙ ناانصافين خلاف ڌرتيءَ ڌڻي تحريڪ ۽ جيئي سنڌ محاذ جي سڏ تي پريس ڪلب ميهڙ اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو.احتجاج جي اڳواڻي ڌرتيءَ ڌڻي تحريڪ جي مرڪزي سينيئر وائيس چيئرمين منور علي ڪوڪر لالو سوڍو، صحافي انور علي ڪوڪر ۽ سفيع الله سنڌي ۽ ٻين چيو ته خيرپور ناٿن شاهه جي تعلقه اسپتال جيڪا غريب ۽ بيوس ماڻهن جي آخري اميد آهي جيڪا بي ڌياني، بدانتظامي ۽ ڪرپشن جي ور چڙهيل آهي.هنن چيو ته مريضن کي دوائون نه ٿيون ڏنيون اسپتال ۾ بنيادي سهولتن جي کوٽ آهي اسپتال ۾ موجود ڊاڪٽر ۽ عملو مريضن ۽ سندن وارثن سان بدتميزي سان پيش اچي رهيا آهن هنن الزام هڻندي چيو ته سرڪاري اسپتال جون دوائون خانگي ميڊيڪل اسٽورن تي وڪرو ڪيون وڃن ٿيون ايم ايس ڊاڪٽر سڪندر نائچ ۽ ڪي پرڳڙي پنهنجي ذميوارين ۾ ناڪام ٿي چڪا آهن جنهن سبب روزانو سوين غريب مريض سخت تڪليفن کي منهن ڏئي رهيا آهن.هنن مطالبو ڪيو ته بنهي عملدارن خلاف شفاف جاچ ڪرائي ذميوارن کي قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو وڃي ۽ اسپتال ۾ دوائن ڊاڪٽرن ۽ ٻين بنيادي طبي سهولتن جي فوري طور فراهمي يقيني بڻائي وڃي

سيوهڻ لڳ درياهه ۾ ٻڏي فوت ٿيل ٽينگر جو لاش 21 ڪلاڪن بعد هٿ

تنزيب عمراڻي جو لاش ڳوٺ ڳاڙهي واري سامهون درياهه مان هٿ اچي ويو

واقعي بعد سيوهڻ شهر ۾ سوڳ جي لهر ڇانئجي وئي،والده ۽ والد کي بيهوشي جا دورا

سيوهڻ(ن ع)گذريل ڇنڇر ڏينهن سيوهڻ جي بندر محلي واسي 13 سالن جي ٽينگر تنزيب عمراڻي جي سنڌو درياءَ ۾ ٻڏي وڃڻ وارو افسوسناڪ واقعو پيش اچڻ جي 21 ڪلاڪ گذرڻ بعد ٽينگر جو لاش ڳوٺ "ڳاڙهي واري " سامهون سنڌو درياهه مان هٿ اچي ويو آهي، مليل ڄاڻ موجب ريسڪيو 1122 پاران مقامي ڪوين جي مدد سان ڏينهن رات ڪوشش بعد ٽينگر جو لاش نيٺ ڳولي هٿ ڪيو ويو آهي، ان کان اڳ اسسٽنٽ ڪمشنر سيوهڻ بابر علي ۽ پوليس اهلڪارن واقعي واري هنڌ پهچي ريسڪيو عمل جو معائنو ڪيو ۽ ان ۾ حصو ورتو ٻئي طرف فوتي ٽينگر جو مڙهه ملڻ بعد ٽينگر جي والده، والد ۽ ٻين گهر ڀاتين کي بيهوشي جا دورا پوڻ لڳا ۽ سندن گهر ۾ ڪهرام مچي ويو ياد رهي ته فوتي ٽينگر تنزيب عمراڻي گذريل ڇنڇر ڏينهن سيوهڻ جي قريشي پل سامهون سنڌو درياهه ۾ وهنجندي ٻڏي فوت ٿي ويو هو اهڙي واقعي بعد سيوهڻ شهر ۾ سوڳ جي لهر ڇانئجي وئي آهي

نئون ڳوٺ ۾ مقتول جي وارثن پاران قاتل جي گرفتاري لاءِ احتجاجي مظاهرو

باقراڻي پوليس نوجوان وزير لاشاري جا قاتل گرفتار نه ڪري سگهي آهي:وارث

جوابدار اسان کي ڪيس تان هٿ ڪڻڻ ۽ موت مار ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن

نئون ڳوٺ(ن ع)نئون ڳوٺ ۾ مقتول جا وارث قاتل جي گرفتاري لاءِ ميڊيا اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو اعليٰ انتظاميه کان نوٽيس وٺي انصاف ڪرڻ جو مطالبو پڻ ڪري ڇڏيو،نئون ڳوٺ ڀرسان ڳوٺ جادم شاهه واسي 26 ساله نوجوان وزير علي پٽ صوبدار لاشاري کي ڪجهه ڏينهن اڳ ڳوٺ مذباهو ۾ جهيڙي دوران مبينه خنجر لڳڻ سبب سخت زخمي ٿي پيو جنهن کي گنڀير حالت ۾ ٽراما سينٽر لاڙڪاڻو نيو ويو جتي نوجوان وزير علي لاشاري زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي ويو جنهن جو ڪيس مقتول جي ڀاءُ حبدار لاشاري جي فرياد تي جوابدار نعمت الله چانڊيو سرفراز چانڊيو شير افضل چانڊيو اسماعيل چانڊيو پٽ نعمت الله چانڊيو علي ڏنو چانڊيو ۽ ٻه نامعلوم ماڻهن مٿان باقراڻي ٿاڻي تي داخل ڪيو ويو جڏهن ته باقراڻي پوليس نوجوان وزير لاشاري جا قاتل گرفتار نه ڪري سگهي آهي جنهن سبب مقتول جا وارث ڀاءُ حبدار لاشاري ۽ ڀيٽوي علي رضا هيسباڻي نئون ڳوٺ ۾ ميڊيا اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو هنن ميڊيا اڳيان الزام لڳائيندي چيو ته اسان جي نوجوان وزير لاشاري کي ظالمن خنجر هڻي بيدردي سان قتل ڪيو،جنهن جا قاتل بااثر هجڻ سبب پوليس ڪا به ڪاروائي ناهي ڪئي جوابدار اسان کي ڪيس تان هٿ ڪڻڻ ۽ موت مار ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن هنن وزيراعليٰ سنڌ، آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو ايس ايس پي لاڙڪاڻو ۽ وس وارن کان مطالبو ڪيو آهي ته نوٽيس وٺي اسان جي نوجوان جا قاتل گرفتار ڪري اسان سان انصاف ڪيو وڃي

پريا ڪماري ۽ اجالا جي بازيابي لاءِ چونڊيل نمائندا خاموش آهن:غلام حيدر پلي

پريا ڪماري ۽ اجالا جي بازيابي لاءِ حڪمرانن ڪهڙيون ڪوششون ورتيون آهن

سپريم ڪورٽ هاءِ ڪورٽ معصوم ٻارڙن جي بازيابي لاءِ ترت نوٽيس وٺن

دولتپور(ن ع)معصوم نياڻي پريا ڪماري ۽ اجالا جي بازيابي سنڌ حڪومت جي ناڪامي جو ثبوت آهي وڏي افسوس جي ڳالهه آهي ته معصوم نياڻي پريا ڪماري 5 سالن کان ظالمن جي قيد ۾ حڪومتي نمائندا خاموش تماشائي بڻيل آهن سڄي سنڌ سراپا احتجاج بڻيل آهي جڏهن ته مظلوم نياڻين جا والدين سراپا احتجاج بڻيل آهن اهڙو اظهار دولتپور صفن ڀرسان ڳوٺ مير محمد پلي جي نيڪ مردن غلام حيدر پلي عبدالهادي پلي ميڊيا سان ڳالهائيندي ڪيو هنن وڌيڪ چيو ته اسان مظلوم نياڻين جي وارثن سان سندس ڏک ڏر ۾ شريڪ آهيون پر افسوس جي اها ڳالهه آهي ته آءِ جي سنڌ ڊي آءِ جي ايس ايس پي ۽ ٽڪ جا چونڊيل نمائندا خاموش تماشائي بڻيل آهن پر معصوم نياڻي پريا ڪماري ۽ اجالا جي بازيابي لاءِ ڪوششون ڪهڙيون ورتيون آهن هنن وڌيڪ چيو ته سپريم ڪورٽ هاءِ ڪورٽ معصوم ٻارڙن جي بازيابي لاءِ ترت نوٽيس وٺي ۽ نااهل سنڌ حڪومت کي فوري طور هٽايو وڃي جيڪا پنهنجي ملڪ جي مظلوم معصوم ٻارڙن جي بازيابي به نه ٿا ڪري سگهن هنن مطالبو ڪيو ته معصوم سنڌ جي نياڻين پريا ڪماري اجالا ۽ ٻين کي بازياب ڪرائي وارثن حوالي ڪيو وڃي

حيدرآباد ۾ تعليم کاتي ۾ 40 پلس ويٽنگ لسٽ اميدوارن پاران آفر آرڊر نه ملڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

ظهيرعباس،فهد شيخ،عارف ڪلهوڙي،سعديه،ثمينه بلوچ ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ پريس ڪلب سامهون احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

20 مهينن کان پرامن احتجاج ڪري رهيا آهيون، پر افسوس سان چوڻو پوي ٿو ته اسان جي جائز مطالبن تي اڃا تائين ڪو به ڌيان نٿو ڏنو وڃي:اميدوار

سنڌ ۾ سياسي بنيادن تي نوڪريون ڏنيون وڃن آهن، جيڪو اهل اميدوارن سان واضح ناانصافي ۽ ٻٽي معيار کي ظاهر ڪري ٿو

آءِ بي اي سکر جي ٽيسٽ ۾ 40پلس مارڪون کڻڻ بعد سنڌ حڪومت پ پ جي چونڊيل نمائندن جي ٻٽي معيار سبب اسان جي محنت ضايع ٿي رهي آهي

حيدرآباد آءِ بي اي پلس اميدوار آفر آرڊر نه ملڻ خلاف مظاهرو ڪندي

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر)تعليم کاتي سنڌ ۾ جي ايس ڪي ۽ پي ايس ڪي سکر آءِ بي اي ٽيسٽ پاس 40 پلس ويٽنگ لسٽ اميدوارن آفر آرڊر نه ملڻ خلاف ظهيرعباس،فهد شيخ،عارف ڪلهوڙي،سعديه،ثمينه بلوچ ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب سامهون احتجاجي مظاهرو ڪيو. ان موقعي تي هنن چيو ته جي ايس ڪي ۽ پي ايس ڪي 40پلس مارڪون کڻندڙ اميدوار گذريل 20 مهينن کان پرامن احتجاج ڪري رهيا آهيون پر افسوس سان چوڻو پوي ٿو ته اسان جي جائز مطالبن تي اڃا تائين ڪو به ڌيان نٿو ڏنو وڃي .هڪ پاسي اهي اميدوار آفر آرڊرن جي انتظار ۾ ويٺل آهن جڏهن ته ٻئي پاسي سنڌ ۾ سياسي بنيادن تي نوڪريون ڏنيون وڃن آهن جيڪو اهل اميدوارن سان واضح ناانصافي ۽ ٻٽي معيار کي ظاهر ڪري ٿو. سنڌ سياسي بنيادن تي نوڪريون ڏنيون وڃن ٿيون ته پوءِ آءِ بي اي ٽيسٽ ڪرائڻ جي ڪهڙي ضرورت هئي. هنن چيو ته اسان جي والدين ۽ وارثن اسان کي محنت مزدوري ڪري پڙهايو ۽ اسان محنت اهليت جي بنياد تي آءِ بي اي سکر جي ٽيسٽ ۾ 40پلس مارڪون کنيون پر سنڌ حڪومت پ پ جي چونڊيل نمائندن جي ٻٽي معيار سبب اسان جي محنت ضايع ٿي رهي آهي. هنن چيف جسٽس سنڌ هاءِ ڪورٽ کي اپيل ڪئي ته ڪيس اهليت جي بنياد تي نوڪريون ڏئي انصاف ڪيو وڃي

جيئي سنڌ محاذ پاران 10 جولاءِ تي بدين ۾ تحفظ سنڌ مارچ جو اعلان،ڀرپور شرڪت جي اپيل

لاڙ ۾ پاڻي جي سنگين کوٽ، قدرتي وسيلن تي قبضي، لاقانونيت ۽ ذوالفقار آباد رٿا خلاف 10 جولاءِ تي بدين ۾ تحفظ سنڌ مارچ ڪيو ويندو:نواز شاهه پاڏائي

ٺٽو سجاول بدين ۽ ٽنڊو محمد خان کي سُڪائڻ لاءِ ڪوٽڙي بئراج تي پاڻي جو بحران پيدا ڪيو ويو آهي،ذميوار ارسا وفاقي ۽ سنڌ حڪومت آهي

پريا ڪماري ۽ اجالا پروين بازياب نه ٿي سگهيون آهن،گهرو وزير ۽ آءِ جي سنڌ غلط بياني ڪري پريا ڪماري جي وارثن جي دل آزاري ڪري رهيا آهن

هٿ وڃي لاڙ واري خطي ۾ امن امان جو ماحول بگاڙي برادري تڪرارن کي هٿي ڏياري پئي وڃي پوليس جي رٽ ناڪام ٿي چڪي آهي

ٺٽو نواز شاهه پاڏائي پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪندي

[illegible] ڪماري ۽ اجالا پروين جي بازياب نه ٿيڻ خلاف 10 جولاءِ تي جيئي سنڌ محاذ پاران بدين ۾ تحفظ سنڌ مارچ ڪڍيو ويندو جنهن جي قيادت جيئي سنڌ محاذ جو چيئرمين رياض چانڊيو ڪندو هن لاڙ وارن ضلعن جي عوام شاعرن اديبن ۽ سول سوسائٽي جي نمائندن کي اپيل ڪئي آهي ته آهي ته پنهنجي زراعت پاڻي وسيلن کي بچائڻ ۽ امن امان جي بحالي لاءِ تحفظ سنڌ مارچ ۾ ڀرپور شرڪت ڪن [illegible] ٻگاڙي برادري تڪرارن کي هٿي ڏياري پئي وڃي پوليس جي رٽ ناڪام ٿي چڪي آهي قومپرست اڳواڻ نواز شاهه پاڏائي وڌيڪ چيو ته بدين ضلعو سڀ کان وڌيڪ معدني وسيلا پيدا ڪندڙ ضلعو هجڻ باوجود ترقي کان محروم بڻيل آهي سنڌ جي معدني وسيلن تان مقامي ماڻهن جو حق کسيو ويو آهي ان موقعي تي جيئي سنڌ محاذ جي سينيئر وائيس چيئرمين نواز شاهه پاڏائي اعلان ڪندي چيو ته سنڌو درياءَ [illegible] قومپرست اڳواڻ نواز شاهه پاڏائي وڌيڪ چيو ته سنڌ ۾ لاقانونيت جي انتها آهي جو اڃا تائين پريا ڪماري ۽ اجالا پروين بازياب نه ٿي سگهيون آهن گهرو وزير ۽ آءِ جي سنڌ غلط بياني ڪري معصوم پريا ڪماري جي وارثن جي دل آزاري ڪري رهيا آهن هن گهر ڪئي ته عدالت معاملي جو نوٽيس وٺي ۽ گهرو وزير توڙي آءِ جي سنڌ جي بيانن کي به جاچ ۾ شامل ڪري پريا ڪماري ڪيس جي عدالتي ڪميشن

ٻانڊي ۾ 12 محرم الحرام تي مرڪزي امام بارگاهه علي رضا رضويه مان جلوس برآمد

ماتمي جلوس "يا حسين يا حسين"جي صدائن،نوحه خواني ۽ سينا زني سان برآمد ڪيو ويو

پوليس رينجرز ۽ ٻين قانون لاڳو ڪندڙ ادارن پاران سخت سيڪيورٽي انتظام ڪيا ويا

ٻانڊي (ن ع)ٻانڊي ۾ 12 محرم الحرام جي موقعي تي مرڪزي امام بارگاهه علي رضا رضويه مان برآمد ٿيل ماتمي جلوس "يا حسين، يا حسين" جي صدائن، نوحه خواني ۽ سينا زني سان روايتي عقيدت ۽ احترام سان جاري آهي جلوس پنهنجي مقرر روٽن تان گذرندي شهر جي حسيني چوڪ طرف روانو ٿيو جتي آسپاس جي مختلف علائقن مان نڪتل ماتمي جلوس پڻ اچي مرڪزي جلوس ۾ شامل ٿي ويا، جنهن سان غم حسين جو منظر وڌيڪ روح پرور بڻجي ويو.جلوس جي حفاظت لاءِ پوليس، رينجرز ۽ ٻين قانون لاڳو ڪندڙ ادارن پاران سخت سيڪيورٽي انتظام ڪيا ويا آهن جڏهن ته پوليس سان گڏ جعفريه يوٿ جا رضاڪار پڻ سيڪيورٽي ۽ نظم و ضبط برقرار رکڻ ۾ پنهنجون ذميواريون نڀائي رهيا آهن.عزادارن جي سهولت خاطر جلوس جي مختلف هنڌن تي فري ميڊيڪل ڪيمپون پڻ قائم ڪيون ويون آهن، جتي ڊاڪٽرن ۽ طبي عملي پاران ماتمي عزادارن کي طبي سهولتون فراهم ڪيون پيون وڃن ان سان گڏ واپڊا ٻانڊي جو عملو پڻ پنهنجي ڊيوٽي سرانجام ڏيندي بجلي جي فراهمي ۽ ٻين ضروري انتظامن کي يقيني بڻائي رهيو آهي مرڪزي ماتمي جلوس حسيني چوڪ تي پهچڻ بعد مجلس عزا منعقد ڪئي ويندي، جنهن ۾ حضرت امام حسين عليه السلام ۽ شهيدن ڪربلا جي عظيم قربانين تي روشني وڌي ويندي مجلس ڪان پوءِ عزادار زنجيرن جو ماتم ڪندا جنهن کان پوءِ جلوس بيهر پنهنجي روايتي روٽ تان امام بارگاهه ڏانهن روانو ٿيندو جڏهن ته شام جو نهر جي رسم پڻ ادا ڪئي ويندي.هوڏانهن سيڪيورٽي جي پيش نظر انتظاميا پاران ٻانڊي شهر ۾ موبائل فون نيٽورڪ عارضي طور بند رکيو ويو آهي، جيئن عزاداري جا سمورا پروگرام پرامن ۽ محفوظ ماحول ۾ مڪمل ٿي سگهن

ٻانڊي 12محرم الحرام تي مرڪزي امام بارگاهه علي رضا رضويه مان جلوس برآمد ڪيو پيو وڃي

باقراڻي ۾ 12 محرم الحرام تي سيد باغ علي شاهه جو قديمي ماتمي جلوس برآمد

عزادارن پاران ماتمي جلوس ۾ نوحه خواني،سينا زني،ڇاڪن ۽ زنجيرن سان ماتم ڪيو ويو

ذاڪرين خطاب ڪندي ڪربلا جي شهيدن کي زبردست ڀيٽا پيش ڪئي

باقراڻي (ن ع)باقراڻي ۾ محسن ڪائنات حضرت امام حسين عه ۽ سندن جانثارن کي ڀيٽا پيش ڪرڻ وارو سلسلو جاري آهي ان سلسلي ۾ 12 محرم الحرام جي ڏهاڙي تي هر سال جيان هن سال به باقراڻي شهر ۾ سيد جاذب علي شاهه بخاري، سيد عاقب علي شاهه بخاري، سيد وقار شاهه بخاري جي نگراني ۾ سيد باغ علي شاهه جو قديمي ماتمي جلوس شهزادي معصوم علي اصغر جا جهولا ۽ تعزين ، علم پاڪ سان بر آمد ٿيو ، مومنين پاران نوحه خواني ، سينا زني ، ڇاڪن ۽ زنجيرن سان عزاداري پڻ ڪئي ، هر طرف يا حسين عليه السلام جون صدائون بلند هيون ، جڏهن ته نوحه خوانن سيد جاذب علي شاهه بخاري، امداد علي عباسي، عرفان علي اڄڻ حاجي منظور ميمڻ خالق ڏنو چنو ۽ ٻين نوحه خواني ڪري ڪربلا جي شهيدن کي زبردست ڀيٽا ڏني ، ماتمي جلوس شهر جي مختلف رستن تان ٿيندي شهر مرڪزي پنج پيرن واري امام بارگاهه تي پهتو جتي مجلس عزا ۽ عزاداري بعد ماتمي جلوس واپس شهر جي مين بازار کان ٿيندو سيد باغ علي شاهه جي امام بارگاهه تي نهر ٿيو جنهن بعد مجلس عزا کي مولوي محمد حسن ڪنير، زوار ماجد علي عباسي ۽ ٻيا مولوي ، ذاڪرين خطاب ڪندي ڪربلا جي شهيدن کي زبردست ڀيٽا پيش ڪئي، هوڏانهن باقراڻي ۾ پوليس نفري مقرر ڪري سيڪيورٽي جا انتظام سخت ڪيا ويا هئا

درگاهه پير ذاڪري سڪرنڊ ۾ ذڪر شهداءِ ڪربلا روحاني اجتماع

اهلبيت سان وفاداري به درس ڪربلا آهي،واقعي مان ڪئي سبق ملن ٿا

اسان ۽ اوهان کي گهرجي ته واقعه ڪربلا جو بار بار مطالعو ڪيون:علامه مظهر علوي

سڪرنڊ(س ر)درگاهه پير ذاڪري سڪرنڊ جي سجاده نشين سيد محمد منير شاهه جي ميزبانيءَ هيٺ درگاهه شريف تي سيد شهداءِ امام عالي مقام سيدنا حسين رضي الله عنه جن جي ياد ۾ " ذڪر شهداءِ ڪربلا " جي عنوان تحت روحاني اجتماع جو اهتمام ڪيو ويو جنهن ۾ منهاج القرآن سنڌ جي ناظم اعليٰ علامه مظهر محمود علوي خصوصي خطاب ڪيو جنهن ڪربلا جي واقعي تي تفصيلي ڳالهائيندي چيو ته هڪ رات اهڙي آئي جو رات جي اونداهيءَ ۾ سيدنا امام حسين رضي الله عنه ساٿين کي فرمايو ته اوهان سڀ هليا وڃو مان سپاهي حضور سرور ڪائنات ﷺ جن جي بارگاهه ۾ اوهان جي سفارش ڪندس جنهن تي سندس ساٿين سيدنا امام حسين رضي الله عنه جن جي بارگاهه ۾ عرض ڪيو ته جيڪڏهن اسان هڪ ڀيرو نه بلڪ 400 ڀيرا به مرون ۽ وري زنده ٿيون ته اسان کي اهي سڀ تڪليفون قبول آهن پر اوهان جو ساٿ نه ڇڏينداسين جنهن مان ثابت ٿيو ته اهلبيت سان وفاداري به درس ڪربلا آهي هن چيو ته ڪربلا جي واقعي مان ڪئي سبق ملن ٿا جن ۾ حق تي قائم رهڻ،سچ جو ساٿ ڏيڻ،ظالم سان مهاڏو اٽڪائڻ ۽ پلي اڪيلو ٿي وڃجي ۾ زاني ، جابر ۽ ظالم حڪمرانن جو ساٿ ناهي ڏيڻو ان ڪري اسان ۽ اوهان کي گهرجي ته واقعه ڪربلا جو بار بار مطالعو ڪيون ۽ پنهنجي زندگيءَ کي به درس ڪربلا جيان گذاريون.

خيرپورلڳ شادي شهيد پرسان پلاٽ جي تڪرار تان غلام محمد پنهور

خيرپور(ذ ر)خيرپور لڳ شادي شهيد ڀرسان پلاٽ جي تڪرار تان هٿيارٻندن فائرنگ ڪري غلام محمد پنهور کي قتل ڪري ڇڏيو. واقعي کان پوءِ جوابدار فرار ٿي ويا،بعد ۾ مقتول جا وارثن لاش کڻي خيرپور پهتا ۽ مريم توب چوڪ تي لاش رکي احتجاجي ڌرڻو هنيو شاهه لطيف ٿاڻي جي ايس ايڇ او مظاهرين سان ڳالهيون ڪري کين انصاف فراهم ڪرڻ جي خاطري ڪرائي جنهن کان پوءِ ڌرڻو ختم ڪيو ويو،وارث لاش سول اسپتال خيرپور کڻي ويا، جتي پوسٽ مارٽم مڪمل ٿيڻ بعد لاش وارثن حوالي ڪئي وئي،لاش وصول ڪرڻ کان پوءِ وارث مقتول جو مڙهه ڳوٺ سعيد خان لاکو کڻي ويا، جتي نماز جنازه ادا ڪرڻ بعد کيس اباڻي قبرستان ۾ مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويو

مسوپرڳڙي شهر ۾ گهر جي ڇت اوچتو ڪري پئي،گهر ڌڻي سميت 3 ڄڻا زخمي

مسوپرڳڙي(ن ع)مسوپرڳڙي شهر ۾ گرلس هائي اسڪول واري گهٽي ۾ آصف مغل جي گهر جي ڇت ڪري پئي پاڙيسرين موجب گهر جا پاڻي ڇت تي سمل هيا اوچتو ڇت ڪري پئي جنهن جو آواز ٻڌي پاڙيسري گڏ ٿي ويا ۽ آصف مغل ۽ ان جي گهر واريءَ ۽ سندن 9 ورهين جي ڌي تبسم کي فوري طور ڳوٺاڻن پنهنجي مدد پاڻ تحت سول اسپتال حيدرآباد منتقل ڪري ڇڏيو آهي،جڏهن ته واقعي جو ٻڌي مسوپرڳڙي جا شهري وڏي تعداد ۾ گڏ ٿي ويا

فقيرآباد ۾ نامعلوم پورهيت جي گهر مان سونا زيور ۽ رقم چوري

گمبٽ (ت ر)گمبٽ ٿاڻي جي حد فقيرآباد چونڪ جي علائقي فقيرآباد ۾ نامعلوم پورهيت مستري نظير احمد سومرو جي گهر مان گهر جا تالا ٽوڙي گهر ۾ داخل ٿي گهر ۾ رکيل الماڙي ۽ پيٽن جا تالا ٽوڙي سونا زيور ۽ گهر ۾ رکيل نياڻي جو ڏاج جو سامان نقد رقم رقم چوري ڪري فرار ٿي ويا آهن جڏهن ته پورهيت مستري نظير احمد ميڊيا وارن کي ٻڌايو ته اسان پوري فيملي سميت ست محرم تي اباڻي ڳوٺ ويا هئاسين ۽ اڄ اسان پنهنجي گهر فقيرآباد واپس آياسين ته گهر جا تالا ٽٽل هئا ۽ اسان جو قيمتي سامان چور چوري ڪري ويا آهن متاثر پورهيت جو چوڻ آهي ته سڄي زندگي جي جمع پونجي هڪ ئي رات ۾ ختم ٿي وئي هنن حد جي پوليس ۽ علائقي واسين کي اپيل ڪندي چيو آهي ته چورن کي گرفتار ڪرڻ ۾ اسان جي مدد ڪئي وڃي ۽ اسان سان انصاف ڪري چوري واپس ڪرائي وڃي ۽ ايس ايس پي خيرپور ۽ ڊي ايس پي گمبٽ نوٽس وٺن

مٽي ۾ راڻسنگهه گجاڻي جي ديهانت تي تعزيتي سلسلو جاري

مٽي(ذ ر)تعلقي ڏيپلو جي ڳوٺ ٻولي جي نيڪ مرد راڻسنگهه گجاڻي جي ديهانت تي گجاڻي برادري سان تعزيتي سلسلو جاري آهي ڪالهه جن تڏي تي پهچي تعزيت ڪئي، تن ۾ پ پ ٿرپارڪر جي جنرل سيڪريٽري سشيل ڪمار ملاڻي، ديپڪ شرما، سڄڻ واسو رزاق ٻجير ارباب محمد بخش راهمون چيئرمين يو سي ٽلو جام قاسم راهمون يونس راهمون هوٿي ٻيل ميو مل ميمڻ ماسٽر فتح ڪامريڊ ڪيشٽراج ليمون مل پرڪاش ۽ ٻين وڏي انگ ۾ تعزيت ڪئي

چوڙ پوليس پاران منشيات فروشن ۽ ڏوهاري عنصرن خلاف ڪارروايون

چوڙ(ن ع)چوڙ پوليس پاران منشيات فروشن ۽ ڏوهاري عنصرن خلاف ڪارروايون جاري آهن پوليس مختلف علائقن ۾ گشت، ناڪابندي ۽ چيڪنگ ذريعي قانون جي عملداري کي يقيني بڻائڻ جون ڪوششون ڪري رهي آهي مقامي ذريعن موجب منشيات خلاف سخت ڪارروايون سبب ڪيترن ئي شڪي ماڻهن جون سرگرميون محدود ٿيون آهن جڏهن ته شهرين جو چوڻ آهي ته منشيات جي مڪمل خاتمي لاءِ بنا ڪنهن فرق جي وڌيڪ اپريشنن ڪارروايون ڪرڻ جي ضرورت آهي ذريعن جو اهو به چوڻ آهي ته چوڙ ٿاڻي اندر انتظامي معاملن ۽ سخت ڊسپلن سبب ڪجهه پوليس اهلڪارن ۾ بيچيني ۽ اختلافن جون ڳالهيون پڻ گردش ڪري رهيون آهن بهرحال انهن دعوائن جي آزاد ذريعن کان تصديق نه ٿي سگهي آهي ۽ نه ئي ان حوالي سان پوليس جي اعليٰ اختيارين طرفان ڪو باضابطه موقف جاري ڪيو ويو آهي شهرين مطالبو ڪيو آهي ته منشيات فروشن سماج دشمن عنصرن ۽ قانون ٽوڙيندڙن خلاف بنا ڪنهن رعايت جي ڪارروايون جاري رکيون وڃن. جڏهن ته پوليس کاتي جي اندروني معاملن بابت به شفافيت اختيار ڪئي وڃي ته جيئن عوام جو اعتماد وڌيڪ مضبوط ٿي سگهي

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
ABC CERTIFIED
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم – سعودي عرب ۾ 2 ريال
روزاني عبرت
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk
سومر 29 جُون 2026ع

ايران، آمريڪا امن معاهدي باوجود صورتحال اطمينان جوڳي ناهي!

ايران، آمريڪا وچ ۾ ٿيل معاهدي تي پوري دنيا ۾ سرهائي ڏٺي پئي وڃي. واپاري توڙي عام طبقي جي ماڻهن سمجهيو ته حالتون هاڻ ان ساڳي هنڌ تي اچي وينديون، جتي انهيءَ تڪرار کان اڳ هيون. جنهن جا آثار به نمايان ٿيڻ لڳا هئا جو عالمي منڊيءَ ۾ تيل جون قيمتون في بيرل ستر ڊالر کان هيٺ اچڻ شروع ٿي ويون هيون. سون جي اگهه ۾ به لاٿ ڏسجڻ ۾ آئي پر 25 تاريخ تي آمريڪا طرفان ايران جي فوجي تنصيبات تي فضائي حملا ۽ ان جي جواب ۾ ايران پاران آمريڪي فوجي هدفن خلاف ڪارروائين جي دعوائن سمورن ارمانن تي جهڙوڪر پاڻي ڦيري ڇڏيو آهي. جيتوڻيڪ تازو آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ ٿيل معاهدي جي باوجود سفارتي ڪوششون جاري هيون پر موجوده صورتحال ظاهر ڪري ٿي ته اعتماد جو بحران اڃا تائين ختم نه ٿيو آهي. آبنائي هرمز، جتان روزانو لکين بيرل تيل ۽ گئس عالمي منڊين ڏانهن موڪليو ويندو آهي، هن ساموندي رستي جي سلامتي صرف خليجي ملڪن تائين محدود مسئلو ناهي، پر اهو عالمي معيشت، توانائي جي فراهمي ۽ بين الاقوامي واپار سان سڌو سنئون ڳنڍيل آهي. جڏهن به هرمز ۾ ڇڪتاڻ پيدا ٿئي ٿي ته ان جا اثر تيل جي قيمتن، مال برداري ۽ عالمي مارڪيٽن تي فوري طور ظاهر ٿيندا آهن. تازن واقعن ۾ تجارتي جهازن تي حملن جون خبرون خاص طور تي ڳڻتيءَ جوڳيون آهن. هڪ آئل ٽينڪر تي ميزائل حملي ساموندي واپار لاءِ خطرا وڌايا آهن. پر عالمي برادري کي اهو احساس به ڏياريو آهي ته امن معاهدن باوجود خطي ۾ غير يقيني صورتحال برقرار آهي. اهڙين حالتن ۾ ذميواري ڪنهن تي به عائد ڪئي وڃي، نقصان آخرڪار عالمي معيشت ۽ عام صارف کي ئي برداشت ڪرڻو پوندو. ٻئي طرف آمريڪا جو موقف آهي ته سندس حملا تجارتي جهازن خلاف مبينا جارحيت جو جواب هئا. جڏهن ته ايران انهن ڪارروائين کي پنهنجي خودمختياريءَ خلاف قدم قرار ڏئي رهيو آهي. ٻنهي ملڪن جي بيانن مان اهو ظاهر ٿئي ٿو ته تڪرار جي بنيادي سببن کي حل ڪرڻ بدران الزام تراشي ۽ طاقت جي نمائش کي ترجيح ڏني پئي وڃي. تاريخ شاهد آهي ته اهڙي روش مسئلن جو حل نه پر وڌيڪ پيچيدگيون پيدا ڪندي آهي.

هن صورتحال جو هڪ ٻيو اهم پهلو لبنان ۽ اسرائيل وچ ۾ جاري تڪرار آهي. جيتوڻيڪ ٻنهي ڌرين جنگبندي معاهدي تي صحيحون ڪيون آهن، پر زميني حقيقتون اڃا تائين امن جي حمايت ڪندي نظر نٿيون اچن. اسرائيلي حملن جو سلسلو جاري آهي جڏهن ته حزب الله معاهدي کي رد ڪندي اسرائيلي فوج جي مڪمل واپسيءَ جو مطالبو ڪري رهي آهي. اهڙي ماحول ۾ ڪنهن به وقت صورتحال وڌيڪ خراب ٿي سگهي ٿي، جنهن جا اثر صرف لبنان ۽ اسرائيل تائين محدود نه رهندا. عالمي برادري لاءِ سڀ کان وڏي آزمائش اها آهي ته اها خطي ۾ وڌندڙ ڇڪتاڻ کي ڪيئن روڪي؟ ڳنڍيل قومن، يورپي يونين ۽ ٻين بااثر ملڪن کي گهرجي ته هو صرف بيانن تائين محدود رهڻ بدران عملي سفارتي قدم کڻن. عالمي امن جي مفاد ۾ اهو ضروري آهي ته آمريڪا، ايران، اسرائيل ۽ علائقائي قوتون ڳالهين جو رستو اختيار ڪن ۽ فوجي ڪارروائين کان پاسو ڪن. تيل جي قيمتن ۾ واڌ اڳ ئي عالمي معيشت تي دٻاءُ وڌائي رهي آهي. ترقي پذير ملڪ، جيڪي توانائي جي درآمد تي ڀاڙين ٿا، انهن لاءِ اهڙي صورتحال وڌيڪ مشڪلاتون پيدا ڪري سگهي ٿي. پاڪستان اِن حوالي سان اڳ ئي خدشا ڏيکاري چُڪو آهي ته امن دشمن قوتون اِنهيءَ معاهدي کي ناڪام بڻائڻ لاءِ حربا هلائي سگهن ٿيون، جنهن کي ناڪام بڻائڻ پوري عالمي برادريءَ جي ذميواري آهي. اِهو به سچ آهي ته پاڪستان جهڙا ملڪ، جيڪي معاشي استحڪام لاءِ جدوجهد ڪري رهيا آهن، انهن تي به تيل جي وڌندڙ قيمتن جا سڌا اثر پوندا. مهانگائي، درآمدي خرچن ۾ اضافو ۽ واپاري خساري ۾ واڌ جهڙا مسئلا وڌيڪ سنگين ٿي سگهن ٿا. ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته خطي جي سيني ڌرين کي اهو احساس هجي ته جنگ ۽ طاقت جو استعمال ڪنهن به مسئلي جو مستقل حل نه آهي. امن، سفارتڪاري ۽ باهمي احترام ئي اهڙا اصول آهن جيڪي پائيدار استحڪام کي يقيني بڻائي سگهن ٿا.

انسانيت ئي سڀ کان وڏو ڌرم آهي

راج ڪمار

دنيا جي هر مذهب جو بنيادي مقصد انسان کي سچ، محبت، امن، برداشت ۽ انسانيت جو درس ڏيڻ آهي. پر سناتن ڌرم جي خوبي اها آهي ته اهو صرف عبادت يا رسمن تائين محدود ناهي، بلڪ اهو انسان جي سموري زندگيءَ لاءِ اخلاقي، روحاني ۽ سماجي رهنمائي فراهم ڪري ٿو. سناتن ڌرم جي تعليمات، خاص طور تي ڀڳوت گيتا، انسان کي اهو سيکارين ٿيون ته زندگيءَ جو اصل حسن نفرت، وڏائي ۽ فرق ۾ نه، پر پيار، برابري، فرض شناسي، سچائي ۽ خدمت ۾ آهي. گيتا انسان کي پنهنجي اندر جي سڌاري، سماج جي بهتري ۽ ڌرم جي سچي روح کي سمجهڻ جو درس ڏئي ٿي.

افسوس سان چوڻو پوي ٿو ته وقت گذرڻ سان سماج ۾ ڪي اهڙيون رسمون ۽ رواج به شامل ٿي ويا آهن، جيڪي مذهب جي اصل روح کان پري آهن. ذات پات جي بنياد تي اوچ نيچ، انسان کي انسان کان گهٽ يا وڏو سمجهڻ، برادرين جي وچ ۾ نفرت پيدا ڪرڻ ۽ سماجي تفاوت کي تقدس جو رنگ ڏيڻ، اهي سڀ اهڙيون سوچون آهن، جيڪي نه انسانيت سان ٺهڪن ٿيون ۽ نه ئي سناتن ڌرم جي حقيقي تعليمات سان. هندومت جو اصل پيغام ورهاست نه، پر وصل آهي؛ نفرت نه، پر محبت آهي؛ برتري نه، پر برابري آهي.

ڀڳوت گيتا ۾ پرماتما انسانن کي سندن ڪرمن، ذميوارين ۽ صلاحيتن جي بنياد تي سماجي ذميوارين جي ورهاست بابت آگاهه ڪري ٿو نه ڪي سندن جنم يا ذات جي بنياد تي برتري يا گهٽتائي مقرر ڪري ٿو. گيتا جي سمجهاڻي موجب برهمڻ اهو آهي، جيڪو علم، سچائي، اخلاقي رهنمائي ۽ سچائيءَ جو پيغام ڏئي؛ ڪشتري اهو آهي، جيڪو حق، انصاف، ڌرم ۽ ڪمزور جي حفاظت لاءِ بيهي؛ ويش اهو آهي، جيڪو واپار ۽ معيشت وسيلي سماج جي خوشحاليءَ ۾ ڪردار ادا ڪري؛ ۽ شودر اهو آهي، جيڪو محنت، زراعت، خدمت ۽ عملي ڪم وسيلي سماج جي اڏاوت ۾ حصو وٺي. پر ان جو هرگز اهو مطلب ناهي ته ڪو انسان ذاتي طور ٻئي کان مٿانهون يا گهٽ آهي. سناتن ڌرم ۾ عظمت جو معيار جنم نه، پر عمل آهي؛ ذات نه، پر ڪردار آهي؛ نالو نه، پر نيڪي آهي. اسان کي اهو سمجهڻ گهرجي ته سناتن ڌرم ڪنهن به صورت ۾ نفرت، تعصب يا تذليل جو حامي ناهي. جيڪڏهن برادرين جي وچ ۾ رشتا ناتا ٿين، جيڪڏهن هڪ ذات جو نوجوان ٻي ذات جي ڇوڪري سان عزت ۽ رضامنديءَ سان شادي ڪري، جيڪڏهن سماج انسان کي سندس اخلاق ۽ ڪردار جي بنياد تي قبول ڪري ته اهو سناتن ڌرم جي اصل پيغام جي ويجهو قدم هوندو. اهڙي سوچ سان نه صرف ذات پات جا ويڇا گهٽجندا، پر محبت، اتحاد ۽ ڀائيچارو به وڌندو. اسان جي سماج ۾ هڪ ٻيو وڏو الميو ڏاج جي لعنت آهي. جيڪا ڪيترن ئي غريب خاندانن لاءِ درد ۽ ذلت جو سبب بڻيل آهي. ڏاج جي گهرج ڪيترن والدين کي معاشي، ذهني ۽ سماجي عذاب ۾ وجهي ڇڏيو آهي. ڪيترين ئي ڌيئرن جون عمريون صرف ان ڪري وڏي وڃن ٿيون، جو سندن والدين ڏاج جون ناجائز گهرجون پوريون ڪرڻ جي سگهه نٿا رکن. سناتن ڌرم، جيڪو ڪرم، سادگي، پاڪيزگي ۽ انسانيت جو درس ڏئي ٿو، اهو اهڙي ظالماڻي رسم جي هرگز تائيد نٿو ڪري. ڏاج، فضول خرچي، ڪوڙي شان ۽ غريبن لاءِ مشڪلاتون پيدا ڪندڙ رواج، مذهب جي نالي تي سماج تي مڙهيل اهڙا بار آهن، جن کي ختم ڪرڻ وقت جي اهم ضرورت آهي. جيڪڏهن اسين سچ پچ ڌرم جا پوئلڳ آهيون ته پوءِ اسان کي اهڙين رسمن خلاف آواز اٿارڻو پوندو. سناتن ڌرم انسان کي ٻاهرين ڏيک کان وڌيڪ اندروني پاڪيزگيءَ جو درس ڏئي ٿو. اهو ٻڌائي ٿو ته انسان جي اصل سڃاڻپ سندس دل جي صفائي، زبان جي سچائي، عمل جي نيڪي ۽ ٻين سان حسن سلوڪ ۾ آهي. جنهن سماج ۾ محبت هوندي، اتي نفرت لاءِ جاءِ نه هوندي. جنهن سماج ۾ برابري هوندي، اتي اوچ نيچ نه هوندي. جنهن سماج ۾ ڌرم جي سچي سمجهاڻي هوندي، اتي ڪو به انسان ذات يا غربت جي بنياد تي ذليل نه ٿيندو.

اڄ اسان سيني کي، خاص طور تي هندو سماج جي پڙهيل لکيل، باشعور ۽ ذميوار فردن کي، پاڻ سان گڏ پنهنجي نئين نسل کي به اهو سيکارڻو پوندو ته هندومت جو اصل پيغام انسانيت آهي. جيڪڏهن اسان جي دلين مان نفرت ختم نه ٿي، جيڪڏهن اسان ذات پات جي تعصب کان آزاد نه ٿياسين، جيڪڏهن اسان غريب جي عزت نه ڪئي، جيڪڏهن اسان ڌيئرن جي شاديءَ کي ڏاج سان ڳنڍيندي ڇڏيو ته پوءِ اسان مذهب جي روح کي نه سمجهي سگهنداسين. اچو ته ڀڳوت گيتا جي تعليمات کي دل سان پڙهون، سمجهون ۽ پنهنجي زندگيءَ ۾ لاڳو ڪريون. ذات پات، رنگ، نسل، ڪوڙي برتري ۽ ظالماڻي رسمن کان مٿانهون ٿي، محبت، برابري، سچائي، خدمت ۽ ڀائيچاري کي پنهنجو رستو بڻايون. ڇاڪاڻ ته سناتن ڌرم جو اصل حسن به انسانيت ۾ آهي ۽ انسانيت ئي سڀ کان وڏو ڌرم آهي.

امن معاهدو، ٻاهر جا ٻادل: آمريڪا ايران جو نانگڻ راند!

راجا زاهد اختر خانزاده

ڏهه ڏينهن بس ڏهه ڏينهن ڪافي هئا اهو ثابت ڪرڻ لاءِ ته ڪاغذ تي لکيل معاهدو ۽ زمين تي وهندڙ رت ٻه الڳ شيون آهن.

25 جُون تي ايراني پاسداران انقلاب جو برون Ever Lovely جهاز جي ڇت تي ڪريو 26 جُون تي آمريڪا ايران جي ساحلي ريڊار ۽ ميزائل ذخيرن تي حملا ڪيا. 27 جُون تي ايران قطر جي Al Udeid هوائي اڏي، ڪويت جي علي السلم اڏي ۽ بحرين کي نشانو بڻايو. انهيءَ ئي ڏينهن قطري خام تيل سان ڀريل پاناما جو ٽينڪر M/T Kiku به ضرب جي زد ۾ آيو 11,000 کان وڌيڪ ملاح آبنائي ۾ ڦاٿل آهن اقوام متحده انهن کي ڪڍڻ جو عمل روڪي ڇڏيو آهي.

عسڪري ۽ سفارتي دنيا ۾ هن عمل کي Escalation Ladder سڏجي ٿو اها ڏاڪڻي جيڪا هميشه هيٺ وڃي ٿي هڪ ڌر ڪارروائي ڪري ٿي ٻي جواب ڏئي ٿي ۽ وري ٻيهرين وڌيڪ قدم کڻي ٿي ۽ ائين ڇڪتاڻ ايتري ئي وڌندي وڃي ٿي آبنائي هرمز هن وقت انهيءَ ئي ڏاڪڻيءَ جي ڪنهن پڳيدان تي بيٺي آهي ۽ سوال اهو آهي ته اها ڪهڙي ڏاڪڻي تي رڪجندي؟

اهو سمجهڻ لاءِ ته هي ڇو ٿي رهيو آهي ٻيهريون يادداشت تفاهم جن حصن ۾ اختلاف جو بنياد بڻيو انهن کي ڏسڻ ضروري آهي معاهدي جو پنجون نقطو چوي ٿو ته آبنائي هرمز جو انتظام ايران ۽ عمان جي وچ ۾ طئي ٿيندو ايران ان کي پنهنجي ساحلي اختيار جو اعتراف سمجهي ٿو آمريڪا ان کي صرف عارضي صلاح مشورو سمجهي ٿو. جڏهن Ever Lovely آمريڪي منظور ٿيل رستي تان گذري جيڪو عمان جي ساحل جي ويجهو هو ۽ ايران جي نقشي ۾ نه هو ته پاسداران انقلاب ان کي پنهنجي اختيار کي چيلينج سمجهيو ۽ جواب ڏنو. ايران جي پارليامينٽ جي قومي سلامتي ڪميشن جي سربراهه لکيو ته آبنائي هرمز ايران جي حڪومت ۾ آهي جي ڊي وينس چيو: فون کڻو پر تشدد جو جواب تشدد سان ڏنو ويندو. ٽرمپ کان پڇيو ويو ته ايران کي ڇا نتيجا ملندا ته چيائون: توهان کي خبر پئجي ويندي. تي حملا تي الڳ لهجا هڪ معاهدو جيڪو اڃا ڏهه ڏينهن پراڻو آهي پر آبنائي جو تڪرار صرف رستن جو جهيڙو ناهي ان جي پٺيان لبنان جو اهو معاملو آهي جيڪو هن سموري بحران جو سڀ کان نازڪ پهلو بڻجندو پيو وڃي معاهدي جو ٻيهريون نقطو چوي ٿو ته سيني محاذن تي مڪمل جنگ بندي ٿيندي، ان ڪانپوءِ اسرائيلي فوجن جي تڪرڻ تي ڳالهه ٿيندي، پر سرزمين تي ڇا ٿيو؟ آمريڪا لبناني فوج کي ڏکڻ لبنان ۾ تعينات ڪري حزب الله کي غير مسلح ڪرڻ جو منصوبو بڻايو جڏهن ته اسرائيلي فوجون به اتي موجود رهيون ۽ ان کي حفاظتي زون جو نالو ڏنو ويو نيتن ياهو ان کي تاريخي ڪاميابي قرار ڏنو تاڪيدن چيون ٿا ان سان لبناني فوج ۽ حزب الله جي وچ ۾ گهرو ويڙهه جو خطرو پيدا ٿي سگهي ٿو ايران ان کي معاهدي جي سنگين خلاف ورزي سمجهي ٿو ۽ لبنان ايران لاءِ هڪ ٻه ڌاري تلوار آهي، جيڪڏهن هو خاموش رهيو ته پوءِ هي موقف اختيار ڪرڻ مشڪل ٿيندو ته هو ان کي تسليم نه ٿو ڪري.

هتي ايران جي اندر جي ڪهاڻي به سمجهڻ ضروري آهي جيڪا ٻاهران نظر نه ٿي اچي ايران ۾ اڳ ۾ هڪ مضبوط حلقو موجود هو، جنهن ۾ مذاهبين ديني قيادت به شامل هئي جيڪو مسلسل چوندو رهيو ته آمريڪا تي اعتماد نه ٿو ڪري سگهجي صدر ۽ پرڏيهي وزير هيءَ دليل ڏئي مذاڪرات جو رستو اختيار ڪيو ته سفارتڪاري ملڪ کي بهتر مستقبل ڏيندي، هاڻي جيڪڏهن لبنان ۾ اسرائيلي موجودگي جاري رهي، آبنائي تي آمريڪي دٻاءُ وڌندو رهي ۽ بحرين ۾ ايران مخالف ڳنڍيل بيان ايندا رهن ته سخت گير عناصر اهو ئي چوندا ته انهن اڳ ۾ ئي خبردار ڪيو هو ۽ ايران اندر اهو آواز جيترو بلند ٿيندو، صدر لاءِ لچڪ ڏيکارڻ ايتري ئي مشڪل ٿيندي.

انهي ئي 25 جُون تي جڏهن دنيا جون نگاهون آبنائي هرمز تي هيون، نيٽو جي سيڪريٽري جنرل مارڪ روٽي ڦاڪس نيوز تي آيو ۽ چيو ته آمريڪا اٽلي ۽ رومانيه جي فوجي اڏن کان ايران تي سڌو بمبار موڪليا ڪجهه ڪلاڪن ڪانپوءِ اٽلي جي پرڏيهي وزير ميڊيا اڳيان اچي سلاڳيءَ سان چيو: ته اسان ڪڏهن به اجازت ناهي ڏني وزير دفاع تصديق ڪئي هڪ ئي اتحاد جا ٻه مٿانها ترين عهديدار، هڪ ئي ڏينهن، سڌو ٽيليويزن تي هڪ ٻئي جي ترديد ڪري رهيا هئا.

سعودي عرب ۽ UAE جا رستا الڳ ٿي رهيا آهن سعودي عرب ايران سان تعلقات معمول تي آڻيندي پاڪستان ۽ ترڪيه کي وسيع ڪردار ڏيڻ چاهي ٿو سعودي عرب 17 سيپٽمبر 2025 تي پاڪستان سان اسٽريٽجڪ باهمي دفاعي معاهدو ڪيو، جيڪو قطر تي اسرائيلي حملي کان صرف ڪجهه ڏينهن پوءِ هو UAE جو رويو وڌيڪ سخت آهي اهو ايران کي شڪي نظر سان ڏسي ٿو قطر ثالث جو ڪردار ادا ڪري رهيو آهي خليجي رياستن بحرين تي حملي جي مذمت ڪئي پر پٺيان ايران کي اهو پيغام به ڏنو ته اهي خطي ۾ آمريڪي موجودگيءَ ۾ اضافو نه ٿا چاهين هيءَ ٻٽي سفارتڪاري آهي ۽ تهران انهن ٻنهي پيغامن کي هڪ ئي وقت پڙهي رهيو آهي ايران جي 40 ارب ڊالر سالانه آبنائي فيس جي تجويز انهن ئي خليجي رياستن کي اهڙي چوراهي تي بيهاري ڇڏيو آهي، جتي هڪ پاسي رويو جو انڪار آهي ۽ ٻئي پاسي 40 ارب ڊالر ۾ حصو آهي عمان سان ڳنڍيل ورڪنگ گروپ ٺهي چڪو آهي رويو ان کي خطرناڪ نظير چئي رد ڪيو، پر قطر يا ڪويت جي نقطئه نظر کان حساب ڇا هوندو؟ ايران کي جنگ فوجي طور کٽڻ جي ضرورت ناهي ان کي صرف اقتصادي طور کٽڻو آهي يورپ جو ڪردار به واضح ٿي رهيو آهي اٽليءَ جي انڪار هڪ نئين سمت ڏيکاري آهي يورپي ملڪ ايران سان مذاڪرات کي ترجيح ڏين ٿا، اسرائيل جي لامحدود فوجي حمايت انهن کي قبول ناهي فرانس جي ميڪرون جنگ دوران ثالثيءَ جي ڪوشش ڪئي جرمني ايران کي جنگ بنديءَ جو احترام ڪرڻ جي هدايت ڏني پر اهو به چيو ته آبنائي کلڻ گهرجي.

۽ جڏهن سڀ انهيءَ طرف ڏسي رهيا هئا ته روس خاموشيءَ سان مهيني جا 2.3 ارب ڊالر اضافي تيل آمدني ڪمائي رهيو هو. ڪازان ۾ آسيان ملڪن سان معاهدن تي دستخط ٿي رهيا هئا. ايران کي بشهر ايٽمي پلانٽ ۽ راجستان ريلوي ذريعي روسي بنيادي ڍانچي تي منحصر ڪيو پيو وڃي فلپائيني صدر سان ملاقات ۾ 24 قيدي آزاد ڪيا پيا ويا. فلپائن جيڪو آمريڪا جو معاهدي وارو اتحادي آهي. پوتين بغير هڪ گولي هلائڻ جي ڏکڻ اوڀر ايشيا ۾ آمريڪي اتحاديءَ جي دل تائين رسائي حاصل ڪري ورتي. چين تقريباً ڪجهه به نه چيو، تقريباً ڪجهه به خرچ نه ڪيو ۽ پنهنجو پندرهون پنج ساله توانائي منصوبو شايع ڪري ڇڏيو "چين موقعا 2.0" متعارف ڪرايو ۽ بنگلاديش سان تعلقات نئين دور تائين بلند ڪيا. آمريڪا آخري ويڙهه وڙهي رهيو آهي، چين ايندڙ معيشت ناهي رهيو آهي سن زو چيو هو ته بغير وڙهڻ جي کٽڻ سڀ کان وڏي مهارت آهي.

آمريڪا جي اصل ڳڻتي اها آهي ته اهو وچ اوڀر ۾ ڦاٿل رهي يا چين سان اصل مقابلي لاءِ وسيلا بچائي آمريڪي وزارت جنگ ابتدائي مرحلي ۾ 40 ارب ڊالر خرچ ڪيا ۽ 87.6 ارب ڊالر جي اضافي فنڊنگ گهري، يعني مجموعي طور 127.6 ارب ڊالر اها رقم افغانستان جي ٻهرئين سال کان وڌيڪ آهي ڪيترن اهم دفاعي نظامن ۾ ذخيرا معمول کان نمايان گهٽ ٿي ويا آهن اسٽريٽجڪ تيل جا ذخيرا به گهٽ آهن ۽ مهانگائيءَ جو خطرو مڊٽرم کان اڳ سياسي خودڪشي ثابت ٿي سگهي ٿو انهيءَ ڪري آمريڪا معاهدو ٽوڙڻ جي پوزيشن ۾ ناهي انهيءَ ڪري اهو معاهدي کي پنهنجن شرطن تي موڙڻ جي ڪوشش به ڪري رهيو آهي اهو ئي تضاد آهي جيڪو آمريڪي پرڏيهي وزير روبيو ۽ نائب صدر جي ڊي وينس جن مختلف لهجن ۾ نظر اچي ٿو اها اندروني ويڙهه ناهي اها مختلف حلقن کي ڳنڍي خوش رکڻ جي حڪمت عملي آهي.

هاڻي پاڪستان تي اچون ٿا. برگن اسٽاڪ ۾ جي ڊي وينس فيلڊ مارشل عاصم منير ڏانهن اشارو ڪري چيو ته منهنجي زندگيءَ ۾ به تمام اهم ماڻهو آهن هڪ پارٽي ۽ هڪ پاڪستاني اهو جملو پاڪستان جي چئن مهينن جي محنت ۽ استقامت جو اعتراف هو. پاڪستان جي مجبوري واضح هئي: توانائيءَ جو 85 سيڪڙو خليج کان اچي ٿو، جنگ سبب حڪومت کي چار ڏينهن جو هفتو ۽ اسڪول بند ڪرڻا پيا. سعودي عرب 3 ارب ڊالر جي مدد ڏني پاڪستان وٽ ثالثيءَ کان سواءِ ٻيو رستو نه هو الجزيره موجب پاڪستان اهو خلا پريو جڏهن ٽرمپ انتظاميه ڪنهن ثالث تي اعتماد نه ڪندي هئي ۽ ايران به پاڪستان کي قابل قبول سمجهندو هو. 22 ايراني ملاح ڪراچيءَ ۾ ايراني قونصليٽ کي منتقل ڪيا ويا ۽ پاڪستاني پرڏيهي وزير تصديق ڪئي اها هڪ ننڍي خبر آهي پر ان جو مطلب وڏو آهي: پاڪستان اڃا به ٻنهي طرفن جو قابل اعتماد چينل آهي پر اها جيت بي قيمت نه آئي.

اڳتي ڇا ٿيندو؟ ٽي نشانيون ڏسو. پهرين رومانيه آهي. جيڪڏهن رومانيه به اٽلي وانگر انڪار ڪيو ته نيٽو جي اندروني ساک جو مسئلو سنگين ٿي ويندو. ٻي، قطر ۽ ڪويت جو رويو آهي. جيڪڏهن انهن ايندڙ ايران مخالف GCC بيانن تي دستخط ڪرڻ کان پاسو ڪيو يا ايران سان ڪنهن بحري معاملي تي ڳالهه ٻولهه شروع ڪئي ته سمجهو خليج جي سفر جي سمت طئي ٿي رهي آهي. ٽين، آمريڪي ڏهه ساله ٽريزري بانڊ جي پيداوار آهي. جيڪڏهن اها 5.5 سيڪڙو کان مٿي وئي ته آمريڪا کي ايران معاهدي کي هر حال ۾ ڪامياب بڻائڻو پوندو، ڇاڪاڻ ته تيل مهانگو ٿيو ته مڊٽرم چونڊن ۾ ٽرمپ کي ان جي وڏي قيمت ادا ڪرڻي پوندي. ۽ اسرائيل؟ 92 سيڪڙو اسرائيلي سمجهن ٿا ته آمريڪا انهن جي سوپ سائين ڪري واپس ڪري ڇڏي. پاسداران انقلاب جي اڳوڻي سربراهه محسن رضائي چيو ته MOU جي ڪنهن به آرٽيڪل جي خلاف ورزيءَ جو جواب فوري ۽ فيصلاڪن هوندو. يعني اسرائيل ۽ ايران ٻنهي جو ايندڙ قدم معاهدي کي وڌيڪ آزمائڻ آهي. ايندڙ ٻن مهينن ۾ ڪنهن وڏي هميشگي جنگ جو امڪان گهٽ آهي البته محدود جهيڙا، وقتي ڪشيدگي ۽ وقتي وقتي سان سفارتي بحران ايندا رهندا، جنهن کي پوءِ مذاڪرات سان قابو ۾ آڻڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي. نومبر ڪانپوءِ حالتون هڪ نئين موڙ تي اچي سگهن ٿيون، جڏهن آمريڪي اندروني سياسي دٻاءُ وڌيڪ وڌندو رابرٽ پيپ جهڙا ماهر چون ٿا ته دنيا گهڻ قطبي نظام ڏانهن وڌي رهي آهي. ايران هڪ وڏي علائقائي طاقت بڻجندو، ترڪيه وڌيڪ سرگرم ٿيندو ۽ اسرائيل جي اها برتري جيڪا ابراهيمي معاهدن ذريعي قائم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي هئي، برقرار رکڻ آسان نه هوندو ۽ اها تبديلي آسان نه هوندي، پراڻيون طاقتون پنهنجي جاءِ آساني سان نه ڇڏينديون.

تاريخ اسان کي اهوئي ٻڌائي ٿي ته جڏهن به ڪو نئون عالمي نظام جنم وٺندو آهي ته اهو پراڻي نظام سان ٽڪراءَ کان سواءِ وجود ۾ نه ايندو آهي موجوده بحران انهيءَ وڏي تاريخي تبديليءَ جو هڪ حصو آهي اهو معاهدو مڪمل نه ٽٽندو پر اهو آهستي آهستي ساڙيندو رهندو هڪ برون هڪ ڏينهن، هڪ جوابي حملو ايندڙ ڏينهن ۽ انهن ٻنهي جي وچ ۾ ڦاٿل 11,000 ملاح جن جو انتظار ڪو نه ٿو ڄاڻي ڪڏهن ختم ٿيندو آمريڪا ٽانگ ڏاڪڻيءَ جي راند ۾ هڪ ڏاڪڻ چڙهي اهڙي جاءِ تي اچي بيٺو آهي جتي اڳيان ٽانگ جو منهن ڪليل آهي سوال هاڻي اهو ناهي ته اهو هيٺ ڪرندو يا نه. سوال اهو آهي ته ڪيترو هيٺ ويندو، اهو ايندڙ وقت ئي ٻڌائيندو.

پريا اغوا کي پنج سال پورا، واقعو سگهارو آواز گهري ٿو!

ايڊووڪيٽ عبيدالله چڙهڻ

ڪافي وقت کان مسلسل اِهي دانهون ٻڌڻ ۾ اچي رهيون هيون ته سيني جا ٻار واپس اچي ويا آهن پر منهنجي نياڻي ڇو نه ٿا واپس ڪرائي ڏيو؟ يقيناً نه رڳو اهي جملا پر اهو ڏوراپو باضمير ماڻهن لاءِ هڪ وڏو سوال آهي ته آخر اهي ڪهڙيون رڪاوٽون آهن؟ جيڪي هڪ ان وقت جي پنج سالا ۽ اڄ جي لڳ ڀڳ يارنهن سالن جي معصوم نياڻي پريا ڪماري جي بازيابيءَ جو سبب بڻيل آهن. پريا ڪماري 10 محرم سال 2021ع واري ڏينهن سنگرار جي هڪ ننڍڙي شهر مان پنهنجي والد سان گڏ سبيل هلائيندي گهر ٻاهران ٻگهڙن هٿان ڪنهيجي وئي، جنهن جو ڏس پتو اڄ پورا پنج سال گذرڻ ڪانپوءِ به پئجي نه سگهيو آهي. وقت جي رفتار سان سنڌ مٿان نه رڳو اڄوڪي حڪومت پر ان وقت جي نگران حڪومت به نياڻيءَ جي وارثن سان قول ۽ واعدا ڪيا پر اڄ سوڌو ڪنهن به ٻوٽو ڪونه ٻاريو آهي.

سنڌ اندر هوندئن ته هڪ چوڻي موجب 'ڏهل وڃي ۽ دوسو نه نچي' وارو رواج ته هن وقت عروج تي پهتل آهي. شل نه ڪو اسان ڪٿي ڪنهن جو ڪوڙ يا سچ ٻڌون، پوءِ بس سندرا ٻڌي روڊن مٿان ويهي رهون ٿا پر جيڪڏهن ڪٿي ڪو حقيقي اِشو هجي ٿو ته ان لاءِ پهريان مشاورتي ڪاميٽيون ٺهنديون، اِجلاس ڪوٺايا پوءِ فيصلا ٿيندا ته هاڻ ڪنهن جاءِ ۽ حقيقي اِشوءَ خلاف اٿي بيهون! سنڌ حڪومت جي ڪارڪردگي هر اک اڳيان آهي جتي مون ماضيءَ ۾ مختلف وقتن تي اِها ڳالهه واڪي ڪئي ته جيڪڏهن اسان جي سنڌ پوليس ۽ ان ۾ ويٺل اهي فرض شناس بالا آفيسر پنهنجي حقيقي ڊيوٽي سرانجام ڏين ته هتي نه ڪو ڏوهه ٿئي ۽ نه وري ڏوهاري پيدا ٿين پر جيڪڏهن وقت جا حاڪم انهن آفيسرن کي ڪو حقيقي ڪم ڪرڻ نه ڏيندا ته پوءِ ڇو نه اها پريا ڪماري جيڪا 5 سالن کان گم هجي يا وري فضيلا سرڪيءَ کان وٺي اڄالا سولنگي تائين نياڻيون اغوا ٿيل هجن، انهن کي بازياب ڪرائڻ لاءِ اهي آفيسر مجبور بڻيل آهن. هن دور جو ماڻهو اڄ انتهائي سجاڳ ٿي چڪو آهي. گڏوگڏ پوليس اندر جيڪي ڪريٽ ڪامورا ۽ ملازم آهن تن جا ڪُڌا ڪرتوت به هر اڳ اڳيان چِٽا ۽ پڌرا ٿيل نظر اچي رهيا آهن هاڻ انهن کي هو ڪيترو به چو نه لڪائين پر انهن معصومن جي مائٽن کي مڪمل ڄاڻ آهي ته سندن اغوا ڪيل نياڻيون ڪٿي لڪايون ويون آهن؟ فضيلا سرڪيءَ جا والدين روئي روئي پنهنجو حال هيڻو ڪري ويٺا ڪين واقعي بابت ڄاڻ هئي ته ڪهڙا بدڪردار هٿ ملوث آهن پر هو هڪ غريب ۽ ٻي پهچ خاندان سان تعلق رکڻ ناتي انهن ملوث بااثر ماڻهن جو نالو اڄ سوڌو نه کڻي سگهيا آهن.

اهڙي ريت سنڌ جي اترين ضلعن ۾ رهندڙ صديون پراڻا هندو برادري، جنهن جي شرافت جو مختلف وقتن تي ذڪر ڪري چڪو آهيان ته اهي ماڻهو يقيناً انهن ٻگهڙن امن جي ويرين جا مختلف وقتن تي شڪار ٿيڻ ڪانپوءِ وڏي عتاب کي منهن ڏئي رهيا آهن هن پريا ڪماري جي واقعي ۾ جيڪي ماڻهو ملوث آهن، يقيناً تن کي نياڻيءَ جا والدين سڃاڻي چڪا هوندا پر الميو اهو آهي ته اهي هندو پاڙ مسڪين ۽ شريف هجڻ ناتي ملوث جوابدارن جو نالو ظاهر ڪرڻ لاءِ تيار ڪونه آهن.

سکر ضلعي جي ننڍڙي شهر سنگرار مان اغوا ڪيل نياڻي پريا ڪماريءَ جي والد راجو مل سميت 50 جي لڳ ڀڳ هندو برادري انهيءَ شهر ۾ صديون پراڻي آباد آهي هن وقت اهڙي شرمناڪ واقعي ڪانپوءِ اهي هندو برادري سان تعلق رکندڙ 40 کان مٿي گهر سنگرار مان لڏپلاڻ ڪري مختلف شهرن ۾ وڃي ويٺا آهن. يقيناً ڪيتري نه بي حسي جي ڳالهه آهي پر اڄ هيترو عرصو گذرڻ ڪانپوءِ وقت جي حڪمرانن توڙي سنڌ پوليس خاص طور سکر جي انتظاميه کان سنگرار جا ڏوهاري ڪونه ٿا ليپي سگهن.

سنگرار مان اغوا ڪيل نياڻيءَ جا ملوث جوابدار نه رڳو مقامي پوليس کان پري ڪونه آهن پر آتان جي چونڊيل نمائندن کي به اها خبر آهي ته اها نياڻي اغوا ڪري ڪٿي لڪائي وئي آهي؟ هن وقت معصوم پريا ڪماري جا والدين توڙي ٻي هندو برادري سگهارو آواز ٻڌڻ کان پاسيرا آهن. جو نه ڪين اها خبر آهي ته جيڪڏهن هو انهيءَ ڪنري مان اغوا ٿيل واپاري مهيشوري واري واقعي جيان جيڪڏهن هڪ طاقتور آواز بڻجن ٿا ته آتي برادري ۾ ڪنهن حد تائين هڪ سگهه موجود آهي. پاڻ ڏسون پيا ته اڄ ڪنري اغوا واقعي خلاف آتان جا نه رڳو چونڊيل نمائنده پر بااثر ڌريون به مغوي جي وارثن سان احتجاجي طور روڊن مٿان ويٺل آهن. هتي افسوس سان چوڻو ٿو پوي ته اڄ جيڪي سياسي ۽ اقتداري ڌريون نياڻيءَ جي واپسيءَ لاءِ هٿ مٿان هٿ رکي خاموشي جو روزو رکيون ويٺا آهن پر جيڪڏهن اترين ضلعن سان وابسته هندو برادري اڄ ڪنهن سگهاري آواز جو حصو اِن ڪري نه ٿا ٿين جو انهن کي ڄاڻ آهي ته جيڪڏهن ڪنري جي هندو برادري جيان هٿيار کڻي انهن ڏوهارين سان مقابلي لاءِ نڪرندا ته پوءِ انهن مسڪينن جون خبر ناهي ته ڪيتريون پريا ڪماريون لاوارث ٿي انهن شرمناڪ عملن جو حصو ٿينديون. سنڌ جا ماڻهو، باشعور ڌريون ۽ سياسي پارٽيون توڙي انهن پارٽين جا اعليٰ اڳواڻ، جيڪي غير ضروري اشوز پٺيان هزارين ماڻهن جا هجوم گڏ ڪري روڊن مٿان ويهي هاءِ گهوڙا ڪندا رهن ٿا پر ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته نياڻي پريا ڪماريءَ جي بازيابيءَ لاءِ ڪو منظم آواز نه اوچو ڪرڻ جو حصو بڻجون ته جيئن نياڻيءَ جي بازيابي لاءِ وقت جي حڪمرانن جي ڪَنن مٿان ڪا جوءِ ته سُري.

لطيفي لات —— شاهه عبداللطيف ڀٽائي

پرهه پکي آيو ڪربلا مان ڪالهه،
آيو آلودو رت ۾، هي هي منجهان حال،
گهوٽ وڻاهيا ڪالهه، ٻيلي مير حسين ع جا. . .

مختلف تاريخي روايتن مطابق ڏهه محرم تي ڪربلا جي جنگ ختم ٿي ته ٻئي ڏينهن هڪ پکي (ڪبوتر) رت ۾ رڱيل مديني اچي پهتو ان سموري ڏيک کي لطيف سائين پنهنجي هن بيت ۾ سمويو آهي ته "ڪربلا مان ڪالهه، يعني امام حسين عليه السلام، سندس سائين جي شهادت، پٺملي قرلت ۽ اهلبيت جي اسيري واري افسوسناڪ صورتحال کان پوءِ ان قهري وارتا جو اهڃاڻ ٻڌجي صبح سوير مان جنهن کي اسين باک به چئون ته پرهه به هي پکي اتان کان آيو آهي جيڪو رت ۾ رڱيل ۽ سندس حلت ڏاڍي ڏکاري ۽ افسوسناڪ آهي ان جي اهڙي حلت ان ڪري آهي جو هن ڪربلا ۾ آل محمد صلعم ۽ اولادِ علي ع ۽ انهن جي جانثار سائين کي جور ستم سان شهيد ٿيندي ڏٺو هو، جنهن ڪري ان پکيءَ جي اهڙي ڏکاري حلت مان مديني ۾ رهيل نبي پاڪ جي گهرائي ۽ انهن سان لاڳاپيل ماڻهن پروڙي ورتو ته ڪربلا ۾ امام حسين عليه السلام ۽ سندس سائي جن کي لطيف سائين سنڌي روايتن مطابق گهوٽ ڪوٺيو آهي سي يزيدي فوج جي ظلم جو نشانو بڻجندي شهيد ٿي ويا آهن"

(تحقيق ۽ ترتيب : شاهنواز راڄپر)

اڄوڪو ڏينهن ..... 29 جُون

خانبهادر غلام علي نانا

اڄوڪو ڏينهن خانبهادر غلام علي نانا جون سارويون پاڻ سان گڏ کڻي آيو آهي جنهن جو جنم اڄوڪي ڏينهن تي 1880ع ۾ حيدرآباد ۾ ٿيو هن سنڌ مدرسته الاسلام هاءِ اسڪول ڪراچيءَ مان مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪيو ۽ ان بعد ڊي جي سنڌ آرٽس ڪاليج ۾ تعليم حاصل ڪيائين پنهنجي عملي زندگيءَ جي شروعات اسڪول جي استاد طور ڪيائين ۽ مختلف اسڪولن جي هيڊماستر طور ذميداريون سنڀاليائين 1918ع ۾ اتر سنڌ جي ملائن اسڪولن جو ڊپٽي ايڊيوڪيشنل انسپيڪٽر ۽ 1922ع ۾ ٽريننگ ڪاليج حيدرآباد جو پرنسپال مقرر ٿيو ان بعد هن مختلف عهدن تي رهي ڪم ڪيو جن ۾ سنڌ جو ايڊيوڪيشنل انسپيڪٽر حرن جي ٻارن جي تعليم لاءِ سپرنٽينڊنٽ، ڊسٽرڪٽ اسڪائوٽس ڪمشنر حيدرآباد ميونسپلٽيءَ جو اعزازي ميمبر ۽ ٻيا عهدا شامل آهن 1933ع ۾ سندس تعليمي خدمتن کي مڃتا ڏيندي کيس خانبهادر جي خطاب سان نوازيو ويو هن ٻهرين نومبر 1970ع تي وفات ڪئي.

سنتداس ڀنهون مل ڪشناڻي

سنڌي ٻوليءَ جي هن بهترين ليکڪ، شاعر ۽ مترجم جو جنم 29 جُون 1902ع تي نوشهري فيروز ۾ ٿيو هن مئٽرڪ تائين تعليم حاصل ڪئي هن آزاديءَ واري جدوجهد ۾ سرگرميءَ سان حصو ورتو ۽ انهيءَ تحريڪ دوران قيد ۽ بند جون صعوبتون برداشت ڪيائين هن کي سنڌيءَ سان گڏ انگريزي، هندي، اردو، گجراتي ۽ مرهٽي ٻولين تي عبور حاصل هو ديس جي ورهاڱي کان پوءِ هندستان جي شهر پوني ۾ رهائش اختيار ڪيائين هو هڪ ناليوارو سنڌيڪار، شاعر ۽ نثر نويس هو هن جي ڪتابن ۾ "ڪاري پاڻيءَ جي ڪهاڻي" (ترجمو)، "يوگ آسڻ" (ترجمو)، ڦرموٽيون (شاعري)، "اندر جا اڌما" (شاعري)، "روپ ڪوشا" (ترجمو ٿيل ناول)، "سنڌي پهاڪا ۽ محاورا" ۽ ٻيا ڪتاب شامل آهن هن 2 اپريل 1991ع تي هن دنيا مان موڪلايو.

مير علي مراد خان ثاني

اڄ خيرپور رياست جي آخري حاڪم مير علي مراد خان جي جنم جو ڏينهن آهي. هن جي پيدائش 29 جُون 1933ع تي انگلينڊ جي شهر برائٽن ۾ ٿي. هن سينٽ بوناوينچر هاءِ اسڪول حيدرآباد ۽ ايچيسن ڪاليج لاهور مان تعليم حاصل ڪئي ۽ ڪئمبرج يونيورسٽي انگلينڊ مان گريجوئيشن ڪئي. 19 جولاءِ 1947ع تي انگريزن هن جي والد مير فيض محمد ٽالپر کي رياست جي حاڪميت تان هٽائڻ جو اعلان ڪيو 24 جولاءِ 1947ع ۾ فقط 14 سالن جي عمر ۾ مير علي مراد خان کي رياست جو والي بڻايو ويو هو 1954ع تائين خيرپور رياست جو والي رهيو. ان بعد رياست پاڪستان جو حصو بڻجي وئي. هن ٻه شاديون ڪيون سندس پهرين گهرواري شهزادي غلام صادقه بيگم بهاولپور رياست جي واليءَ نواب صادق محمد خان پنجين جي نياڻي هئي ۽ ٻي گهرواري عاليه (وفات: 7 فيبروري 2019) مشهور عالم علامه رشيد ترابيءَ جي نياڻي هئي.

نسيم کرل



اڄ سنڌي ٻوليءَ جي ناليواري ڪهاڻيڪار نسيم کرل جي جنم جو ڏينهن آهي هي مهان ليکڪ 29 جُون 1939ع تي تعلقي گمبٽ ضلعي خيرپور ميرس جي ڳوٺ کرل ۾ ڄائو سندس والد جو نالو حاجي عبدالڪريم کرل هو، جيڪو پنهنجي علائقي جو هڪ سٺو زميندار هو هن پرائمري تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪئي ۽ مئٽرڪ جو امتحان ناز پائلٽ سيڪنڊري اسڪول خيرپور مان پاس ڪيائين ان بعد سنڌ مسلم ڪاليج ڪراچيءَ مان گريجوئيشن ڪيائين ڪراچيءَ ۾ پڙهڻ دوران ڊاڪٽر اياز قادري ۽ ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ شاهه جي صحبت کيس ادبي دنيا طرف ڇڪي آئي ۽ هن ڪهاڻيون لکڻ شروع ڪيون هن جي پهرين ترجمو ڪيل ڪهاڻي "مهمان" 1956ع ۾ ڇپجي پڌري ٿي ان بعد سندس پنهنجي لکيل پهرين ڪهاڻي "سور سمجهي ڪو" 1958ع ۾ شايع ٿي ان کان پوءِ هو لاڳيتو ڪهاڻيون لکندو رهيو ۽ ڏهن سالن جي مختصر عرصي ۾ سنڌي ڪهاڻين جي افق تي وهائو تارو بڻجي چمڪڻ لڳو هن جي ڪهاڻين جو پهريون مجموعو "شبنم شبنم ڪنول ڪنول" 1968ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو ان بعد سندس ڪهاڻين جا ٻه وڌيڪ مجموعا "جوٽيهون در" (1973) ۽ "ڊمي" (1984) شايع ٿيا. انهن ٽنهي ڪتابن کي ملائي 2007ع ۾ "نسيم کرل جون ڪهاڻيون" نالي ڪتاب ڇپايو ويو آهي نسيم جون ڪهاڻيون سنڌي ادب ۾ اهم جڳهه والاريون ٿيون. هڪ زميندار خاندان سان تعلق هجڻ جي باوجود جيڪڏهن نسيم کرل جي ڪهاڻين کي ڏسبو ته انهن ۾ زميندارن جي ڏاڍ ڌڪاءَ ۽ سندن حويلين ۾ ٿيندڙ ڪلورن ۽ ڪاروارن جي چٽي جهلڪ نظر ايندي سندس ڪهاڻين ۾ اِيڏي ته شيرني آهي جو ڪهاڻي پڙهندي ايئن پيو محسوس ٿيندو آهي جڻ ڪهاڻيءَ جا ڪردار اسان جي سامهون ڳالهائي رهيا آهن هن هفتيوار اخبار "جاويد" لاءِ ڪالم لکيا ۽ هڪ ڊرامو "ٻوڙ" پڻ لکيو هن عظيم ڪهاڻيڪار کي ذاتي دشمنيءَ جي بنياد تي 14 جولاءِ 1978ع تي شهيد ڪيو ويو.

ڪمل نهالاڻي

ڪمل نهالاڻي هندستان جو مشهور براڊڪاسٽر، ناٽڪ نگار، صداڪار ۽ اداڪار آهي هو 29 جُون 1952ع ۾ ڪڇ جي شهر آديپور ۾ ڄائو سندس والد رامچند نارائڻداس نهالاڻي سنڌ جي شهر نواب شاهه ۾ ڏندن جو ڊاڪٽر هو هن گجرات يونيورسٽيءَ مان گريجوئيشن ڪئي عملي زندگيءَ جي شروعات آل انڊيا ريڊيو جي ڀڄ اسٽيشن تي پيشڪار طور ڪيائين هن سنڌي ادب ۽ ثقافت بابت ڪيترائي يادگار پروگرام پيش ڪيا ۽ ڪيترن ئي سنڌي اديبن جا انٽرويو ۽ سندن ادبي ڪاوشن جون ڊاڪيومينٽريون ريڊيو تان نشر ڪري سچي سنڌي هجڻ جو ثبوت ڏنو هن 200 کان به وڌيڪ سنڌي ڊراما پڻ پيش ڪيا. ڪجهه ڊرامن ۾ اداڪار ۽ هدايتڪار طور پڻ ڪم ڪيائين 2012ع ۾ ريڊيو تان رٽائر ٿيڻ کان پوءِ 2016ع کان 2018ع تائين انڊين انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ ۾ ڊائريڪٽر ۽ سيڪريٽري طور ذميداريون سنڀاليون.

جهانگير قريشي

مختيار انڙ

هن مشهور براڊڪاسٽر جو جنم 29 جُون 1949ع تي خاوند ڏني قريشيءَ جي گهر ڪراچيءَ ۾ ٿيو هن جا وڏا روهڙيءَ جا رهواسي هئا. ابتدائي تعليم ڇاڪيواڙا ليارِي مارڪيٽ جي پرائمري اسڪول مان حاصل ڪيائين مئٽرڪ جو امتحان اين جي وي هاءِ اسڪول ڪراچيءَ مان پاس ڪيائين هن انٽرميڊيئٽ جو امتحان

حاجي عبدالله هارون ڪاليج ڪراچيءَ مان پاس ڪيو اڳتي هلي پوليٽيڪل ڪاليج حيدرآباد مان برقيات جي شعبي ۾ ڊپلوما سرٽيفڪيٽ حاصل ڪيائين هن عملي زندگيءَ جي شروعات 1971ع ۾ ليڪٽريشين طور ڪاٽن مل ڪوٽڙيءَ ۾ ڪئي 1971ع ڌاري انائونسر طور ريڊيو پاڪستان حيدرآباد سان لاڳاپجي ويو 1997ع ۾ پروڊيوسر مقرر ٿيو 1999ع ۾ پروگرام مئنيجر ۽ 2002ع ۾ ريڊيو تي اسٽيشن ڊائريڪٽر جا عهدا ماڻيائين هن کي روحانيت سان وڏو لڳاءُ هو ۽ خدا جي نيڪ بزرگن جي مزارن تي حاضري ڀري روحاني سڪون حاصل ڪرڻ سندس خاص شيوو هو هن پلاري پٽ ڌڻي، خواجه فريد گنج شڪر، بلهي شاهه، شاهه نوراني، نظام الدين اولياءِ، امير خسرو، شاهه بختيار ڪاڪي، داتا گنج بخش، خواجه غريب نواز ۽ ٻين بزرگن جي مزارن تي حاضري ڀري. هن 20 نومبر 1987ع تي هن جهان مان موڪلايو.

مرتضيٰ سيال

اڄ مشهور اديب، صحافيءَ ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ جي آفيسر مرتضيٰ سيال جي جنم جو ڏينهن آهي پاڻ 29 جُون 1965ع تي نوشهري فيروز ضلعي جي ننڍڙي شهر هالانيءَ ۾ پيدا ٿيو مئٽرڪ تائين هالانيءَ ۾ پڙهيو ۽ ايم اي (ماس ڪميونيڪيشن) جي سند سنڌ يونيورسٽيءَ مان حاصل ڪيائين. هن سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ پبلڪ رليشن آفيسر طور پنهنجي عملي زندگيءَ جي ابتدا ڪئي. هن سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ مختلف عهدن تي ڪم ڪيو آهي جن ۾ امتحانن جو ايڊيشنل ڪنٽرولر، ايڊيشنل رجسٽرار، رجسٽرار، پريس مئنيجر ۽ ڊائريڪٽر انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي شامل آهن. هن 1978ع ڌاري لکڻ جي شروعات ڪئي. سندس شاعري ۽ ٻيون لکڻيون سنڌ جي مختلف اخبارن ۽ رسالن جي زينت بڻجي چڪيون آهن. هو هڪ ڊگهي عرصي کان سنڌي ادبي سنگت سان سلهاڙيل آهي ۽ سنڌي ادبي سنگت جي مرڪزي چونڊن جو جيئرمين رهي چڪو آهي. هو عبرت مئگزين جو انچارج ۽ اعزازي ايڊيٽر رهي چڪو آهي. هو ڪيترن ئي رسالن جي ايڊيٽوريل يا صلاحڪاري بورڊ جو ميمبر پڻ رهيو جن ۾ ماهوار سائنس صحت ۽ ماحول، انڊلٽ ۽ هزار داستان شامل آهن.

حاجي حمزو خان فتح علي موراڻي

حاجي حمزو خان پنهنجي دور جو هڪ قادرالڪلام صوفي شاعر هو شاعريءَ ۾ سندس تخلص فتح علي هو هن جو جنم 14 ڊسمبر 1914ع تي نوشهري فيروز جي مشهور شهر موري ۾ ٿيو هو ڪنڀارڪو ڌنڌو ڪندو هو ۽ گڏوگڏ هڪ چڱو حڪيم به هو ڀڳل عضون جوڙڻ جو به ماهر هو. کيس صوفي شاعريءَ ۽ موسيقيءَ سان گهڻو چاهه هو سندس شاعريءَ ۾ ڪافيون ۽ ڪلام شامل آهن سندس بياض قلمي صورت ۾ سندس پوٽڙن وٽ محفوظ آهي هن 29 جُون 1947ع تي وفات ڪئي.

خانبهادر حاجي غلام نبي شاهه لڪياري

ميرپور خاص جي سيلستدان ۾ حاجي غلام نبي شاهه جو نالو ڪنهن به تعارف جو محتاج ناهي سندس والد موج علي شاهه ميرپور خاص جو وڏو زميندار هو جنهن پنهنجي پٽ کي ديني توڙي دنيوي ٻنهي قسمن جي تعليم ڏياري حاجي غلام نبي شاهه نوجوانيءَ واري زماني ۾ سماجي سياسي ۽ عام ڀلي جي ڪمن ۾ ڀرپور وڌ چڙهي سبب چڱو نالو ڪڍيو هو 1924ع ۾ ضلعي لوڪلبورڊ ٿرپارڪر جو صدر چونڊيو ۽ 1933ع تائين انهيءَ عهدي تي فائز رهيو هو بمبئي ليجسليٽو ڪائونسل جو ميمبر پڻ رهيو سنڌ جي بمبئيءَ کان علحدگيءَ بعد آزاد ميمبر جي حيثيت سان سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو پاڻ ڪيترائي سال ميرپورخاص ۾ زميندارِي بينڪ جو چيئرمين پڻ ٿي رهيو 1953ع ۾ مسلم ليگ جي ٽڪيٽ تي اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو عمر جي آخري حصي ۾ اولهه پاڪستان اسيمبليءَ جي اميدوار طور چونڊن ۾ حصو ورتائين پر ڪامياب نه ٿي سگهيو هن 29 جُون 1967ع تي وفات ڪئي.

ڊاڪٽر قاضي نبي بخش

اڄ سنڌ جي مشهور تعليمي ماهر علم ۽ فارسي ٻوليءَ جي ماهر مرحوم قاضي نبي بخش جي وفات جو ڏينهن آهي هن انمول انسان جو جنم 7 اپريل 1923ع تي روهڙيءَ جي هڪ علمي ۽ ادبي خاندان ۾ ٿيو هن 1940ع ۾ بمبئي يونيورسٽيءَ مان مئٽرڪ جو امتحان فرسٽ ڪلاس ۾ پاس ڪيو اڳتي هلي بي اي توڙي ايم اي فارسيءَ ۾ ڪيائين ۽ ٻنهي امتحانن ۾ سونا بلا حاصل ڪيائين 1960ع ۾ هن جرمنيءَ جي مشهور يونيورسٽين همبرگ ۽ گوٽنجن مان ڊاڪٽريٽ جي سند حاصل ڪئي عملي زندگيءَ جي شروعات شڪارپور جي سي اينڊ ايس ڪاليج ۾ فارسي پڙهائڻ سان ڪيائين ان بعد سنڌ ۽ هند جي ڪيترن ئي تعليمي ادارن ۾ فارسي پڙهايائين جن ۾ سنڌ مدرسته الاسلام ڪراچي، بهاالدين ڪاليج جهوناڳڙهه، اين جي وي هاءِ اسڪول ڪراچي، ايس ايم ڪاليج ڪراچي ۽ گورنمينٽ ڪاليج حيدرآباد شامل آهن 1953ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ جي فارسي شعبي جو ريڊر ۽ چيئرمين مقرر ٿيو 1970ع ۾ سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ جو چيئرمين مقرر ٿيو ڪجهه عرصو سنڌ جي تعليم واري شعبي جو ايڊيشنل سيڪريٽري به رهيو 1974ع کان 1978ع تائين ايران ۾ پاڪستان سرڪار پاران منسٽر جي عهدي تي فائز رهيو ان بعد 1993ع تائين ايران ۾ پاڪستان اسڪول ۽ ڪاليج جي پرنسپال طور ڪم ڪيائين 1993ع کان ڪجهه وقت ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ ڪم ڪيائين 1995ع ۾ مختصر عرصي لاءِ سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جو سربراهه مقرر ٿيو هن 1950ع کان فارسيءَ ۾ علمي مقالا لکڻ شروع ڪيا هن دنيا جي مختلف ڪانفرنسن ۾ پنهنجا مقالا پيش ڪيا هن فارسيءَ جي مشهور ليکڪ احمد روميءَ جي شاعريءَ تي تحقيق ڪئي هن مير علي شير قانع جي ڪتاب "مڪلي نامو" جو انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪيو هن قلندر لال شهباز تي به هڪ ڪتاب انگريزيءَ ۾ لکيو عمر جي آخري حصي ۾ جرمنيءَ هليو ويو جتي 29 جُون 2015ع تي سندس پساهه پورا ٿيا.

بقايا 1 ”روزاني عبرت“

قريشي بيد شريف جو رهواسي هيو ۽ نشي جو عادي هو ۽ شڪ ظاهر ڪيو پيو وڃي ته نشي جي وڌيڪ مقدار استعمال ڪرڻ ۽ شديد گرمي سبب سندس موت واقع ٿي آهي مليل ڄاڻ موجب گذريل هڪ مهيني دوران آئيس جي نشي ۾ مبتلا لڳ ڀڳ 3 ماڻهن جون فوٽيجون سامهون اچي چڪيون آهن، جنهن سبب شهرين ۾ سخت ڳڻتي پيدا ٿي چڪي آهي پوليس جي وڏين ڏين دعوائن باوجود منشيات جي وڪري ۽ واهپي تي ڪنٽرول نه ٿي سگهيو آهي. عوامي ۽ سماجي حلقن لاڳاپيل ادارن کان مطالبو ڪيو آهي ته علائقي ۾ منشيات جي ڀڪ وڪري ۽ واهپي خلاف مؤثر ۽ سخت ڪارروائي ڪئي وڃي

بقايا 2 ”روزاني عبرت“

ڪيا پيا وڃن ۽ واقعي جي جاچ جاري آهي.

بقايا 3 ”روزاني عبرت“

کان انڪار ڪري ڇڏيو وارثن لاش خانپورمهر پرسان لشڪري پير جي قبرستان ۾ رکي احتجاجي مظاهرو ڪيو ۽ سخت نعريبازي ڪئي. مقتول جمال الدين ملڪ، جيڪو عادلپور ٿاڻي جي حد ڳوٺ سجاول ملڪ جو رهواسي هو سندس وارثن بخش علي ملڪ، صدام ملڪ، واحد بخش ملڪ، مائي سهاڳڻ ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪندي الزام لڳايو ته گذريل ڏينهن جوابدارن لئين سان حملو ڪري جمال الدين کي بيدردي سان قتل ڪيو جڏهن ته سندس مٽي مان اڃا تائين رت وهي رهيو آهي ۽ گهوٽڪي اسپتال جي عملي پوسٽ مارٽم جو سرٽيفڪيٽ به غلط تيار ڪيو آهي.احتجاج ڪندڙن چيو ته عادلپور پوليس هن وقت تائين نه ڪيس داخل ڪيو آهي ۽ نه ئي جوابدارن جي گرفتاري لاءِ ڪا ڪارروائي ڪئي آهي. هنن مطالبو ڪيو ته فوري طور قتل جو ڪيس داخل ڪري جوابدارن کي گرفتار ڪيو وڃي، ٻي صورت ۾ هو لاش دفن نه ڪندا.بعد مقامي ماڻهن ڪيس انصاف جي خاطري تي مقتول جمال الدين ملڪ جو لاش دفنايو ويو..

بقايا 4 ”روزاني عبرت“

جي تياري ۾ استعمال ٿيندڙ چورو ۽ سوپاري جا 155 ڪٽا ۽ وڏي مقدار ۾ مين پڙيون برآمد ڪيون ويون، جڏهن ته ٻن جوابدارن کي گرفتار ڪيو ويو آهي. پوليس جو چوڻ آهي ته گرفتار جوابدارن خلاف منشيات ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪري وڌيڪ جاچ شروع ڪئي وئي آهي، جڏهن ته اهو به معلوم ڪيو پيو وڃي ته برآمد ٿيل سامان ڪٿان آندو ويو ۽ ڪنهن هنڌ منتقل ڪيو پئي ويو. واضح رهي ته برآمدگي ۽ گرفتاري بابت پوليس طرفان دعويٰ ڪئي وئي آهي، جنهن جي وڌيڪ تصديق جاچ مڪمل ٿيڻ کان پوءِ سامهون آندي ويندي

بقايا 5 ”روزاني عبرت“

ملاح.جسقم اڳواڻ بابو عثمان ميمڻ.عوامي تحريڪ جي ساگر مجيد جسقم بشير خان جي فاضل خاصخيلي.جي يو آءِ جي طفيل کٽي.شاهنواز لنڊ.ڳوٺ سڌار سنگت جي عزيز زئور.جسقم آريسر جي شفيع محمد زئور صحافي پريس ڪلب جي صدر خالد کٽي امتياز علي سومرو ۽ پريس ڪلب جي عهديدارن ميمبرن.ڪاوش ڪي ٽي اين جي آڪاش زئور.سميت مختلف ماڻهن کي شرڪت جون دعوت پنهنجي بيان ۾ قومي پارٽي چئرمين نواز خان زئور.شهري اتحاد جي محمد علي خواجه.ڏاڏا اسماعيل شورو قادر وقار ميراڻي چيو آهي ته برادري جي تڪرارن سبب علائقن ۾ وڏا نقصان ٿيا آهن جن کي منٽ ميڙ ڦافلي زرعي معاملي کي حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪريو پيا جيئن برادرين ۾ تڪرارن جو نبيرو ٿي سگهي ۽ برادريون نقصان کان بچي پون سڄي سنڌ برادرين جي جهيڙن سبب يوڳي پئي

بقايا 6 ”روزاني عبرت“

متاثر ڌر انصاف ۽ جوابدارن خلاف قانوني ڪارروائي جو مطالبو ڪيو آهي.

بقايا 7 ”روزاني عبرت“

خاتون کي مٿي ۾ ڌڪ لڳو جيڪا ڳوٺ شهداد خان برهماڻي جي ٻڌائي پئي وڃي ۽ حڪيم بروهي کي ٽنگ ۽ اگر ۾ شديد ڌڪ لڳو جيڪو پيارو اسٽيشن پرسان ڳوٺ گاجي پنهور جو ٻڌايو پيو وڃي پيارو پوليس سيني زخمين کي ليٽر ڏئي اعلاج جي لاءِ دادو اسپتال ريفر ڪري ڇڏيو

بقايا 8 ”روزاني عبرت“

سان لڳل هجڻ ڪري هميشه جاني مالي نقصان جو انديشو رهي ٿو اسان جا ٻار ٻچا ۽ چوپايو مال زمين تي گهمندو رهي ٿو جنهن جي نقصان جو انديشو آهي اسان زمين به آباد نه ٿا ڪري سگهون اسان.مقامي انتظاميه سميت وفاقي توڙي سنڌ حڪومت کان مطالبو ٿا ڪريون ته اسان جو جائز مسئلو حل ڪرائي ڏنو وڃي اگر ڪو جاني مالي نقصان ٿيو ته ان جو زميداري انتظاميه تي هوندي

بقايا 9 ”روزاني عبرت“

ڪاٽڻ تي آبادگار سراپا احتجاج بڻيل آهن آبادگارن احتجاج ڪندي ٻڌايو ته ڦٽين جي هلندڙ اگهه 12 هزار رپيا في مڻ ۾ ڪاٽڻ فيڪٽرين جي سيٺين ماضي جيان هڪ هٽي قائم ڪري اوچتو ڦٽين جي في مڻ اگهه ۾ 4 هزار رپين کان وڌيڪ وڏي گهٽتائي آڻي 7800 رپيا في مڻ مقرر ڪري في مڻ 40 ڪلو بجاءِ 42 ڪلو جو مڻ ڪٽي مڻ تي 2 ڪلو ڦٽي ڪٽيو ڪٽي وڏو ظلم ڪري رهيا آهن اهڙي ناانصافي ٿيڻ سبب آبادگارن ۾ سخت ڳڻتي ۽ بيچيني پکڙجي وئي آهي. پيداوار جي وڌندڙ خرچن ياڻ، ٻج، زرعي دوائن ۽ آبپاشي جي خرچن کان پوءِ ايترو گهٽ اگهه کين سخت مالي نقصان ۾ وجهي ڇڏيندو آبادگارن مطالبو ڪيو آهي ته لاڳاپيل سرڪاري ادارا ڪاٽڻ فيڪٽرين خلاف فوري طور نوٽيس وٺي ڦٽين جو مناسب اگهه مقرر ڪرائي اسان آبادگارن ۽ هارين کي معاشي نقصان کان بچايو وڃي

بقايا 10 ”روزاني عبرت“

پيهر آزاد ڪري ڇڏيو آهي هن چيو ته انتظاميه چاهي ٿي ته شهر جو ماحول خراب ڪرڻ چاهي ٿي ۽ مذهبي انتشار پکيڙڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي گستاخ صحابه جي گرفتار ٿيڻ تائين احتجاجي مظاهرو ڌرڻو جاري رهندو هوڏانهن ڌرڻي سبب مختلف روڊن تان ايندڙ ٽريفڪ جام ٿي وڃڻ سبب سوين گاڏيون بيهي ويون آهن، جڏهن ته مسافرن کي سخت پريشانين ۽ تڪليفن کي منهن ڏيڻو پئجي پيو ڊي ايس پي شهدادپور حق نواز اوڊو مظاهرين سان ڳالهيون ڪرڻ بعد گستاخ صحابه حسن خاصخيلي کي گرفتار ڪري ڪيس داخل ڪري ڌرڻو ختم ڪرايو

بقايا 11 ”روزاني عبرت“

کي مبينا ڪهاڙيو هڻي ماري فرار ٿي ويا. واقعي جي اطلاع تي سلطان آباد پوليس واقعي واري هنڌ پهچي تفصيل معلوم ڪرڻ بعد ٻن ڄڻن پڳوان داس ڀيل ۽ ميوو ڀيل کي گرفتار ڪري ورتو آهي اٿهي موقعي تي گهوڙي جي مالڪ حسن ڪالرو ٻڌايو ته گهوڙي ڳوٺ پرسان رستي تي گاهه کائي رهي هئي ته موٽر سائيڪل تي سوار ٻن ڄڻن جيڪي نشي واري حالت ۾ هئا جنهن جو موٽر سائيڪل ۽ گهوڙي ۾ ٽڪر ٿي پيو جنهن سبب ٻئي ڄڻا موٽر سائيڪل تان ڪري پيا هنن نشي جي حالت ۾ ڪهاڙين جا وار ڪري گهوڙي کي ماري ڇڏيو آهي پوليس موجب ٻنهي ڄڻن کي گرفتار ڪيو آهي وڌيڪ جاچ ڪري رهيا آهيون ٻي پاسي الزام هيٺ آيل نوجوان جي وارثن ٻڌايو ته ڪنهن به ڪهاڙين جا وار ڪري گهوڙي کي قتل ناهي ڪيو ٻئي ڄڻا موٽر سائيڪل تي اچي رهيا هئا ته اڳيان گهوڙي اچي وئي موٽر سائيڪل گهوڙي سان ٽڪرائجي ويو جڏهن موٽر سائيڪل جي پويان ويٺل نوجوان جي ڪلهي تي ڪاٽ کنيل هو جيڪو حادثي دوران گهوڙي جي دماغ ۾ لڳڻ سبب گهوڙي مري وئي واقعي کي غلط رنگ ڏنو پيو وڃي پوليس جانچ ڪري سموريون حقيقتون سامهون اچي وينديون

بقايا 12 ”روزاني عبرت“

تحقيقي ڪم سنڌ جو قيمتي ورثو آهي، وائيس چانسيلر پروفيسر ڊاڪٽر فتح محمد مري (ٽي آءِ)، فهيم نوناري، ناصر علي پنهور ۽ ٻين جو تعزيتي ريفرنس کي خطاب جامشورو سنڌي ادبي سنگت شاخ سنڌ يونيورسٽي جامشورو جي اهتمام هيٺ سنڌي ٻوليءَ ۾ سائنس، خاص طور زولاجي جي ڪتابن جي ناميارو مترجم، محقق، ليکڪ ۽ سنڌ يونيورسٽي جي زولاجي شعبي جي اڳوڻي پروفيسر ڊاڪٽر علي مرتضيٰ ڌاريجو جي ياد ۾ ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ ۾ هڪ پُروقار تعزيتي ميڙاڪو منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ کيس زبردست ڀيٽا پيش ڪندي سندس وڇوڙي کي وڏو خال قرار ڏنو ويو. تقريب جي صدارت سنڌ يونيورسٽي جي وائيس چانسيلر پروفيسر ڊاڪٽر فتح محمد مري (ٽي آءِ) ڪئي، جڏهن ته استادن، اديبن، محققن، شاگردن ۽ مرحوم جي وارثن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. تعزيتي ميڙاڪي کي خطاب ڪندي سنڌ يونيورسٽي جي وائيس چانسيلر پروفيسر ڊاڪٽر فتح محمد مري (ٽي آءِ) چيو ته ڊاڪٽر علي مرتضيٰ ڌاريجو سنڌ ۾ زولاجي جي شعبي کي تحقيق، تدريس ۽ تصنيف جي ذريعي نئين سڃاڻپ ڏني. هن چيو ته مرحوم حياتياتي سائنس کي سنڌي ٻوليءَ ۾ منتقل ڪري هزارين شاگردن لاءِ علم حاصل ڪرڻ جا در کوليا، سندس تحقيق علمي معيار، سائنسي سوچ ۽ مقامي حياتياتي تنوع جي مطالعي لاءِ هڪ اهم حوالو بڻجي چڪي آهي. هن وڌيڪ چيو ته ڊاڪٽر ڌاريجو جي علمي پورهئي ثابت ڪيو ته مادري ٻوليءَ ۾ به اعليٰ سائنسي ادب تخليق ڪري سگهجي ٿو وائيس چانسيلر چيو ته سنڌ يونيورسٽي سندس تعليمي ورثي کي محفوظ ڪرڻ ۽ ايندڙ نسلن تائين پهچائڻ لاءِ هر ممڪن قدم کڻندي. هن چيو ته مرحوم سائنسي اصطلاحن کي سنڌي ٻوليءَ ۾ سليس ۽ معياري انداز سان متعارف ڪرائي علمي دنيا ۾ نواڻ آندي، سندس لکيل ڪتاب اڄ به شاگردن ۽ محققن لاءِ بنيادي جزو جي حيثيت رکن ٿا. نامور ليکڪ فهيم نوناري پنهنجي خطاب ۾ چيو ته ڊاڪٽر علي مرتضيٰ ڌاريجو رڳو سائنسدان نه، پر ٻولي، ادب ۽ سماج سان گهري وابستگي رکندڙ دانشور هو. هن چيو ته ڊاڪٽر ڌاريجو علم کي عوام تائين پهچائڻ جو علمبردار هو. سندس وڇوڙو سنڌي سائنس ادب لاءِ هڪ نه پرجي سگهندڙ خال آهي. ماحولياتي ماهر ناصر علي پنهور چيو ته ڊاڪٽر علي مرتضيٰ ڌاريجو ماحوليات ۽ حياتياتي تنوع بابت شعور پيدا ڪرڻ ۾ نمايان ڪردار ادا ڪيو هن چيو ته سندس تحقيق ماحولياتي تحفظ بابت علمي بنياد فراهم ڪيو مرحوم نوجوانن کي فطرت سان محبت ۽ سائنسي تحقيق ڏانهن راغب ڪيو. هن وڌيڪ چيو ته سندس تصنيفون مستقبل جي ماحولياتي محققن لاءِ رهنما حيثيت رکن ٿيون. ڊاڪٽر ڌاريجو جي علمي خدمتن کي سدائين احترام سان ياد رکيو ويندو سنڌ يونيورسٽي دادو ڪيمپس جي پرو وائيس چانسيلر پروفيسر ڊاڪٽر اٿيلا ناز سومرو چيو ته ڊاڪٽر علي مرتضيٰ ڌاريجو هڪ مثالي استاد، باوقار محقق ۽ شفيق انسان هو. هن چيو ته سندس تدريسي انداز ڪيترن ئي شاگردن کي تحقيق جي ميدان ۾ اڳتي وڌڻ لاءِ همٿايو. مرحوم هميشه علم، تحقيق ۽ اخلاقي قدرن کي اوليت ڏني. هن وڌيڪ چيو ته سندس علمي ورثو سنڌ جي اعليٰ تعليم لاءِ قيمتي سرمايو آهي، اهڙيون شخصيتون قومن جي علمي سڃاڻپ بڻجن ٿيون. نوجوان ليکڪ ڊاڪٽر شاهمراد چانڊيو چيو ته ڊاڪٽر علي مرتضيٰ ڌاريجو سنڌي ٻوليءَ ۾ سائنسي ادب جي واڌاري لاءِ غيرمعمولي خدمتون سرانجام ڏنيون. هن چيو ته مرحوم سائنس کي عام فهم ٻوليءَ ۾ پيش ڪري علم کي عوام جي ويجهو آندو. سندس ليک تحقيق، ٻولي ۽ فڪر جو حسين سنگم آهن. هن وڌيڪ چيو ته ڊاڪٽر ڌاريجو جو نالو سنڌي سائنسي ادب جي تاريخ ۾ هميشه روشن رهندو. سندس ڇڏيل علمي خزانو ايندڙ نسلن لاءِ مشعل راهه آهي. مرحوم جي فرزند ۽ سماجي شخصيت زاهد مرتضيٰ ڌاريجو پنهنجي والد کي ڀيٽا پيش ڪندي چيو ته سندس والد سڄي زندگي علم، تحقيق ۽ شاگردن جي تربيت کي پنهنجي زندگيءَ جو مقصد بڻايو هن چيو ته هو هميشه مطالعي لکڻ ۽ علم جي واڌاري ۾ مصروف رهندو هو. سندس خواهش هئي ته سنڌي ٻوليءَ ۾ سائنس جو معياري ادب وڌيڪ ترقي ڪري. هن تعزيتي ميڙاڪو منعقد ڪرڻ تي سنڌ يونيورسٽي ۽ سنڌي ادبي سنگت جا ٿورا مڃيا. هن چيو ته خاندان لاءِ اها وڏي عزت آهي جو علمي حلقا اڄ به سندس خدمتن کي محبت ۽ احترام سان ياد ڪن ٿا. تقريب کي ولي ڏاهري، محمد علي گهانگهرو ۽ ٻين پڻ خطاب ڪيو ۽ پروفيسر ڊاڪٽر علي مرتضيٰ ڌاريجو جي شخصيت، علمي، تحقيقي ۽ ادبي خدمتن تي تفصيلي روشني وڌي. واضح رهي ته پروفيسر ڊاڪٽر علي مرتضيٰ ڌاريجو سنڌي ٻوليءَ ۾ سائنس، طب، ماحوليات ۽ زولاجي بابت ڪيئي ڪتاب لکي سنڌي سائنسي ادب جي مضبوط بنيادن رکڻ ۾ تاريخي ڪردار ادا ڪيو جنهن سبب هو سنڌي ٻوليءَ ۾ سائنسي علم کي هٿي وٺرائڻ جي حوالي سان هميشه ياد رکيو ويندو

بقايا 13 ”روزاني عبرت“

هيون مختلف غلام محمد سولنگي ،فقيرميراول سولنگي،درگاهه عيسن شاهه ،درگاهه شاهه نجف ۽ ٻين پڙن تي ڇاڪن ،زنجيرن،تلوارن سان ماتم ڪيو ويو نوحه خوان انجمن گلشن سجاد گاد شريف ،گڏيجي،نهال خان سولنگي ،سومرسولنگي،سينارجالوڻ،خاڪي،مشهور نوحه خوان سيد مجاهد ناشاد شاهه سميت ٻين وڏي تعداد ۾نوحه خوائي ڪئي ماتمي جلوس جي رستن تي مٺي،ٿڌي پاڻي ۽ ملڪروز جون سبيلون لڳايون ويون هيون ۽ هرهنڌ تي نياز جو بندوبست ڪيو ويو هيو جڏهن ته امام بارگاهن ۽ جلوس جي رستن جي صفائي ڪرائي وئي هئي يوٽين ڪائونسل سينارجا بالا جي چيئرمين ڊاڪٽر ذاڪر حسين سولنگي ماتمي جلوس جي رستن جو يوٽين ڪائونسل سينارجا بالا جي عملي سان گڏ معائنو ڪيو جڏهن ته ماتم ۾ڪيترائي اعزادار زخمي ٿي پيا جن کي صحت کاتي جي ملازمن مرهم پٽي ڪئي سيڪيورٽي جا انتظام انتهائي سخت ڪيا ويا هئا

بقايا 14 ”روزاني عبرت“

مٿان پوليس ڪيس داخل ڪري صحافين کي حراسان ڪيپيو وڃي. هنن ڊي آئي جي سکر ،ايس ايس پي خيرپور ۽ٻين کان مطالبو ڪيو آهي ته سينارجا جي صحافي جي گهر ۾ لڳل ڏاڙي جي رقم واپس ڪرائي وڃي ۽ پير وسڻ جي صحافي عابد جمالي مٿان داخل ڪيل ڪيس ختم ڪيا وڃن.

بقايا 15 ”روزاني عبرت“

ڪارخاني تي 9 کان وڌيڪ هٿيار بندن جي چڙهائي هٿيار بند 12 لک روپيا ڪيش موٽرسائيڪل ۽ سامان آسائي سان ٻهاري فرار ٿي ويا . ان سلسلي ۾ برف ڪارخاني مالڪ چوڌري افتخار آرائين ميڊيا کي ٻڌايو ته رات دير سان 9 هٿيار بندن ڪارخاني تي چڙهائي ڪري چار ملازمن کي تشدد جو نشانو بڻائڻ بعد يرغمال ڪري ڇڏيو جنهن بعد هٿيار بند الماڙي ۾ پيل 12 لک روپيا ڪيش موبائيلون هڪ موٽرسائيڪل . پنج ڪپڙن جا وڳا .هنڌ بسترا سيڊبل ۽ ٻيو سامان ٻهاري فرار ٿي ويا پريارود پوليس ڪرائيم سين ٽيم کي طلب ڪري واقعي واري هنڌ تان فنگر ورتا .ايس ايڇ او غلام مرتضي گورچاڻي رابطو ڪرڻ تي ٻڌايو ته ڏوهه جي مختلف رخن کان جاچ ڪري رهيا آهيون.جلد ڏوهارين کي گرفتار ڪيو ويندو.

بقايا 16 ”روزاني عبرت“

جي اسان جا دوڪان خالي ڪرايا ويا آهن، خبر ناهي ته پوليس ڇو اسان جا دوڪان خالي ڪرائي رهي آهي. جڏهن ته موقعي تي موجود ڊي ايس پي سٽي خدا بخش پنهور صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته اسان سپريم ڪورٽ جي حڪم تحت پوليس پراپرٽي جا دوڪان خالي ڪرائي رهيا آهيون، هن چيو ته دوڪاندارن کي پهريان نوٽيس جاري ڪيا آهن پر هنن دوڪان خالي نه ڪيا جنهن ڪري هنن خلاف ڪارروائي ڪندي دوڪانن کي خالي ڪرائي سيل ڪري رهيا آهيون، هن چيو ته جيڪب آباد ۾ جتي به پوليس پراپرٽي تي دوڪان وغيره موجود هوندا انهن کي خالي ڪرايو ويندو.

بقايا 17 ”روزاني عبرت“

تشدد ڪري ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائي سگهي ٿي. هن چيو ته سندس پٽ بيگناهه آهي ۽ ڪيس بنا ڪنهن جواز جي ڪنهيو ويو آهي.مائي الهڏائي شيخ اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو ته سندس پورهيت پٽ کي فوري طور بازياب ڪرائي انصاف فراهم ڪيو وڃي.

بقايا 18 ”روزاني عبرت“

اسپتال گهوٽڪي منتقل ڪيو ويو جتي کين طبي امداد فراهم ڪئي وئي زخمين الزام هنيو آهي ته شهمير عرف ميرزادو چوهاڻ، اسدالله چوهاڻ، امان الله چوهاڻ، شبير احمد چوهاڻ ۽ ٻين مٿن حملو ڪري کين زخمي ڪيو. واقعي جو ڪارڻ رشتي بابت هلندڙ تڪرار ٻڌايو پيو وڃي ٻئي طرف، واقعي بابت پوليس موجب جاچ جاري آهي، جڏهن ته ٻي ڌر جو موقف هن مهل تائين سامهون نه اچي سگهيو آهي. پوليس جو چوڻ آهي ته قانون موجب ضروري ڪارروائي ڪئي ويندي.

بقايا 19 ”روزاني عبرت“

ميهر علي جتوئي، حاجي الله ورايو جتوئي، وڏيرو منصور خان، حاجي شفيق علي جتوئي، فياض علي سيال، اعجاز علي سيال سميت ٻين معزز شخصيتن پڻ شرڪت ڪئي. ان موقعي تي حاجي عبدالله جتوئي پاران پي پي پي اڳواڻ طارق انور سيال کي بوسڪي جو پٽڪو پارائي سندس شاندار استقبال ڪرڻ کان پوءِ چيو ته سنڌ جي اڳوڻي صوبائي وزير ايم پي اي سردار سهيل انور سيال سندس ڀاءُ طارق انور سيال ۽ شاهه رخ انور سيال جون عوام لاءِ ڪيل خدمتون ڪنهن کان لڪيل نه آهن، جڏهن ته سيال ڀائر هميشه بغير ڪنهن رنگ نسل ۽ ذات جي عوام جي مدد ۽ خدمت ڪئي آهي، جنهن سبب ئي عوام هنن سان ايتري محبت ڪندو آهي.

بقايا 20 ”روزاني عبرت“

ابڙي چيو ته اسحاق مگريو صحافت جو هڪ مزاحمتي ڪردار هيو ، هن سنڌ جي اشوز کي قلم جي ذريعي فوڪس ڪيو، جهر جهنگ ويو ۽ اسٽوريز جي کوجنا ڪيائين اهو ڪم هن جو نرالو هيو ، گڏجاڻي ۾ خاص مهمان ناميارو ڪهاڻيڪار سليم چنا چيو ته اسحاق مگريو واحد صحافي هيو جنهن قلم سان گڏ ڪتاب سان دوستي رکي ، هن کي فيچر اسٽوري لکڻ جو ڏانءُ هيو ، جديد صحافت جو بنياد رکندڙ صحافين منجهان هيو ، بزم روح رهاڻ جي سيڪريٽري جنرل واحد ڪانڌڙي چيو ته اسحاق مگريي صحافت جو سفر سانگهڙ ۾ جاڳو اخبار کان ڪيو ، هو بنيادي طور حر جماعت سان هيو ليڪن سياست ۾ سيد جي فڪر جو پيروڪار هيو ، گڏجاڻي ۾ صحافي اي ڊي ڪابوري چيو ته اسحاق مگريي جون صحافت ۾ خدمتون آهن وساري نه ٿيون سگهجن ، گڏجاڻي ۾ درياخان پيرزادي ، غلام قادر بزدي ، بهادر جوڻيجي لفظن جي ڀيٽا پيش ڪئي ، جڏهن ته جمن انصاري ڪافي پڙهي گڏجاڻي ۾ مولابخش محبتي ، ذاڪر حسين ڦلپوٽي ، علي حسنين، لياقت علي شرڪت ڪئي

بقايا 21 ”روزاني عبرت“

چڪي آهي ته پوءِ بدين کان ڪراچي ۽ ڪراچي کان بدين تائين هڪ طرف ڀاڙو اڄا تائين 1400 روپيا وصول ڪرڻ کليل ڦرلٽ ناانصافي ۽ غريب ماڻهن سان دشمني کان گهٽ ناهي ان ڏس ۾ احتجاج ڪندڙن شهرين ڪريم راهمون اويس سومرو نثار چانڊيو ۽ ٻين چيو آهي ته آر ٽي سيڪريٽري ۽ ٻئي عملي جي ملي ڀڳت سان ٽرانسپورٽرن هڪ منظم ۽ بي لغام مافيا جي صورت اختيار ڪري ورتي آهي جيڪا قانون ضابطن ۽ سرڪاري حڪمن جي ابتڙ عوام جي مجبوري مان ناجائز فائدو حاصل ڪري رهي آهي هنن چيو ته ٽرانسپورٽ مافيا پنهنجي من ماني ذريعي مسافرن کي ٻنهي هٿن سان ڦري رهي آهي جڏهن ته ذميوار ادارا خاموش تماشائي بڻيل آهن سول سوسائٽي جي اڳواڻن حيدر ڪاتيار صدام پناڻ ۽ٻين ڊپٽي ڪمشنر بدين ۽ ريجنل ٽرانسپورٽ اٿارٽي جي عملدارن جي نااهلي، لاپرواهي ۽ بي ڊياني تي سخت ڪاوڙ جو اظهار ڪندي چيو ته انتظاميا جي مجرمانه خاموشي ۽ غير ذميواري سبب غريب مسافر شاگرد پورهيت عورتون مريض ۽ ٻارڙا روزانو اضافي ڀاڙا ادا ڪرڻ تي مجبور بڻيل آهن جڏهن ته سندن دانهن ٻڌڻ وارو ڪو به موجود ناهي هنن چيو ته جيڪڏهن پيٽرول مهانگو ٿيڻ تي ڀاڙا فوري طور وڌايا وڃن ٿا ته پوءِ پيٽرول سستو ٿيڻ تي ڀاڙا گهٽ ڇو نٿا ڪيا وڃن هنن سوال ڪيو ته آخر ٽرانسپورٽ مافيا کي عوام جي کيسي تي ڌاڙا هڻڻ جي اجازت ڪنهن ڏني آهي احتجاج ڪندڙن اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته ٽرانسپورٽ مافيا خلاف بنا دير سخت ڪرڪ ڊائون ڪيو وڃي ناجائز ڀاڙا وصول ڪندڙن خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي سرڪاري ڪرايو نامو فوري طور لاڳو ڪيو وڃي ۽ غريب ماڻهن کي هن بي رحم معاشي ڦرلٽ کان بچايو وڃي ٻي صورت ۾ سخت احتجاج ڪيو ويندو

بقايا 22 ”روزاني عبرت“

ميمڻ جي وفات تي سندس پٽن ۽ سوڳوار خاندان سان تعزيت ۽ همدردي جو اظهار ڪيو مرحوم جي مغفرت، بلند درجات ۽ پونئرن لاءِ صبر جميل جي دعا گهري ۽ ڪراچي ۾ بيگناهه قتل ٿيل ڊاڪٽر سارنگ ميمڻ جي پونئرن ۽ پاٽرن سان پڻ ملاقات ڪري، هن افسوسناڪ واقعي تي گهري ڏک ۽ رنج جو اظهار ڪندي سندن ڏک ۾ برابر جو شريڪ هجڻ جو يقين ڏياريو ۽ سنڌ جي ناميارو شاعر اديب ۽ دانشور ڊاڪٽر آڪاش انصاري جي المناڪ وڇوڙي تي سندس ويجهي دوست ڊاڪٽر علم الدين انصاري سان تعزيت ڪندي، مرحوم جي علمي، ادبي ۽ ثقافتي خدمتن کي ڀيٽا پيش ڪئي ۽ سندس مغفرت لاءِ دعا گهري اٿهيءَ موقعي تي انجنيئر ذوالفقار علي منڊرو انجنيئر زبير احمد منڊرو ۽ زوهيب احمد منڊرو پڻ ساڻس گڏ موجود هئا

بقايا 23 ”روزاني عبرت“

پورهيتن جي حقن جو تحفظ ڪرڻ ۾ ناڪام ويو آهي.هنن الزام هڻندي چيو ته ليبر کاتو حيدرآباد جو اسسٽنٽ ڊائريڪٽر ڪرپشن ۾ پوريو آهي. هنن چيو ته جوڙي ڪارخانن تي ڪم ڪندڙ مزدور 25 ورهين کان بنيادي حقن کان محروم آهن.هنن مطالبو ڪيو ته جوڙي مزدورن کي بنيادي حق ڏئي بيچيني ختم ڪئي وڃي.

بقايا 24 ”روزاني عبرت“

هٿرادو ڪوٽ ۽ پاڻي جي غيرمنصفاڻي ورڇ سبب ٽيل وارا آبادگار سخت متاثر ٿي رهيا آهن. سندس چوڻ هو ته آبپاشي کاتي ڊگهڙي جي ايس ڊي او بلال احمد بليدي ۽ سرويئر ظفر علي ڪلهوڙو مريد شاخ ۾ ناڪامي کان پوءِ هاڻي ڪنگورو شاخ جي ٽيل تائين به پاڻي پهچائڻ ۾ ناڪام رهيا آهن، جڏهن ته ڪنگورو شاخ جي ٽيل تي رڳو سٽ ڊيسمل پاڻي ڇڏيو پيو وڃي، جيڪو زرعي ضرورتن ته پري، پيئڻ لاءِ به ناڪافي آهي. مقررين سنڌ ۾ وڌندڙ بدامني، منشيات خلاف ڪجهه ڏينهن ڪارروائين کان پوءِ ٻيهر منشيات جي وڪري ۽ زرعي پاڻي ۾ مبينا ڪرپشن تي سخت ڳڻتي ظاهر ڪندي چيو ته پاڻي جي غيرمنصفاڻي ورڇ سبب فصلون تباهه ٿي رهيون آهن ۽ واهن جي ٽيل وارن آبادگارن جون زمينون بنجر بڻجي رهيون آهن.هنن پريا ڪماري ڪيس کي نظرانداز ڪرڻ تي آءِ جي سنڌ کي به تنقيد جو نشانو بڻائيندي، آءِ جي سنڌ جي پريا ڪماري ڪيس بابت ڏنل جواب جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪئي.ان موقعي تي عبدالمجيد ٻگهيو، شوڪت نوحاڻي، مقصود احمد پرڳڙي، ايڊووڪيٽ ذاڪر علي لغاري سميت ٻين اڳواڻن پڻ خطاب ڪيو

بقايا 25 ”روزاني عبرت“

بيهارڻ جي ڪوشش ڪئي ته بيهڻ تي هٿياربندن اسانجي گاڏي تي فائرنگ ڪري ڏني.جنهن ۾ گولي لڳڻ سبب اسانجو هڪ ڄڻو برڪت گوپانگ زخمي ٿي پيو آهي.هٿياربند اسان کان 40 لک روڪ ڦر ڪري فرار ٿي ويا آهن. هوڏانهن ڊکڻ پوليس ٻڌايو ته اطلاع مليو آهي وڌيڪ جاچ ڪيون پيا.

بقايا 26 ”روزاني عبرت“

زوار گل محمد پنهور نصرالله ميمڻ ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ قافلو برآمد ٿيو جيڪو شهر جي طالب المولا ڪالوني،هالا پراڻا ناڪو هالا،سبزي مارڪيٽ، ڪربلا معلا کان ٿيندو قديمي جوڙي گهر امام بارگاهه تي شام جو اختتام پذير ٿيندو ڪربلا جي شهيدن جي شهادت کان پوءِ اهلبيت عليه السلام جي اسيرن جي ڪربلا کان ڪوفي روانگي واري سفر جي ياد ۾ نڪتل قافلي ۾ مردن، بزرگن، نوجوانن، ٻارن ۽ عورتن وڏي عقيدت سان شرڪت ڪئي قافلي دوران مختلف علماء ڪرامن جن اهلبيت عزادارن حضرت امام حسين عليه السلام ۽ سندن جانثار اصحابن جي عظيم قربانين کي ياد ڪيو ويو ڪيترائي عزادار جذباتي ٿي روئيندي نظر آيا. جلوس جي رستي ۾ چيئرمين ميونسپل ڪاميٽي هالا زوار گل محمد پنهور پاران صفائي سٿرائي ۽ ٻين انتظامن کي بهتر بڻايو ويو، جڏهن ته مختلف هنڌن تي سبيلن ۽ نياز امام حسين عليه السلام جو بندوبست ڪيو ويو. سيڪيورٽي جا سخت انتظام ڪيا ويا هئا. پوليس ۽ انتظاميا پاران جلوس جي نگراني ڪئي وئي، جڏهن ته مذڪوره قافلو رات جو پرامن طريقي سان پڄاڻي تي پهچندو.

بقايا 27 ”روزاني عبرت“

رهيا هئا. ماتمي جلوس ۾ ميڊيڪل جون ٽيمون پڻ ساڻ هيون، جلوس شهر جي مختلف رستن اسپتال روڊ ، شاهي بازار ، بابو روڊکان ٿيندي مين بس اسٽاپ چوڪ تي پهچي عزادارن زنجيرن ، ڇاڪن سان سيني زني ڪئي ۽ هر طرف يا حسين ، يا حسين جا صدا بلند هئا. ان کان پوءِ ماتم جلوس پنهنجي رستن کان ٿيندي حيدري قرار امام باگاره پهتو جتي شامي غريبان منعقد ڪيو .شام ۾ غريبان ۾ ذاڪرن ، شهداءِ ڪربلا جي اسلام لاءِ ڏنل قربانين تي روشني وڌي ، ذاڪرن وڌيڪ چيو ته حضرت امام حسين عليه اسلام ۽ آل جيڪي باطل جي اڳيان ڪونه جهڪيا ، حق جي علم کي بلند ڪيو . امام حسين عليه اسلامنجي قرباني ڏينهن قيامت تائين ياد رهندي ، جيڪي پنهنجا ٻچا قربان ڪيا پر يزيد جي اڳيان بيعت قبول نه ڪئي .ڪربلا جي شهيدن جي قربانيءَ جي ڪري اسلام يا قيامت قائم رهندي ، شهيد ڪربلا حضرت امام حسين عليه اسلام جي قرباني اسان جي لاءِ رهنمائي آهي ته اسين به صبر ۽ حق جي واٽ تي هلي اسان دنيا ۽ آخرت جي ڪاميابي ماڻينداسين آهي.

بقايا 28 ”روزاني عبرت“

پي جامشورو جلوس جي مڪمل اختتام تائين سمورن انتظامن جي ذاتي نگراني ڪئي ۽ مختلف هنڌن تي مقرر پوليس، رينجرز ۽ ٻين لاڳاپيل ادارن جي آفيسرن ۽ اهلڪارن جي ڪارڪردگي کي ساراهيندي هدايت ڪئي ته شام غريبان جي مجلسن جي پڄاڻي تائين مڪمل مستعدي، چوڪسي ۽ ذميواري سان پنهنجا فرض سرانجام ڏين بعد ۾ شام غريبان جون مجلسون پڻ ضلعي جي مختلف علائقن ۾ انتهائي پرامن ماحول ۾ منعقد ٿيون، جتي عزادارن جي تحفظ لاءِ فول پروف سيڪيورٽي انتظام ڪيا ويا هئا. ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر جامشورو غضنفر علي قادري چيو ته ضلعي جامشورو ۾ يوم عاشورا جا سمورا ماتمي جلوس ۽ مجلسون الله تعاليٰ جي فضل ۽ ڪرم سان، ضلعي انتظاميه، پوليس، رينجرز صحت کاتي، ريسڪيو بلدياتي ادارن ۽ ٻين لاڳاپيل کاتن جي بهترين گڏيل هم آهنگي سبب پرامن نموني سان اختتام پذير ٿيا. هن محرم الحرام دوران ڏينهن رات خدمتون سرانجام ڏيندڙ سمورن آفيسرن، اهلڪارن، رضاڪارن ۽ جلوسن جي منتظمن کي ڀرپور خراج تحسين پيش ڪيو. ايس ايس پي جامشورو محمد ظفر صديق چانڊيو چيو ته محرم الحرام دوران امن امان جي قيام لاءِ پوليس ۽ قانون لاڳو ڪندڙ سمورن ادارن گڏيل حڪمت عملي تحت پنهنجا فرض نڀايا. هن چيو ته ضلعي انتظاميه سان مڪمل رابطي ۽ اثرائتي سهڪار جي نتيجي ۾ عزادارن کي محفوظ، پرامن ۽ هر ممڪن سهولتن سان ڀرپور ماحول فراهم ڪيو ويو.

بقايا 29 ”روزاني عبرت“

حضرت علامه پير عبدالرحمان سيالوي شهداءِ ڪربلا جي ياد ۾ هڪ عظيم الشان اجتماع کي خطاب ڪندي ڪيون. هن چيو ته سيدنا مولا امام حسين رضي الله عنه جي عظيم قرباني انسانيت جي زندان بخش آهي ۽ امت محمديه لاءِ اهو خاص پيغام سنيهو آهي ته ڪڏهن به حق سچ کان منهن نه موڙيو هميشه حق سچ لاءِ صف اول ۾ دستي قافلي ۾ رهو الله تعاليٰ جي وحدانيت جا مظهر ڪربلا جي ميدان ۾ شهداءِ ڪربلا جي عظيم اهلبيت جي گهرائي ڪري ڏيکاريا، ڇاڪاڻ ته شهداءِ ڪربلا وارا اهي جوان آهن جن حق ۽ باطل ۾ واضح تميز ڪري ڪوڙ، فريب، مڪاري ، ٺڳي ، شرابي خوري ۽ دغابازي کي ننڪو ڪري اسلام جي پاڪيزگي سچائي، سخاوت، نمان روزي جي تعليميات کي قلوب منور ۾ روشن ۽ عيان ڪري ڏيکاريو هي جيڪي الله جي گهرن مسجدين جي مينارن وٽان آذان جا اشهد ان محمد رسول الله صلي الله عليه وسلم جا پڙاڏا، گونجون ۽ لوليون ۽ مٺڙيون ٻوليون دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ جاري آهن اهي شهداءِ ڪربلا جي عظيم قربانين جي صدقي سان جاري آهن، الله، الله شهداءِ ڪربلا جي عظيم سرواڻ، سپهه سالار ، محسن انسانيت امام برحق حضرت سيدنا امام عالي مقام امام حسين رضي الله عنه جي عظيم شهادت روح زمين جي سڀ کان وڏي ۽ عظيم تر قرباني آهي، اسان کي هن عظيم الشان اجتماع شهداءِ ڪربلا ۾ گڏ ٿيل دعوت اسلامي جي طريقت سان وابسته لاڳاپيل اسلامي ڀائرن جي شان اهلبيت و اصحابه رضي الله تعالي عنهما جي نسبت محبت جو قدر ڪريون ٿا. ڪاملين سان عقيدت و محبت صالحين جو طريقو آهي. اسان کي گهرجي حضرت سيدنا امام عالي مقام امام حسين رضي الله عنه جي پاڪيزه سيرت مبارڪ تي عمل ڪندي هميشه حق سچ جو ساٿ ڏيون ۽ ڪوڙ فريب، مڪاري ۽ ٺڳي کان پاسو ڪريون. اٿهيءَ موقعي تي خطيب هذا مسجد علامه قاري محمد وسيم الخيري، دعوت اسلامي سنڌ جو ذمه دار فدا حسين عطاري، سنڌ جو ناليوارو مشهور رائيٽر ۽ ڪالم نگار عبدالفتاح عباسي، معزز شخصيت اوشاق علي ٽگڙ ، جواد علي پرڳڙي عطاري، قاضي رفيق احمد، شڪيل احمد پتو ۽ ٻين شرڪت ڪئي، ناليواري مشهور نعت خوان حافظ جهانگير سيالوي، حافظ علامه ياسر بشير سيالوي، عبدالوحيد سيلرو ۽ ٻين حمد باري تعالي ، نعت مقبول صلي الله عليه وسلم، منقبت پڙهي سمورن عاشقان رسول ﷺ جون دليون منور ڪري ڇڏيون. آخر ۾ مصطفيٰ ﷺ جان رحمت پہ لاکهون سلام پڙهيو ۽ تبرڪ حضرت سيدنا امام عالي مقام امام حسين رضي الله عنه ورهايو ويو بعد ۾ سنڌ پاڪستان عالم اسلام جي مسلمانن لاءِ خاص دعائون گهريون ويون ۽ سنڌ ۾ ٻاران رحمت لاءِ دعا خاص گهري وئي.

بقايا 30 ”روزاني عبرت“

ٽنڊوآدم جي محمدي ڪالوني جي رهواسيڻ نائين ڪلاس جي شاگردياڻي ملائڪا ڌي غلام سرور ملڪ پنهنجي ماءُ، ڀڇي ۽ والد سان گڏ ٽنڊوآدم پريس ڪلب پهچي صحافين آڏو داتهيندي الزام هنيو آهي ته هوءَ راڻا عمر نالي شخص جيڪو سندس پاڙيسري به آهي ان جي گهر برف وٺڻ لاءِ وئي ته جوابدار کيس ڪمري ۾ بند ڪري سندس منهن ٻڌي مبينا طور ڏاڍائي جي ڪوشش ڪئي مزاحمت ڪرڻ تي کيس موتمار ڌمڪيون ڏئي باٿ روم ۾ واڙي ڇڏيو جڏهن سندس ڀڇي کيس ڳوليندي عمر جي گهر پهتي ۽ سندس چپل ڏسي ڳولا شروع ڪئي ته هوءَ کيس مٿي باٿروم ۾ ٻڌل نظر آئي جنهن جي داتهن تي سندس ڀيا وارث ۽ علائقي واسي پهچي ويا، جنهن دوران جوابدار فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو متاثر ڌر موجب واقعي بابت سٽي ٿاڻي تي اين سي داخل ڪرائي وئي آهي، پر پوليس پاران ڪا به ڪارروائي ناهي ڪئي وئي. متاثر شاگردياڻي ۽ سندس وارثن ايس ايس پي سانگهڙ کان مطالبو ڪيو آهي ته معاملي جو نوٽيس وٺي جوابدار کي گرفتار ڪيو وڃي ۽ کين انصاف فراهم ڪيو وڃي

بقايا 31 ”روزاني عبرت“

سجائب فياض جي نالي سان ٿي آهي،واقعي کان پوءِ نوجوان کي فوري طور گمس اسپتال گمبٽ منتقل ڪيو ويو پر هو زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي ويو آهي، واقعي کان پوءِ علائقي ۾ سوڳ جي لهر ڇانئجي وئي، جڏهن ته وارثن ۾ روڄ راڙو مچل آهي.

بقايا 32 ”روزاني عبرت“

عملدار جي ملي ڀڳت سان واهن مان مٽي ڪڍائي وڃي ٿي جنهن ڪري وڏا اوتها ڪڏا ٿي ويندا آهن ان ڪري اهو واقعو پيش آيو آهي.

بقايا 33 ”روزاني عبرت“

احتجاج ڪندڙ آبادگارن مجيب الرحمان ملڪاڻي، نصرت حسين ملڪاڻي، بشير ملڪاڻي، مختيار علي، علي حسن، يوسف عمراڻي، اصغر علي، هوش محمد ملڪاڻي، محمد علي بگٽي، سجاد ملڪاڻي ۽ ٻين پاڪستان پيپلز پارٽي شهيد پتو اڳواڻ رئيس لياقت عمراڻي سان گڏجي ميڊيا آڏو داتهيندي چيو ته جون جو مهينو پورو ٿيڻ وارو آهي، پر افسوس جو هن وقت تائين رائيس ڪئنال مان نڪرندڙ آبڙو واهه ۽ جاڙو واهه ۾ پاڻي ڇوڙ ناهي ڪيو ويو جڏهن ته ٻين شاخن توڙي واهن ۾ پاڻي ڇوڙ ڪيو ويو آهي، پر اسان جي علائقن کي نظرانداز ڪرڻ جو سلسلو جاري آهي، جنهن سبب سارين جو ٻيجارو ۽ ٻيو فصل سڪي رهيو آهي، جنهن ڪري اسان کي لکين روپيا نقصان ٿيڻ جو خدشو آهي. هنن الزام لڳايو ته آبپاشي کاتي جا ڪجهه آفيسر انجنيئر نائوري، ايس ڊي او سبوش ڪمار داروغو سڪندر ماڇي ۽ ٻيا لاڳاپيل آفيسر رشوت عيوض ٻين شاخن ۽ واهن کي پاڻي ڏئي رهيا آهن، پر آبڙو واهه ۽ جاڙو واهه ۾ پاڻي نه ٿا ڇڏين، جيڪا سراسر زيادتي آهي. هنن سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه، آبپاشي کاتي سنڌ جي صوبائي وزير جام خان شورو ۽ ٻين وس وارن کان مطالبو ڪيو ته معاملي جو نوٽيس وٺي ڄاڻايل آبپاشي کاتي جي آفيسرن خلاف ڪارروائي ڪرڻ سان گڏ اسان جي واهن ۾ زرعي پاڻي ڇوڙ ڪري انصاف ڪيو وڃي. ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

بقايا 34 ”روزاني عبرت“

ته سندن اجها جلد ٺهرائي ڏنا وڃن، پورهيتن چيو ته شديد گرمين ۾ معصوم ٻارن سميت کليل آسمان هيٺ ويٺل آهيون

بقايا 35 ”روزاني عبرت“

ڪابه ڪسر ناهي ڇڏي سڀ کان وڌيڪ ڪوٽڙي بئراج ذريعي آباد ٿيندڙ لاڙ وارا ضلعا متاثر ٿي رهيا آهن احتجاج ڪري دنيا کي ٻڌائينداسين ته اسانجي پاڻي تي ڌاڙو لڳي رهيو آهي جسقم (بشير خان) جي چيئرمين ڊاڪٽر نياز ڪالاڻي جسقم جي مرڪزي جنرل سيڪريٽري پنهل ساريو نئي جي ضلعي صدر بابو خشڪ جسقم سجاول جي ضلعي صدر محمد خان پناڻ منظور ميمڻ سان گڏ نيشنل پريس ڪلب ٺٽو ۾ هنگامي پريس ڪانفرنس ڪندي چيو آهي ته سنڌو درياءَ جي پاڻي تي مسلسل ڌاڙو لڳي رهيو آهي جنهن جو ذميوار سڌي ريت پنجاب آهي هن چيو ته سنڌو درياءَ تي پنجاب جو قانوني اخلاقي آئيني مذهبي توڙي بين الاقوامي تحت ڪوبه حق نٿو بڻجي پر گذريل 2 سئو سالن کان وٺي پنجاب سنڌو درياءَ تي قبضي جي ڪوشش ڪندي ٿيٺ لنڪ ڪئنالن ذريعي سنڌ جي پاڻي تي ڌاڙو هنيو آهي پنجاب پاران سنڌ جي پاڻي تي ڌاڙي سبب سڄي سنڌ خاص طور تي لاڙ واري خطي جا ضلعا ٺٽو سجاول بدين ۽ ٽنڊو محمد خان سخت متاثر ٿي رهيا آهن اڪثر علائقن ۾ هاڻي ته صورتحال اها وڃي بيٺي آهي جو ميت کي غسل ڏيڻ لاءِ به پاڻي ناهي.

بقايا 36 ”روزاني عبرت“

ڪوٽ پيدا ٿي وئي. نصيرآباد پوليس ۽ ڏيرا پوليس چوڪين جي عين وچ ۾، ڳوٺ جميل تنيو پرسان چورن هڪ ڀيرو ٻيهر امن امان جي دعوائن جون ڌڄيون اڏائي ڇڏيون. پوليس جي ناڪام حڪمت عملي سبب علائقي ۾ اها ٻي وڏي واردات آهي. نامعلوم چور 11 هزار ڪلو وولٽ 11 KV لائن جي 5 ٿنڀن تان 4500 فٽ ڊگهيون نئي تارون لاهي آسانيءَ سان فرار ٿي ويا. چوري ٿيل تارن جي ماليت 6 لک روپين کان وڌيڪ ٻڌائي پئي وڃي. پوليس جي ٻن وڏن مرڪزن نصيرآباد پوليس جي چوڪي ۽ ڏيرا پوليس جي چوڪي جي وچ ۾ اهڙي وڏي واردات ٿيڻ پوليس ۽ پيٽرولنگ ۽ ناڪام حڪمت عملي تي ڪيترائي سوال اٿاري ڇڏيا آهن

بقايا 37 ”روزاني عبرت“

خانپورمهر ٿاڻي جا چڪر ڪاٽي ٿڪجي پيو آهي هندو واپاري موتي رام پريس ڪلب پهچي خانپورمهر پوليس خلاف احتجاج ڪندي الزام هنيو آهي ته واقعي کي 15 ڏينهن گذري وڃڻ باوجود پوليس سندس چوري ٿيل اناج جون 150 مڻ ٻوريون واپس ڪرائڻ ۾ ناڪام بڻيل آهي هن وڌيڪ صحافين کي ٻڌايو ته 15 ڏينهن اڳ شهر جي مصروف ترين علائقي ۾ موجود سندس جي گودام جا تالا ٽوڙي نامعلوم چور 150 مڻ اناج جون ٻوريون چوري ڪري ويا آهن هن چيو ته اهڙي واقعي جو اطلاع خانپورمهر پوليس کي بر وقت ڏنو ويو ليڪن هن مهل تائين پوليس چوري واپس ڪرائڻ ۾ ناڪام آهي هن الزام هنيو ته خانپورمهر پوليس ڪيس رڳو تاريخون ۽ دلاسا ڏئي رهي آهي، جڏهن ته عملي طور چوري ٿيل اناج واپسي لاءِ ڪي به جوڳا قدم کڻڻ لاءِ تيار نه آهي سندس چوڻ هو ته هو روز جي بنياد تي خانپورمهر ٿاڻي جا چڪر ڪاٽي ٿڪجي پيو آهي آهي، پر پوليس طرفان اڃا تائين ڪا به اڳڀرائي نظر نٿي اچي. متاثر هندو واپاري موتي رام ايس ايس پي گهوٽڪي محمد انور کيتراڻ ۽ پوليس جي اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته معاملي جو فوري نوٽيس وٺي سندس چوري ٿيل 150 مڻ اناج جون ٻوريون واپس ڪرائي نقصان جو ازالو ڪيو وڃي...

بقايا 38 ”روزاني عبرت“

داتهيندي چيو ته اسين انتهائي غريب مسڪين آهيان، جڏهن ته چنگچي رڪشو هلائي گهرڀاتين جو پيٽ گذر ڪندو هيس. هن الزام لڳايو ته 3 مهينا اڳ شهر جي يار محمد ڪالوني واسي منهنجي ٻااثر مامي زاهد چانڊيو هڪ مجبوري ڄاڻائي مونکان ڪجهه ڏينهن لاءِ چنگچي رڪشو وٺي 2 لک ڇهن هزار روپين ۾ وڪرو ڪري ڇڏي هئي، جڏهن ته ڄاڻايل وقت گذرڻ کان پوءِ مان ٻااثر مامي جي گهر پهچي سندس کان چنگچي رڪشو يا رقم جي گهر ڪئي ته هن پئسن ڏيڻ کان صاف انڪار ڪندي مون سميت منهنجي گهرواري کي گارگند ڪري گهران ڪڍي ڇڏيو ۽ ڳرا نتيجا ڀوڳڻ جون ڌمڪيون پڻ ڏنيون، اهڙي شڪايت مان حد جي وليد ٿاڻي تي ڪئي، پر پوليس منهنجي ڪابه مدد ناهي ڪئي، جيڪا سراسر ناانصافي آهي. هن لاڙڪاڻي جي ڊي آءِ جي، ايس ايس پي ۽ ٻين وس وارن کي اپيل ڪئي ته معاملي جو نوٽيس وٺي ٻااثر مامي خلاف ڪارروائي ڪرڻ سان گڏ مونکي پنهنجو حق ڏياري انصاف ڪيو وڃي.

بقايا 39 ”روزاني عبرت“

سيد مراد علي شاهه جي خاص هدايتن تي ڊپٽي ڪمشنر جامشورو غضنفر علي قادري ڪير ٿر نيشنل پارڪ ۾ هيلن جي غيرقانوني وڻ ڪٽائي خلاف سخت ڪارروائين جو آغاز ڪري ڇڏيو آهي، ضلعي انتظاميه جي ڪارروائي دوران غيرقانوني طور ڪٽيل ڪاٺ سان ڀريل 13 گاڏيون ضبط ڪيون ويون، جڏهن ته 10 جوابدارن کي گرفتار ڪري سندن خلاف قانوني ڪارروائي شروع ڪئي وئي آهي، ان سلسلي ۾ گذريل ڏينهن ڊپٽي ڪمشنر جامشورو جي صدارت هيٺ ڊي سي آفيس ۾ هڪ اعليٰ سطحي اجلاس منعقد ٿيو جنهن ۾ لاڳاپيل کاتن جي آفيسرن شرڪت ڪئي. اجلاس ۾ ڪيرٿر نيشنل پارڪ ۽ ڀرپاسي وارن علائقن ۾ هيلن جي غيرقانوني وڻ ڪٽائي روڪڻ لاءِ فوري ۽ اثرائتا قدم کڻڻ جو فيصلو ڪيو ويو. ڊپٽي ڪمشنر ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ٿو طارق ڪاڪا جي سربراهي ۾ هڪ خاص ڪاميٽي جوڙي، جنهن ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر ٿاڻو بولا خان برڪت علي ڪلهوڙو، هيلو کاتو، وائلڊ لائيف کاتو، پوليس ۽ روينيو کاتي جا آفيسر شامل هئا. ڪميٽي ڪير ٿر نيشنل پارڪ ۽ ان سان لاڳاپيل علائقن جو تفصيلي دورو ڪري صورتحال جو جائزو ورتو ڊپٽي ڪمشنر جي هدايتن تي اسسٽنٽ ڪمشنر ٿاڻو بولا خان برڪت علي ڪلهوڙو پوليس سان گڏيل ڪارروائي ڪندي غيرقانوني طور ڪاٽيل ڪاٺ سان ڀريل 13 گاڏيون ضبط ڪري ورتيون، جڏهن ته 10 ڄڻن کي گرفتار ڪري ٿاڻو ٿوري آباد منتقل ڪيو ويو. ابتدائي جاچ موجب جوابدار قيمتي وڻن جي غيرقانوني ڪٽائي ڪرڻ کان پوءِ ڪاٺ مختلف علائقن ڏانهن وڪري لاءِ منتقل ڪري رهيا هئا. وائلڊ لائيف کاتي جو عملو پڻ موقعي تي پهچي ويو، جڏهن ته گرفتار جوابدارن خلاف وائلڊ لائيف ايڪٽ ۽ ٻين لاڳاپيل قانونن تحت ڪيس داخل ڪيا پيا وڃن، ذريعن موجب ضبط ڪيل ڪاٺ جي ماليت لکين رپين ۾ ٻڌائي وڃي ٿي، ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر جامشورو غضنفر علي قادري چيو ته ڪير ٿر نيشنل پارڪ جي هيلن، جهنگلي جيوت ۽ قدرتي ماحول جي تحفظ تي ڪنهن به قسم جو سمجهوتو نه ڪيو ويندو هن واضح ڪيو ته غيرقانوني وڻ ڪٽائي ۾ ملوث ماڻهن خلاف بنا ڪنهن فرق جي سخت قانوني ڪارروايون مستقبل ۾ پڻ جاري رهنديون.

بقايا 40 ”روزاني عبرت“

ته جامشورو ضلعي ڪائونسل جي ميمبر ۽ ايس يو پي اڳواڻ شاهنواز برفت، پ پ اڳواڻ ۽ اڳوڻي ڪائونسلر حاجي واحد بخش پلائي احتجاج ڪندڙن جي هٿن ۾ مطالبن جي مڃتا لاءِ پلي ڪارڊ کنيل هئا، جيڪي درسگاهن جي شهر مان شراب سوڊو منشيات جو آزان سماجي برايون، روڊن رستن تي ٿيل والار ختم ڪرائڻ، شهر ۾ اسڪول، ڪاليج، پبلڪ لائبريري، عيد گاهه، بس اڏو، سبزي، گوشت مڇي مارڪيٽ سوڊو شهر جا بنيادي مسئلا حل ڪرڻ لاءِ نعريبازي ڪري رهيا هئا. ان موقعي تي احتجاج ڪندڙن تقريرون ڪندي چيو ته درسگاهن واري جامشوري شهر ۾ منشيات فروشي سرعام ٿي رهي آهي، سرڪار پاران شهر اندر شراب خانو کوليو ويو آهي، جنهن تي شراب منشيات آسائي سان وڪرو ٿي رهي آهي، ايتري قدر جو منشيات هر گهٽي ۽ گهر اڳيان سرعام وڪرو ٿي رهي آهي، جنهن ڪري اسان جو نوجوان نسل تباهه ٿي رهيو آهي، لکن جي آبادي ۾ 80 سيڪڙو آبادي پيئڻ جي صاف پاڻي کان محروم آهي جنهن جا ذميوار هتان جا چونڊيل نمائندا ۽ ضلعي انتظاميا آهي، ان ڪري منشيات جي واهپي کي فوري طور بند ڪيو وڃي، جامشوري جي شهرين کي فوري طور تي پيئڻ جو صاف پاڻي مهيا ڪري ڏنو وڃي هنن چيو ته ڪوٽڙي کان دادو _ لاڙڪاڻي ٽريڪ تي هلندڙ سموريون ٽرينون ڪوڙا بهانا ڪري بند ڪيون ويون آهن، ٽرينن ذريعي سوين شاگردن ۽ شاگرديائين سوڊو هزارين ماڻهو روزاني جي بنياد تي آسان سان محفوظ سفر ڪندا هئا پر انهن ٽرينن کي بنا جواز بند ڪيو ويو آهي هنن وڌيڪ چيو ته شهر اندر گرلس ۽ بوائز هاءِ اسڪولن ۽ ڪاليج جي کوٽ آهي، هن شهر کي فيملي پارڪ، صحت مرڪز عيد گاهه، نادرا آفيس، پبلڪ پارڪ، پبلڪ لائبريري، سبزي، فروٽ، مڇي مارڪيٽ ناهي، شهر اندر مين بازار سينڊبوز روڊ، سيوهڻ روڊ، حيدرآباد روڊ تي حددخليون ڪيون ويون آهن، ضلعي جي هيڊڪوارٽر هجڻ باوجود لاري اڏو ۽ مسافرن جي ويهڻ، پيئڻ جي پاڻي، عورتن جي ضروري حاجت لاءِ ڪابه سهولت ناهي، 5 يونيورسٽيون، ڪيترائي سرڪاري ۽ غير سرڪاري ادارا ملٽي نيشنل ڪمپنيون موجود آهن پر مقامي نوجوان روزگار لاءِ پريشان آهن. هنن چيو ته هي اسان جو پرامن احتجاج گذريل هڪ مهيني کان هلي رهيو آهي پر ان طرف چونڊيل نمائندن توڙي جامشورو ضلعي انتظاميا ڌيان ڏيڻ لاءِ تيار ناهي. هنن چيو ته جامشوري شهر جي بنيادي مسئلن جي حل ۽ منشيات سوڊو شراب جو گهو بند ٿيڻ تائين پر امن احتجاج جاري رکيو ويندو

بقايا 41 ”روزاني عبرت“

سان گڏجي ميڊيا آڏو داتهيندي چيو ته منهنجو 20 سالن جو پورهيت ڀاءُ مزمل شيخ گذريل 10 محرم الحرام جي ڏينهن رسول آباد پاڙي پرسان پيادل پل وٽ رائيس ڪئنال ۾ وهنجڻ دوران ٻڏي فوت ٿي ويو آهي، جنهن جو لاش هن وقت تائين هٿ نه اچي سگهيو آهي. هن چيو ته ضلعي انتظاميه ۽ ريسڪيو 1122 پاران جيڪا ٽيم موڪلي وئي آهي، اها نان تجربي ڪار آهي، جنهن سبب نوجوان جو لاش ٻه ڏينهن گذرڻ باوجود هٿ ناهي اچي سگهيو جڏهن ته واقعي کي ٻه ڏينهن گذري ويا آهن ۽ اسان جي گهرن ۾ ڪهرام متل آهي، پر افسوس جو هن وقت تائين ضلعي انتظاميه توڙي چونڊيل نمائندن طرفان اسان سان ڪو به رابطو ناهي ڪيو ويو جيڪو افسوس جوڳو مقام آهي. هن وس وارين اعليٰ اختيارين کي اپيل ڪئي ته معاملي جو نوٽيس وٺي ڀاءُ جي لاش جي ڳولا لاءِ ماهر ٽوبن تي مشتمل ٽيم گهرائي نوجوان جو لاش هٿ ڪرائي اسان حوالي ڪري بيچيني ختم ڪندي انصاف ڪيو وڃي.

بقايا 42 ”روزاني عبرت“

مقصد پاڪستان جي بهادر سيڪيورٽي فورس رينجرز- پوليس ۽ عوام جي عزم جي سامهون ڪڏهن به ڪامياب نه ٿي سگهندا . هن چيو ته دهشتگردي جي خلاف جنگ ۾ سموري پاڪستاني قوم پنهنجي سيڪيورٽي فورسز سان گڏ آهي ملڪ چنگيز خان حملي ۾ شهيد ٿيل اهلڪارن کي خراج عقيدت پيش ڪندي چيو ته انهن وطن عزيز جي حفاظت لاءِ پنهنجي جانين جو نذرانو پيش ڪيو . هو اسان جا قومي هيرو آهن هن شهيدن جي وارثن سان دلي همدردي جو اظهار ڪندي دعا ڪئي آهي الله پاڪ شهيدن کي جنت ۾ اعليٰ مقام ۽ وارثن کي صبر و جميل نصيب ڪري ۽ زخمي اهلڪارن جي جلد صحتيابي لاءِ دعا ڪئي آهي

بقايا 43 ”روزاني عبرت“

۾ شرڪت ڪئي. ڪانفرنس کي پاڪستان قادري تحريڪ جي پير سيد سخي سردار علي شاهه جيلاني قادري، مولانا عبيدالله ڏاهري سميت ٻين عالمن خطاب ڪندي چيو ته حضرت امام حسين عليه السلام ۽ سندن جانثارن ڪربلا جي ميدان ۾ اسلام جي بقا، حق جي سربلندي ۽ پنهنجي نائي حضرت محمد ﷺ جي دين جي حفاظت لاءِ لازوال قربانيون پيش ڪيون، جيڪي قيامت تائين مسلمانن لاءِ حق، صداقت، صبر ۽ استقامت جو روشن مثال رهنديون. مقررن چيو ته حضرت امام حسين عليه السلام ظلم، جبر ۽ باطل قوتن جي سامهون ڪڏهن به سر نه جهڪايو بلڪ پنهنجي جان، پنهنجي اهل بيت ۽ ساٿين جون قربانيون ڏئي اسلام کي هميشه لاءِ زندهه ڪري ڇڏيو. هنن چيو ته مسلمانن کي امام حسين عليه السلام جي تعليمات تي عمل ڪندي اتحاد، ڀائيچاري ۽ اخوت کي هٿي وٺرائڻ گهرجي.عالمن وڌيڪ چيو ته اڄ به اسلام دشمن قوتون ۽ يهودي لابيون مسلمانن خلاف مختلف سازشن ۾ رڌل آهن، تنهن ڪري دنيا جي مسلمانن کي اختلاف وساري متحد ۽ منظم ٿي اسلام دشمن سازشن جو مقابلو ڪرڻو پوندو. هنن زور ڀريو ته قرآن ۽ سنت تي عمل ڪندي امت مسلمه ۾ اتحاد پيدا ڪرڻ وقت جي اهم ضرورت آهي. ڪانفرنس جي پڄاڻي تي ملڪ جي سلامتي، استحڪام، امت مسلمه جي اتحاد، فلسطين ۽ ڪشمير جي مسلمانن سميت سموري اسلامي دنيا جي امن ۽ خوشحالي لاءِ خصوصي دعائون پڻ گهريون ويون.

بقايا 44 ”روزاني عبرت“

حسين لسڪاڻي،سيد گل حسن شاهه، سردار حسين بخش ڪٽوهر سيد جمال شاهه، رئيس جادو خان، رئيس ابوبڪر مري، مولانا عبدالغفور مري، استاد علي ڏنو خاصخيلي، اڪرم مري، حاڪم علي بلوچ، مير محمد خاصخيلي، سليم لسڪاڻي، امداد بلوچ، رانا نعيم راجپوت، شاڪر راجپوت ۽ ٻين سياسي، سماجي ۽ معزز شخصيتن جام هائوس پهچي بيريسٽر جام ذيشان علي خان، پاڪستان پيپلز پارٽي جي ايم پي اي جام شبير علي خان، جام ظهير علي خان، جام شهباز علي خان ۽ جام مصطفيٰ علي خان سان ملاقات ڪري مرحوم جي وفات تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو. تعزيت ڪندڙن مرحوم جي مغفرت، درجات جي بلندي ۽ پونئرين لاءِ صبر جميل جي دعا ڪئي، جڏهن ته جام خاندان سان مڪمل همدردي ۽ ڏک جي هن گهڙيءَ ۾ ساڻن گڏ هجڻ جي يقين دهاني پڻ ڪرائي.

بقايا 45 ”روزاني عبرت“

ڪجهه ڏينهن پهرين منهنجي پٽ سان مرتضيٰ عباسي جهيڙو ڪيو هو نتيجي ۾ مون ان کي ڪوٽڙي ٿاڻي تي ٻڌرايو هو پر پوليس مون کي اعتماد مان نه ورتو ۽ هن ڏوهاري کي ڇڏي ڏنو نتيجن هن اچي منهنجي پٽ ٻيهر تي حملو ڪري ڇرين جا وار ڪري سخت زخمي ڪيو هن چيو ته اها سنئين سڌي غير ذميواري ۽ ديوٽي غفلت آهي هن چيو ته وڏي منشي ۽ ايس.ايڇ.او جي مبينا ڪوتاهي سبب واقعو پيش آيو آهي هن چيو ته رشوت عيوض پوليس مون کي اعتماد ۾ وٺڻ بنا هڪ ته ڏوهاري کي ڇڏيو آهي جنهن جي ڪري هن حملو ڪيو هن چيو ته وڏو منشي ۽ ايس.ايڇ.او ڪوٽڙي ذميوار آهن هن ايس.ايس.پي جامشورو کان نوٽيس وٺڻ جو مطالبو ڪيو آهي . ٻئي طرف ڪوٽڙي جي قلمڪارن ۽ سول سوسائٽي سان تعلق رکندڙ ماڻهن سخت ڪاوڙ جو اظهار ڪيو آهي ۽ مطالبو ڪيو آهي ته صحافي جي پٽ تي حملو ڪندڙن کي فوري گرفتار ڪيو وڃي وڏي منشي ۽ ايس.ايڇ.او خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي نه ته سخت احتجاج ڪيو ويندو

بقايا 46 ”روزاني عبرت“

ڪيو ويو آهي پوليس پاران واقعي جو ڪيس دهشتگردي ايڪٽ سميت مختلف ڦلمن هيٺ داخل ڪري جاچ شروع ڪئي وئي آهي چوويهه ڪلاڪ گذرڻ باوجود ڪو به جوابدار گرفتار نه ٿيو آهي پي پ پ جي صوبائي ۽ ڊويزن سطح جي قيادت سميت معززين جو وڏو انگ مقتولين جي تعزيت ڪري رهيو آهي

بقايا 47 ”روزاني عبرت“

واڪر ۽ ڪريچز فراهم ڪيا ويا، جيڪي سندن روزمره جي زندگي ۾ آساني پيدا ڪرڻ سان گڏ سندن چرپر ۽ خودمختياري کي هٿي ڏيندا. تقريب جي مهمان خاص عبد القدوس ميمڻ، ريجنل ڊائريڪٽر ڊائريڪٽوريٽ آف اسپيشل ايجوڪيشن اينڊ ريهيبليٽيشن، معذور ماڻهن جي بااختياري واري کاتي حڪومت سنڌ هئا. ان موقعي تي سيف الله مهر پرنسپال اسپيشل ايجوڪيشن اينڊ ريهيبليٽيشن ڪمپليڪس ميرپور ماٿيلو سردار آفتاب احمد خان مهيسر ميمبر ضلعي ڪائونسل سکر ۽ ڊاڪٽر خادم حسين رند يو سي چيئرمين پڻ موجود هئا. مهمانن پنهنجي خطاب ۾ سيوائي فائونڊيشن ۽ سنڌ حڪومت جي هن قدم کي ساراهيندي چيو ته معذور ماڻهن کي معاشري جو ڪارائتو حصو بڻائڻ ۽ کين باوقار زندگي جون سهولتون فراهم ڪرڻ وقت جي اهم ضرورت آهي. هنن چيو ته حڪومت سنڌ معذور ماڻهن جي ڀلائي، سماجي شموليت ۽ برابري جي موقعن جي فراهمي لاءِ سنجيده قدم کڻي رهي آهي. تقريب اسسٽو ڊوائيسز گرانٽ پروگرام تحت منعقد ڪئي وئي، جيڪو وڏي وزير سنڌ سيد مراد علي شاهه جي سرپرستي ۽ سيڪريٽري (ڊپارٽمينٽ آف ايمپاورمينٽ آف پرسنز وٿ ڊس ايبيلٽيز) طه احمد فاروقي جي رهنمائي هيٺ جاري آهي. تقريب جي پڄاڻي تي سيوائي فائونڊيشن پاران معذور ماڻهن جي بااختياري واري کاتي ۽ ٻين سهڪار ڪندڙ ادارن جا ٿورا مڃيا ويا، جڏهن ته ان عزم جو اظهار ڪيو ويو ته مستقبل ۾ به معذور ماڻهن جي زندگي ۾ بهتري آڻڻ لاءِ اهڙيون فلاحي سرگرميون جاري رکيون وينديون.

بقايا 48 ”روزاني عبرت“

علي مراد خان ابڙو مهمان خاص طور شرڪت ڪئي، جڏهن ته تقريب ۾ ڊپٽي ڊائريڪٽر ڊي اِي پي ڊي سعيد احمد، چيئرمين مرحبا ٽرسٽ محمد عثمان ابڙو ۽ ٻيا پڻ موجود هئا. ان موقعي تي 130 معذور ماڻهن وچ ۾ ويل چيئر، ٽرائي سائيڪل، واڪنگ اسٽڪ، ٻڌڻ جو آلو سي پي واڪر ۽ ٽائلٽ چيئر تقسيم ڪيا ويا. تقريب کي خطاب ڪندي مهمان خاص علي مراد خان ابڙو چيو ته معذور ماڻهو اسان جي معاشري جو اهم حصو آهن، جن جي مدد ۽ خدمت ڪرڻ اسان سڀني جي گڏيل ذميواري آهي، جڏهن ته هن تقريب ۾ شرڪت ڪري مونکي تمام گهڻي خوشي محسوس ٿي رهي آهي، اٿون اميد ٿو ڪيان ته مستقبل ۾ به اهڙا پروگرام ٿيندا رهندا. ان موقعي تي ڊپٽي ڊائريڪٽر ڊي اِي پي ڊي سعيد احمد، چيئرمين مرحبا ٽرسٽ محمد عثمان ابڙو ۽ ٻين چيو ته مرحبا ويلفيئر ٽرسٽ طرفان حڪومت سنڌ جي ڊپارٽمينٽ آف ايمپاورمينٽ آف پرسنز وٿ ڊس ايبليٽيز ڊي اِي پي ڊي جي سهڪار سان لاڙڪاڻي شهر سميت آس پاس جي علائقن سان واسطو رکندڙ 130 معذور ماڻهن وچ ۾ ضروري سامان ورهايو ويو آهي، جيڪا سلسلو وقتن به وقتن هلندو رهندو آهي، جڏهن ته سرنڌي وارن ماڻهن کي پڻ گهرجي ته هو هن نيڪ ڪم ۾ حصو وٺي معذور ماڻهن جي چهرن تي مرڪون وکيرن. هنن چيو ته لاڙڪاڻي ۽ ڀرپاسي وارن علائقن جا مستحق معذور ماڻهو ضروري سامان حاصل ڪرڻ لاءِ رجسٽريشن ڪرائي سگهن ٿا، جڏهن ته رجسٽريشن لاءِ معذور جو سڃاڻپ ڪارڊ، معذوري سرٽيفڪيٽ، معذوري واري حالت جي تصوير ۽ ٻارن لاءِ ب فارم جمع ڪرائڻ لازمي آهي ته جيئن سندن ممڪن مدد ڪري سگهجي.

بقايا 49 ”روزاني عبرت“

تحقيقي ڪم سنڌ جو قيمتي ورثو آهي، وائيس چانسيلر پروفيسر ڊاڪٽر فتح محمد مري (ٽي آءِ)، فهيم نوناري، ناصر علي پنهور ۽ ٻين جو تعزيتي ريفرنس کي خطاب جامشورو سنڌي ادبي سنگت شاخ سنڌ يونيورسٽي جامشورو جي اهتمام هيٺ سنڌي ٻوليءَ ۾ سائنس، خاص طور زولاجي جي ڪتابن جي ناميارو مترجم، محقق، ليکڪ ۽ سنڌ يونيورسٽي جي زولاجي شعبي جي اڳوڻي پروفيسر ڊاڪٽر علي مرتضيٰ ڌاريجو جي ياد ۾ ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ ۾ هڪ پُروقار تعزيتي ميڙاڪو منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ کيس زبردست ڀيٽا پيش ڪندي سندس وڇوڙي کي وڏو خال قرار ڏنو ويو. تقريب جي صدارت سنڌ يونيورسٽي جي وائيس چانسيلر پروفيسر ڊاڪٽر فتح محمد مري (ٽي آءِ) ڪئي، جڏهن ته استادن، اديبن، محققن، شاگردن ۽ مرحوم جي وارثن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. تعزيتي ميڙاڪي کي خطاب ڪندي سنڌ يونيورسٽي جي وائيس چانسيلر پروفيسر ڊاڪٽر فتح محمد مري (ٽي آءِ) چيو ته ڊاڪٽر علي مرتضيٰ ڌاريجو سنڌ ۾ زولاجي جي شعبي کي تحقيق، تدريس ۽ تصنيف جي ذريعي نئين سڃاڻپ ڏني. هن چيو ته مرحوم حياتياتي سائنس کي سنڌي ٻوليءَ ۾ منتقل ڪري هزارين شاگردن لاءِ علم حاصل ڪرڻ جا در کوليا، سندس تحقيق علمي معيار، سائنسي سوچ ۽ مقامي حياتياتي تنوع جي مطالعي لاءِ هڪ اهم حوالو بڻجي چڪي آهي. هن وڌيڪ چيو ته ڊاڪٽر ڌاريجو جي علمي پورهئي ثابت ڪيو ته مادري ٻوليءَ ۾ به اعليٰ سائنسي ادب تخليق ڪري سگهجي ٿو وائيس چانسيلر چيو ته سنڌ يونيورسٽي سندس تعليمي ورثي کي محفوظ ڪرڻ ۽ ايندڙ نسلن تائين پهچائڻ لاءِ هر ممڪن قدم کڻندي. هن چيو ته مرحوم سائنسي اصطلاحن کي سنڌي ٻوليءَ ۾ سليس ۽ معياري انداز سان متعارف ڪرائي علمي دنيا ۾ نواڻ آندي، سندس لکيل ڪتاب اڄ به شاگردن ۽ محققن لاءِ بنيادي جزو جي حيثيت رکن ٿا. نامور ليکڪ فهيم نوناري پنهنجي خطاب ۾ چيو ته ڊاڪٽر علي مرتضيٰ ڌاريجو رڳو سائنسدان نه، پر ٻولي، ادب ۽ سماج سان گهري وابستگي رکندڙ دانشور هو. هن چيو ته ڊاڪٽر ڌاريجو علم کي عوام تائين پهچائڻ جو علمبردار هو. سندس وڇوڙو سنڌي سائنس ادب لاءِ هڪ نه پرجي سگهندڙ خال آهي. ماحولياتي ماهر ناصر علي پنهور چيو ته ڊاڪٽر علي مرتضيٰ ڌاريجو ماحوليات ۽ حياتياتي تنوع بابت شعور پيدا ڪرڻ ۾ نمايان ڪردار ادا ڪيو هن چيو ته سندس تحقيق ماحولياتي تحفظ بابت علمي بنياد فراهم ڪيو مرحوم نوجوانن کي فطرت سان محبت ۽ سائنسي تحقيق ڏانهن راغب ڪيو. هن وڌيڪ چيو ته سندس تصنيفون مستقبل جي ماحولياتي محققن لاءِ رهنما حيثيت رکن ٿيون. ڊاڪٽر ڌاريجو جي علمي خدمتن کي سدائين احترام سان ياد رکيو ويندو سنڌ يونيورسٽي دادو ڪيمپس جي پرو وائيس چانسيلر پروفيسر ڊاڪٽر اٿيلا ناز سومرو چيو ته ڊاڪٽر علي مرتضيٰ ڌاريجو هڪ مثالي استاد، باوقار محقق ۽ شفيق انسان هو. هن چيو ته سندس تدريسي انداز ڪيترن ئي شاگردن کي تحقيق جي ميدان ۾ اڳتي وڌڻ لاءِ همٿايو. مرحوم هميشه علم، تحقيق ۽ اخلاقي قدرن کي اوليت ڏني. هن وڌيڪ چيو ته سندس علمي ورثو سنڌ جي اعليٰ تعليم لاءِ قيمتي سرمايو آهي، اهڙيون شخصيتون قومن جي علمي سڃاڻپ بڻجن ٿيون. نوجوان ليکڪ ڊاڪٽر شاهمراد چانڊيو چيو ته ڊاڪٽر علي مرتضيٰ ڌاريجو سنڌي ٻوليءَ ۾ سائنسي ادب جي واڌاري لاءِ غيرمعمولي خدمتون سرانجام ڏنيون. هن چيو ته مرحوم سائنس کي عام فهم ٻوليءَ ۾ پيش ڪري علم کي عوام جي ويجهو آندو. سندس ليک تحقيق، ٻولي ۽ فڪر جو حسين سنگم آهن. هن وڌيڪ چيو ته ڊاڪٽر ڌاريجو جو نالو سنڌي سائنسي ادب جي تاريخ ۾ هميشه روشن رهندو. سندس ڇڏيل علمي خزانو ايندڙ نسلن لاءِ مشعل راهه آهي. مرحوم جي فرزند ۽ سماجي شخصيت زاهد مرتضيٰ ڌاريجو پنهنجي والد کي ڀيٽا پيش ڪندي چيو ته سندس والد سڄي زندگي علم، تحقيق ۽ شاگردن جي تربيت کي پنهنجي زندگيءَ جو مقصد بڻايو هن چيو ته هو هميشه مطالعي لکڻ ۽ علم جي واڌاري ۾ مصروف رهندو هو. سندس خواهش هئي ته سنڌي ٻوليءَ ۾ سائنس جو معياري ادب وڌيڪ ترقي ڪري. هن تعزيتي ميڙاڪو منعقد ڪرڻ تي سنڌ يونيورسٽي ۽ سنڌي ادبي سنگت جا ٿورا مڃيا. هن چيو ته خاندان لاءِ اها وڏي عزت آهي جو علمي حلقا اڄ به سندس خدمتن کي محبت ۽ احترام سان ياد ڪن ٿا. تقريب کي ولي ڏاهري، محمد علي گهانگهرو ۽ ٻين پڻ خطاب ڪيو ۽ پروفيسر ڊاڪٽر علي مرتضيٰ ڌاريجو جي شخصيت، علمي، تحقيقي ۽ ادبي خدمتن تي تفصيلي روشني وڌي. واضح رهي ته پروفيسر ڊاڪٽر علي مرتضيٰ ڌاريجو سنڌي ٻوليءَ ۾ سائنس، طب، ماحوليات ۽ زولاجي بابت ڪيئي ڪتاب لکي سنڌي سائنسي ادب جي مضبوط بنيادن رکڻ ۾ تاريخي ڪردار ادا ڪيو جنهن سبب هو سنڌي ٻوليءَ ۾ سائنسي علم کي هٿي وٺرائڻ جي حوالي سان هميشه ياد رکيو ويندو

بقايا 50 ”روزاني عبرت“

ڏيرا پوليس چوڪين جي عين وچ ۾، ڳوٺ جميل تنيو پرسان چورن هڪ ڀيرو ٻيهر امن امان جي دعوائن جون ڌڄيون اڏائي ڇڏيون. پوليس جي ناڪام حڪمت عملي سبب علائقي ۾ اها ٻي وڏي واردات آهي.

خيرپور ناٿن شاهه ۾ مبينا آئيس جي نشي سبب نوجوان فوت، مهيني ۾ ٽي فوتگيون

فوتي ارشاد علي قريشي وڏيڪ نشو واپرائڻ سبب ۽ گرمي سبب فوت ٿي ويو

پوليس جي دعوائن باوجود منشيات جي وڪري ۽ واپرائڻ تي ضابطو نه اچي سگهيو

عوامي ۽ سماجي حلقن جو منشيات جي نيٽ ورڪ خلاف سخت ۽ اثرائتي ڪارروائي جو مطالبو

خيرپور ناٿن شاهه (ن ع) بوڙڻي پوليس جي حد ۾ مبينا طور آئيس جي نشي سبب فوت ٿيل نامعلوم جي سڃاڻپ ارشاد قريشي جي نالي سان ٿي آهي. شروعاتي رپورٽ موجب فوتي ارشاد علي

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

پيارو ڳوٺ: زخمي ٿيل نوجوان ۽ ناري

پيارو اسٽيشن سامهون ٻن موٽرسائيڪلن ۾ ٽڪر، 3 ڄڻا زخمي

نيشنل بئنڪ جي سامهون ٻن موٽرسائيڪلن ۾ آمهون سامهون ٽڪر ٿي پيو

حادثي جي نتيجي ۾ عورت سميت 3 ڄڻا زخمي ٿي پيا، اسپتال منتقل

پيارو اسٽيشن (ن ع) پيارو اسٽيشن جي نيشنل بئنڪ جي سامهون ٻن موٽرسائيڪلن ۾ آمهون سامهون ٽڪر ۾ هڪ عورت سميت 3 ڄڻا زخمي پيا، شهرين سيني زخمين کي پيارو اسٽيشن جي خانگي اسپتال پهچايو ان موقعي تي زخمين کي منشي پاران ليٽر ڏيڻ جي پوليس موبائل جو ڊرائيور اسپتال ۾ اچي زخمين کي ليٽر ڏنو پوليس اهلڪار هلندڙ اعلاج سان هڪ زخمي کي پيارو پوليس پوسٽ تي وٺي ويو زخمي عورت نصيبا

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

پٽ شاهه پرسان ڳوٺاڻن جو ڪريل بجلي ٿنڀي خلاف احتجاج

اسان جي زرعي زمين ۾ ڪافي وقت کان بجلي جو پول ٿنڀو ڪريل آهي: مظاهرين

حيسڪو ۽ مقامي انتظاميه کي بار بار شڪايتن باوجود مسئلو حل نه ٿيو آهي

پٽ شاهه (ن ع) ڪنڊيارو ويجهو سالارو پرسان ڳوٺ ڄام خان ڪوسو جي رهواسين عبدالرحيم ڪوسو،تعمير ڪوسو،عبدالمالڪ ڪوسو ۽ ٻين احتجاج ڪندي چيو ته اسان جي زرعي زمين ۾ ڪافي وقت کان بجلي جو پول ٿنڀو ڪريل آهي ۽ بجلي جون تارون زمين سان لڳ ٿيل آهن جنهن جي شڪايت اسان حيسڪو سميت مقامي انتظاميه کي ڪري ڇڪا آهيون پر اڃا تائين اسان جو مسئلو حل نٿي سگهيو آهي بجلي جو پول هيٺ هجڻ ۽ تارون زمين

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

پٽ شاهه پوليس جي ڪارروائي، سامان سان پريل ٽرالر هٿ، ۾ جوابدار گرفتار ڪرڻ جي دعوي

پٽ شاهه (ن ع) پٽ شاهه پوليس منشيات جي خاتمي لاءِ وڏي ڪارروائي ڪرڻ جي دعوي ڪندي منشيات سان پريل هڪ ٽرالر گاڏي هٿ ڪرڻ جو اعلان ڪيو آهي پوليس موجب ڪارروائي دوران منشيات

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

گهوٽڪي: جهيڙي ۾ زخمي ٿيل ميراڻي برادري جا شخص احتجاج ڪري رهيا آهن

شهدادپور ۾ پرياسي واپاري هڪ هٽي قائم ڪري ڦٽين جو اگهه گهٽائي ڇڏيو، احتجاج

واپاري ڦٽين جي في مڻ اگهه ۾ 4 هزارن کان گهٽتائي ڪري مڻ تي 2 ڪلو ڪٽتو ڪاٽڻ لڳا

واپارين 7800 رپيا في مڻ مقرر ڪري مڻ تي 2 ڪلو ڦٽي ڪٽتو ڪٽي وڏو ظلم ڪري رهيا آهن: آبادگار

لاڳاپيل سرڪاري ادارا ڪاٽن فيڪٽرين خلاف فوري طور نوٽيس وٺي ڦٽين جو مناسب اگهه مقرر ڪرائين

شهدادپور (رپورٽ مهدي حسن پنهور) شهدادپور سميت پوري ضلع سانگهڙ اندر ڪاٽن جنرز هڪ هٽي قائم ڪري ڦٽين جي في مڻ اگهه ۾ 4 هزارن ڪاڻ وڏيڪ گهٽتائي ڪريمڻ تي 2 ڪلو ڪٽتو ڪاٽڻ سان گڏ آبادگارن کي لٽڻ ڦرڻ شروع ڪري ڏنو آهي ڦٽين جي في مڻ اگهه ۾ وڏي گهٽتائي ڪري 2 ڪلو ڪٽتو

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

شهدادپور ۾ سني رابطا ڪائونسل پاران گستاخ صحابه کي آزاد ڪرڻ خلاف احتجاج

ڪارڪنن مفتي فاروق ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ هالا چوڪ تي ڌرڻو هڻي احتجاج ڪيو

پوليس گستاخ صحابه حسين خاصخيلي کي گرفتار ڪري ڌرڻو ختم ڪرايو

شهدادپور(ن ع) شهدادپور صحابه ڪرام جي گستاخي واري واقعي ۾ جوابدار کي گرفتار ڪري آزاد ڪرڻ خلاف سني رابطه ڪائونسل جي طرفان شهدادپور جي هالا چوڪ تي ڌرڻو جاري آهي سني رابطه ڪونسل جي اڳواڻ مفتي محمد فاروق چيو ته پوليس گستاخ صحابه کي گرفتار ڪري

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

ڄامشورو سنڌي ادبي سنگت پاران پروفيسر ڊاڪٽر علي مرتضيٰ ڌاريجو جي ياد ۾ تعزيتي ميڙاڪو لفظن جي پيڻا

ڄامشورو (ڊ ر) سنڌي سائنس ادب جي معمار پروفيسر ڊاڪٽر علي مرتضيٰ ڌاريجو جي ياد ۾ تعزيتي ميڙاڪو: زبردست پيڻا پيش: سنڌي ٻولي ۽ سائنس جي واڌاري لاءِ ڊاڪٽر علي مرتضيٰ ڌاريجو جون خدمتون وسارڻ جوڳيون ناهن سنڌس

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوالهيار ۾ ٻن موٽر سائيڪل سوارن کهاڙين هڻي گهوڙي کي ماري ڇڏيو

پڳوان داس پيل ۽ ميوو پيل نشي جي حالت ۾ گهوڙي کي ماريو آهي: گهوڙي جو مالڪ

اطلاع تي پوليس پهچي تفصيل ورتا، ڪارروائي ڪري ٻنهي جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو

ٽنڊوالهيار (ڊ ر) ٽنڊوالهيار ويجهو موٽر سائيڪل سوار ٻن ڄڻن مبينا کهاڙين جا وار ڪري گهوڙي کي ماري ڇڏيو پوليس ٻنهي ڄڻن کي گرفتار ڪري ورتو خبر موجب ٽنڊوالهيار ويجهو سلطان آباد ٿاڻي جي حد ڳوٺ ڏنو ڪالرو ۾ موٽر سائيڪل سوار ٻن ڄڻن رستي تي گاهه ڪاٽيندڙ گهوڙي

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

شهدادپور: نياز ورهائڻ تان ٿيل جهيڙي جا زخمي ڪيس داخل نه ٿيڻ خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

گڏيجي پرسان ٻارهين محرم الحرام جي موقعي تي قديمي ماتمي جلوس سيجڻ،جهولن سان برآمد ڪيو ويو

گڏيجي(ن ع) گڏيجي جي پرسان ڳوٺ ملهيراڻي سولنگي ۾ ٻارهين محرم الحرام جي موقعي تي تاريخي ۽ قديمي ماتمي جلوس سيجڻ،جهولن سان برآمد ڪيو ويو هرطرف ياحسين ياحسين جون صدائون بلند

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

پريارو ۾ هٿياربندن جي ڪارخاني تي چڙهائي، ملازمن کي يرغمال بڻائي لکين رپين جي ڦرلٽ

گاڏي ڪاتي ۾ چوڌري افتخار آرائين جي برف ڪارخاني تي 9 کان وڌيڪ هٿياربندن جي چڙهائي ڪئي

هٿياربندن 4 ملازمن کي هٿيارن جي زور تي يرغمال بڻائي تشدد نگد 12 لک رپيا روڪ ۽ سامان ڀهاري ويا

ڌوهه جي مختلف رخن کان جاچ ڪري رهيا آهيون،جلد ڌوهارين کي گرفتار ڪيو ويندو: ايس ايڇ او

پريارو (رپورٽ: اسجد ميرجت) پريارو برف جي ڪارخاني تي هٿياربندن جو ڌاڙو لکين روپيا ۽ ٻيو سامان هٿيار بند ڀهاري ويا. پريارو جي گاڏي ڪاتي ۾ قائم چوڌري افتخار آرائين جي برف

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

جيڪب آباد ۾ سپريم ڪورٽ جي حڪم تي پوليس ڪارروائي، دوڪان خالي، احتجاج

ستي ٿاڻي ۽ ٽاور چوڪي ٻاهران موجود پوليس پراپرٽي جا وڏي تعداد ۾ دوڪان خالي ڪرايا ويا

سپريم ڪورٽ جي حڪم تحت پوليس پراپرٽي جا دوڪان خالي ڪرائي رهيا آهيون:ڊي ايس پي

جيڪب آباد (ڊ ر) جيڪب آباد ۾ سپريم ڪورٽ جي حڪم تحت مختلف ٿاڻن جي پوليس پاران ڪاروائي ڪندي ستي ٿاڻي ۽ ٽاور چوڪي ٻاهران موجود پوليس پراپرٽي جا وڏي تعداد ۾ دوڪان خالي ڪرايا ويا، پوليس دوڪاندار وٽ پهچي سختي سان ڪين هدايتون ڪندي دوڪانن اندر رکيل سامان ٻاهر ڪيرائي سيل ڪري ڇڏيو جنهن ڪري دوڪاندار سخت پريشاني جو شڪار ٿي ويا ان سلسلي ۾ دوڪاندارن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته بغير نوٽيس

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

گهوٽڪي ۾ سڳاوتي تڪرار تان چوهاڻ برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو، ٻه ڄڻا زخمي، اسپتال داخل

گهوٽڪي(ن ع)گهوٽڪي جي اي سيڪشن ٿاڻي جي حد ۾ واقع ڳوٺ پنجو لباڻو ۾ رشتي جي تڪرار تان چوهاڻ برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو ٿي پيو جنهن جي نتيجي ۾ ٻه ڄڻا زخمي ٿي پيا، واقعي دوران غلام رسول چوهاڻ ۽ شيراز رسول چوهاڻ زخمي ٿي پيا، جن کي وارثن ۽ علائقي واسين پاران فوري طور تعلقه

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

گهوٽڪي: جهيڙي ۾ زخمي ٿيل چوهاڻ برادري جا ماڻهو احتجاج ڪندي

گهوٽڪي ۾ پورهيت نوجوان جي گمشدگي خلاف ماءُ جو احتجاج

ڳوٺ ٻيڙو گهوٽو جي رهواسڻ مائي الهڏني شيخ پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪيو

پوليس پٽ گل حسن کي جامع مسجد ٻاهران کنيي گم ڪري ڇڏيو آهي، انصاف ڪيو وڃي

گهوٽڪي(ن ع)گهوٽڪي ۾ پورهيت نوجوان جي مبينا گمشدگي خلاف ماءُ جو احتجاج، اي سيڪشن پوليس تي ملڪا گم ڪرڻ جو الزام. خبرموجب گهوٽڪي ويجهو ڳوٺ ٻيڙو گهوٽو جي رهواسڻ مائي الهڏني شيخ پريس ڪلب گهوٽڪي پهچي احتجاج ڪندي الزام هڻيو آهي ته اي سيڪشن پوليس سنڌس پورهيت پٽ گل حسن شيخ کي جامع مسجد ٻاهران کنيي گم ڪري ڇڏيو آهي احتجاج ڪندڙ عورت چيو ته ڪيس خدشو آهي ته پوليس سنڌس پٽ تي

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

سيال پائر هميشه بغير ڪنهن رنگ نسل ۽ ذات جي عوام جي مدد ۽ خدمت ڪئي آهي: حاجي عبدالله جتوئي

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) سعودي عرب ۾ رهائش پذير حاجي عبدالله جتوئي طرفان پنهنجي رهائشگاهه تي پاڪستان پيپلز پارٽي تعلقي باقراڻي جي صدر طارق انور سيال جي مان ۾ آجياڻو ڏنو ويو جڏهن ته آجياڻي تقريب ۾ پ پ پ اڳواڻ اسد ڪرل، محمد مڪي، قربان بروهي، سيد مصطفيٰ مڪي شاهه، حاجي بشير مڪول حاجي

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

جيڪب آباد: پوليس پاران سيل ڪيل دڪان ۽ دڪاندار جي پيهه

ڏکڻ ويجهو هٿياربند پاران مزاحمت تي فائرنگ، هڪ ڄڻو زخمي، اسپتال منتقل

لاڙڪاڻي روڊ تان هٿياربندن برڪت گوپانگ کي زخمي ڪري 40 لک ڦري فرار ٿي ويا

اطلاع تي پوليس پهچي زخمي کي اسپتال منتقل ڪري واقعي جي جاچ شروع ڪري ڏني

ڏکڻ(ن ع) ڏکڻ لڳ واصل پوليس چوڪي سامهون شڪارپور_لاڙڪاڻو انڊس هاءِ وي تي شڪارپور واسي شهزور گاڏي ۾ سوار واپارين کي نامعلوم هٿياربندن هٿيارن جي زور تي گاڏي بيهارڻ جي ڪوشش ڪئي،نه بيهڻ تي هٿياربندن گاڏي تي فائرنگ ڪري ڏني جنهن جي نتيجي ۾ گولي لڳڻ سبب هڪ ڄڻو برڪت گوپانگ زخمي ٿي پيو جڏهن ته هٿياربندن واپارين کان روڪ رقم ڦر ڪري فرار ٿي ويا. واپارين ٻڌايو ته هٿياربندن اسانکي

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

ڏکڻ: ڦر جي مزاحمت تي زخمي ٿيل نوجوان

هالا ۾ ڪربلا جي 72 شهيدن جي تابوتن وارو ماتمي قافلو عقيدت سان برآمد

مردن، عورتن، بزرگن ۽ ٻارن جي وڏي انگ ۾ شرڪت، اهلبيتؑ جي اسيرن جي سفر جي ياد تازي

علمائن ڪربلا جي عظيم قربانين کي پيڻا پيش ڪئي، عزادارن پاران نوحه خواني ۽ ماتمداري

رستي تي سبيلن، نياز، صفائي ۽ سيڪيورٽي جا خاص انتظام، قافلو پرامن طريقي سان پڄاڻي تي پهتو

هالا (ت ر) هالا جي مرڪزي شيعه امام بارگاهه هالا سان ڪربلا جي ميدان ۾ شهيد ٿيل 72 جانثارن جي تابوتن وارو قافلو برآمد زوار الهه بچايو چانڊيو سيد مختيار حسين عرف بابو شاهه، غلام اڪبر ميمڻ

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

قبوسعيدخان ۾ يوم عاشوره عقيدت ۽ احترام سان ملهايو ويو

قبوسعيدخان (ن ع) سڄي ملڪ جيان قبوسعيدخان ۾ به يوم عاشوره عقيدت ۽ احترام سان ملهايو ويو ڪربلا جي شهيدن جي ياد ۾ حيدري قرار امام بارگاهه کان ماتم جلوس مختيار احمد مگسي سيد سبحان علي شاهه ، مظهر حسين شيخ ، حسين بخش شيخ ، مولابخش مگسي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ بر آمد ٿيو ، جلوس جي نگراني . رينجرس ۽ پوليس جا جوان ڪري

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

حضرت سيدنا امام عالي مقام امام حسينؑ جي عظيم شهادت اسلام جي جياپي لاءِ عظيم باب آهي: علامه پير عبدالرحمان

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) سيد شهداءِ حضرت سيدنا امام عالي مقام امام حسينؓ رضي الله عنه جي عظيم شهادت اسلام جي جياپي لاءِ هڪ عظيم باب آهي سيد شهداءَ حضرت سيدنا امام عالي مقام امام حسينؓ رضي الله عنه جي واقعه ڪربلا حقيقت ۾ حق ۽ باطل جي وچ ۾ محرڪ هيو اهڙيون ڳالهيون ڪوهه مري جي ناليواري مشهور جامع نور جي المهتمم

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 5

ڄامشورو ۾ يوم عاشورا جا سمورا ماتمي جلوس ۽ مجلسون اختتام پذير ٿيا: ڊي سي

ڪوٽڙي سائيٽ (رپورٽ نعيم اختر سومرو) يوم عاشورا جي موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر ڄامشورو غضنفر علي قادري ايس ايس پي ڄامشورو محمد ظفر صديق ڇانگا سان گڏ ڪوٽڙي سائيٽ ۾ مرڪزي ماتمي جلوس جي اختتامي هنڌ جو دورو ڪيو جتي هنن سيڪيورٽي، ٽريفڪ، صفائي، طبي سهولتن ۽ ٻين انتظامن جو تفصيلي جائزو ورتو ڊي سي ڄامشورو ۽ ايس ايس

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 5

خيرپور ۾ 8 ٻارن جي ماءُ ڪئنال ۾ ٽپو ڏئي آپگهات ڪري ڇڏيو

مسمات رخسانہ خاصخيلي ميرواهه ڪينال ۾ ٽپو ڏئي آپگهات ڪيو

اطلاع تي ٽوبڻ ۽ ريسڪيو ٽيمن لاش جي ڳولها ڪري وارثن حوالي ڪيو

خيرپور(ڊر)خيرپور ۾ 8 ٻارن جي ماءُ مسمات رخسانہ خاصخيلي ميرواهه ڪينال ۾ ڪري ٻڏي وئي بعد ۾ مقامي ٽوبڻ ۽ ريسڪيو ٽيمن لاش جي ڳولها کان پوءِ رخسانہ خاصخيلي جو لاش واهه مان ڪڍي ورتو لاش گهر پهچڻ تي گهر ۾ ڪهرام مچي ويو جڏهن ته اهي به اطلاع آهن ته مسمات رخسانہ خاصخيلي واهه تي پهچي پاڻ واهه ۾ ٽپو ڏنو هو پوليس ڏريعن موجب، مسمات رخسانہ خاصخيلي جي واهه ۾ ٻڏڻ واري واقعي بابت وڌيڪ تفصيل معلوم

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

خانپورمهر ويجهو قتل ٿيل ڳوٺاڻي جمال الدين جو لاش رکي وارثن جو احتجاجي مظاهرو

ڳوٺ سڄاول ملڪ واسين بخش علي ملڪ، صدام، واحد بخش ملڪ ۽ ٻين مقتول جو لاش رکي احتجاج ڪيو

جوابدارن لٺين سان حملو ڪري جمال الدين کي بيدردي سان قتل ڪيو پر پوليس ڪيس داخل نٿي ڪري: مظاهرين

اسپتال جي عملي پوسٽ مارٽم جو سرٽيفڪيٽ به غلط تيار ڪيو آهي، انصاف ڪيو وڃي

خانپورمهر(ن ع) خانپورمهر ويجهو قتل ٿيل ڳوٺاڻي جمال الدين عرف جمعو ملڪ جي وارثن انصاف نه ملڻ خلاف لاش دفنائڻ

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

ڪپرو ويجهو مڇي جي تلاءُ ۾ وهنجندي نوجوان ٻڏي فوت

ڳوٺ جمال ڪيريو واسي آصف ڪيريو تلاءُ ۾ ٻڏي ويو

اطلاع تي وارثن پهچي نوجوان جو لاش ڪڍي گهر آندو ته ڪهرام مچي ويو

ڪپرو (ن ع) چوٽياريون پرسان واقع ڳوٺ جمال ڪيرو ۾ ٻارهين ڪلاس جو شاگرد آصف ولد احمد دوستن سان مڇي جي ٻيجي لاءِ لهيل مقامي زميندار جي تلاءُ ۾ وهنجندي ٻڏي فوت ٿي ويو.واقعي بعد فوتي جو مڙهه گهر پهچڻ تي علائقي ۾ سوڳ جي لهر ڇانئجي وئي ۽ گهر ڀاتين ۾ ڪهرام مچي ويو فوتي کي وارثن موجب مرگهي جو به اثر هو

ٻلوري ۾ ڪوڙ ۽ چانگ برادري تڪرار جي نبيري لاءِ سياسي ۽ سماجي اڳواڻ سرگرم

قومي پارٽي ۽ شهري اتحاد پاران اڄ اهم گڏجاڻي مختلف تنظيمن کي شرڪت جون دعوتون

برادري تڪرارن سبب علائقائي نقصان تي ڳڻتي منٿ ميڙ ذريعي حل جي ڪوشش جو اعلان

ميرپوربٺورو(ن ع) ٻلوري ۾ ڪوڙ ۽ چانگ برادري جي هلندڙ تڪرار جي نبيري لاءِ قومي پارٽي ۽ شهري اتحاد سرگرميون شروع ڪري ڇڏيو ان سلسلي ۾ سياڻي (اڄ) فقير هائوس تي گڏجاڻي ڪوٺائي وئي آهي جنهن ۾ مختلف تنظيمن جي اڳواڻن کي فقير محمد علي خواجه ۽ قادر بخش ڏيٿو طرفان دعوتون ڏنيون ويون آهن واپاري صدر عبدالغفور ميمڻ،جسم اڳواڻ نعمان شورو،قومي عوامي تحريڪ پنهل سولنگي،ايس ٽي پي اڳواڻ عبدالغني

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

گهوٽڪي لڳ ميراڻي برادري جي ڌرين ۾ جهيڙو، عورت سميت 3 ڄڻا زخمي

ڳوٺ ميرانپور واسي ڌرين ۾ سڳاوتي تڪرار تان جهيڙو ٿي پيو

زخمي عبدالغفار، عبدالعزيز، شهباز ميراڻي ۽ ٻين کي اسپتال منتقل ڪيو ويو

گهوٽڪي(ن ع) ڳوٺ ميرانپور ۾ ميراڻي برادري جي ٻن ڌرين وچ ۾ سڳاوتي تڪرار شدت اختيار ڪري ويو جنهن دوران عبدالغفار ميراڻي عبدالعزيز ميراڻي ۽ شهباز ميراڻي زخمي ٿي پيا. زخمين کي فوري طور تعلقي اسپتال گهوٽڪي آندو ويو جتي عورت شهباز ميراڻي جي حالت ڳڻتي جوڳي هجڻ سبب ڪيس وڌيڪ علاج لاءِ سکر ريفر ڪيو ويو واقعي بعد پوليس اطلاع تي پهچي جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي جڏهن ته ايس ايڇ اي گهوٽڪي ڪاڻ

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

پنشاهه: پوليس پاران ڪارروائي ۾ هٿ آيل سامان

خيرپور ۾ سيلارجا جي صحافي شوڪت سولنگي گهران ڦر واقعي خلاف احتجاج

يونين آف جرنلسٽ پاران خان محمد خان، عبدالمجيد پنهور ۽ ٻين احتجاج ڪيو

صحافي شوڪت جي گهران لڳل ڌاڙي جا جوابدار گرفتار ڪري رقم واپس ڪرائي وڃي

خيرپور(ڊر) ريجنل يونين آف جرنلسٽس اتر سنڌ جي صدر خان محمد خان ، سکر ڊويزن جي صدر عبدالمجيد پنهور سليم رضا شيخ، جنرل سيڪريٽري هريش ڪمار شاهنواز ڪلهوڙو ۽ ٻين ايوان صحافت اڳيان احتجاج ڪندي مطالبو ڪيو آهي ته سيلارجا جي صحافي شوڪت سولنگي جي گهر ۾ لڳل ڌاڙو 8 ڏينهن گذرڻ باوجود پوليس صحافي کي رقم اڃا واپس نه ڪرائي آهي نه ئي وري چور گرفتار ٿيا آهن ٻي طرف پيروسڻ جي صحافي عابد جمالي

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

شهدادپور ۾ ڳوٺاڻن جو حملو ڪندڙ جوابدار گرفتار نه ٿيڻ خلاف احتجاج

ڳوٺ غلام حيدر باگراڻي واسين ساڻول ملڪ ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

پوليس اين سي داخل هئڻ باوجود حملي جي جوابدارن کي گرفتار ناهي ڪيو: مظاهرين

شهدادپور(ن ع) شهدادپور ڳوٺ غلام حيدر باگراڻي واسي ساول ملڪ سڄاول ملڪ تنزيلا ملڪ نيبا ملڪ جي اڳواڻي ۾ پريس ڪلب سامهون احتجاجي مظاهرو ڪري نعريبازي ڪئي مظاهرين چيو ته محرم الحرام ۾ نياز ورهائڻ تان جهيڙو ٿيو جنهن ۾ اسان تي هرڪ پرويز ناشاد سڏير امداد باگراڻي ۽ ٻين لٺيون پٿر سرون زخمي ڪيو آهي اين سي داخل ڪرائڻ باوجود ڪابه گرفتاري ناهي ٿي هنن مطالبو ڪيو ته ڪين گرفتار ڪري انصاف ڪيو وڃي

حيدرآباد: آءِ بي اي ٽيسٽ پاس ڪندڙ اميدوار نوڪري نه ملڻ خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

حيدرآباد ۾ صحافي اسحاق مگرئي جي ٻي ورسي موقعي تي گڏجاڻي، لفظن جي پيڻا

اسحاق مگريو مزاحمتي صحافت جو ڪردار هو سنڌ جي مسئلن کي قلم وسيلي اجاگر ڪيو: محبوب ابڙو

سليم چنا سميت شرڪت ڪندڙن پاران جديد صحافت ۽ ادبي خدمتن تي روشني وڌي

واحد ڪانڌڙو ۽ ٻين مقررائن پاران صحافتي سفر فڪر ۽ خدمتن کي پيڻا پيش ڪئي وئي

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) بزم روح رهاڻ پاران انجمن تاجران سنڌ تعلقي قاسم آباد حيدرآباد جي آفيس ۾ سنڌ جي ناميارو صحافي ڪالم نگار اسحاق مگريي جي ٻي ورسيءَ جي موقعي تي سنڌس ياد ۾ گڏجاڻي ڪوٺائي ڪيس لفظن جي پيڻا پيش ڪئي وئي، گڏجاڻي ۾ گهر ڪئي وئي ته اسحاق مگريي جو مواد ترتيب ڏئي ڪتابي صورت ۾ ڇپايو وڃي گڏجاڻي جي صدارت ڪندي قاسم آباد جي اڳوڻي ناظم سماجي اڳواڻ واپاري محبوب

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

بدين-ڪراچي بس ڀاڙا گهٽ نه ٿيڻ خلاف مسافرن جو بدين ۾ احتجاجي مظاهرو

پيٽرول سستو ٿيڻ باوجود هڪ طرفو ڀاڙو 1400 رپيا برقرار آهي: مظاهرين

آر ٽي اي عملي ۽ ٽرانسپورٽرن جي مبينا ملي ڀڳت سبب ناجائز ڀاڙا وصول ڪيا پيا وڃن

بدين (ڊ ر) ملڪ اندر پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ وڏي ڀيماني تي گهٽتائي اچڻ باوجود بدين ۽ ڪراچي وچ ۾ هلندڙ مسافر بسن جي ڀاڙن ۾ ڪا به گهٽتائي نه آندي وئي آهي جنهن سبب ٽرانسپورٽ مافيا غريب ماڻهن کي ٻنهي هٿن سان ڦري لٽي رهي آهي بدين کان ڪراچي ويندڙ شاگردن مزدورن ۽ روزانو سفر ڪندڙ مسافرن سخت احتجاج ڪندي چيو آهي ته جڏهن ملڪ اندر تيل جي في ليٽر قيمت 420 رپين کان گهٽجي 299 رپين تائين پهچي

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

ذڪريا سڪندر منڌرو آمريڪا مان بدين پهتو، مختلف سرڳوار خاندانن سان تعزيت

مرحوم حاجي عبدالستار ميمڻ جي وفات تي عزيزن سان ملاقات، مغفرت ۽ صبر لاءِ دعا

ڊاڪٽر سارنگ ميمڻ جي قتل واقعي تي گهري ڏک جو اظهار ڪيو

بدين (ڊ ر) پيپلز پارٽي باني ميمبر بدين جي ايم پي اي ۽ سينيٽر اڳوڻو صوبائي وزير صحت مرحوم ڊاڪٽر سڪندر علي مينڌرو جو پٽ ذڪريا سڪندر علي منڌرو آمريڪا مان بدين پهتو جتي هن پيپلز پارٽي جي باني ميمبر ۽ ضلع بدين جي اڳوڻي نائب صدر مرحوم حاجي عبدالستار

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد ۾ چوڙي مزدورن جو ليبر ڪاتي خلاف احتجاج، حقن جي تحفظ جو مطالبو

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) حيدرآباد جي چوڙي مزدورن ليبر ڪاتي پاران حقن جو تحفظ نه ڪرڻ ۽ ڪريشن خلاف ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب سامهون نوشاد آرائين ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي هنن چيو ته ليبر ڪاتي حيدرآباد چوڙي جي ڪارخانن تي ڪم ڪندڙ

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

28هين ترميم، پاڻي ڪوٽ ۽ بدامني خلاف قومي عوامي تحريڪ جو ڏڳهڙي ۾ احتجاج

28هين ترميم پاڪستان جي اتحاد لاءِ به نقصانڪار ثابت ٿيندي، انور نوحاڻي

ٽيل تائين پاڻي نه پهچڻ سبب فصل تباهه، آبادگار سخت متاثر آبپاشي عملدارن تي نااهلي جا الزام

ڏگهڙي (ن ع) قومي عوامي تحريڪ جي سڏ تي ڏگهڙي پريس ڪلب آڏو "متحد ۽ مضبوط سنڌ" جي عنوان سان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو. مظاهري کي خطاب ڪندي مرڪزي آبادگار تحريڪ جي مرڪزي صدر انور نوحاڻي چيو ته تجويز ڪيل 28 هين ترميم رڳو سنڌ نه پر پاڪستان جي اتحاد لاءِ به نقصانڪار ثابت ٿيندي هن الزام هنيو ته زرعي پاڻي جي

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: ڇينل واهه ۾ نوجوان وهنجي رهيا آهن

ٽنڊوآدم ۾ نائين ڪلاس جي شاگرديائي سان مبينا زيادتي جي ڪوشش، وارثن جو احتجاج

محمدي ڪالوني واسڻ ملائڪا ڌي غلام سرور ملڪ وارثن سان گڏجي پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪيو

پاڙيسري جوابدار راڻا عمر جي گهر برطرف وٺڻ ويس ته ڪمري بند ڪري ڏاڍائي جي ڪوشش ڪئي: ملائڪا

رڙين تي جوابدار ڇڏي فرار ٿي ويو، واقعي بابت ٿاڻي تي اين سي داخل ڪرائي آهي پر پوليس ڪارروائي نٿي ڪري

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊوآدم ۾ نائين ڪلاس جي شاگرديائي سان مبينا زيادتي جي ڪوشش، مزاحمت تي قتل جون ڌمڪيون .رڙين تي جوابدار فرار وارثن جو احتجاج انصاف جي گهر رپورٽ موجب

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوآدم: محمدي ڪالوني جي رهواسڻ نائين ڪلاس جي شاگرديائي ملائڪه ملڪ ماءُ سان گڏ ڏاهيندي ٻئي طرف الزام هيٺ آيل جوابدار عمر راڻا

گمبٽ لڳ بجلي جو ڪرنٽ لڳڻ سبب نوجوان فوت

گمبٽ (ت ر)گمبٽ پرسان کهڙا روڊ تي منزل گاهه ويجهو افسوسناڪ واقعو پيش آيو جتي علم پاڪ جي بجليءَ جي تار درست ڪرڻ دوران ڪرنٽ لڳڻ سبب هڪ نوجوان فوت ٿي ويو،فوتي نوجوان جي

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 5

گهوٽڪي: ٻڏي فوت ٿيل نينگر جي حياتي جي تصوير

گهوٽڪي معصوم نينگر بند مائينر ۾ ٻڏي فوت، گهر ۾ ڪهرام

ڳوٺ اسلام ٽگڙ ۾ 6 ورهين جو سهيل ٽگڙ وهنجندي ٻڏي ويو

ٽن ڪلاڪن جي ڪوشش ڪان پوءِ نينگر جو لاش هٿ، گهر پهچڻ تي ڪهرام

گهوٽڪي(ن ع)گهوٽڪي ڳوٺ اسلام ٽگڙ ۾ 6 ورهين جو معصوم نينگر بند مائينر ۾ ٻڏي فوت، ٽن ڪلاڪن ڪان پوءِ لاش هٿ ڪيو ويو ڳوٺ اسلام ٽگڙ واسي نينگر سهيل ٽگڙ بند مائينر ۾ وهنجندي ٻڏي ويو اطلاع تي وارثن ۽ ڳوٺاڻن پهچي ٽن ڪلاڪن جي ڪوشش ڪان پوءِ نينگر جو لاش هٿ ڪيو ويو نينگر جي موت جا ذميوار آبپاشي عملدار آهن وارثن چيو ته انجنيئر معان قتل جو ڪيس داخل ڪيو وڃي احتجاج ڪندي ڳوٺاڻن چيو ته آبپاشي

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي لڳ آبڙو ۽ جاڙو واهه جي آبادگارن پاران پاڻي جي کوٽ خلاف احتجاجي مظاهرو

آبادگارن مجيب الرحمان، نصرت حسين، بشير ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ لاهوري ريگيوليٽر پرسان احتجاج ڪيو

جون جو مهينو پورو ٿيڻ وارو آهي پر رائيس ڪئنال مان نڪرندڙ آبڙو ۽ جاڙو واهه ۾ پاڻي ڇوڙ ناهي ڪيو ويو: مظاهرين

آبپاشي کاتي جا ڪجهه آفيسر رشوت عيوض ٻين شاخن ۽ واهن کي پاڻي ڏئي رهيا آهن، نوٽيس ورتو وڃي

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ آبڙو ۽ جاڙو واهه جي آبادگارن طرفان زرعي پاڻي جي کوٽ خلاف شهر جي لاهوري ريگيوليٽر پرسان احتجاجي مظاهرو ڪري سخت نعريبازي ڪئي وئي ان موقعي تي

بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 5

نصيرآباد ۾ چور 11 هزار لائن جي 5 ٿنڀن جون تارون لاهي فرار

نصيرآباد(ن ع)نصيرآباد ۽ ڏيرا پوليس جي مبينا غفلت ۽ ناڪاميءَ سبب علائقو چورن ۽ ڌوهارين جي رحم ڪرم تي. ڳوٺ جميل ٽنيو پرسان چورن جي وڏي ڪارروائي. لکن جي ماليت جون بجلي جون تارون چوري ڪري کڻي ويا. شهر ۾ پاڻي جي سخت

بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 5

ننگرپارڪر ۾ باهه لڳڻ سبب ٻن پورهيتن جون ڪکاون جهوپڙيون سڙي خاڪ

ڪٽون، بسترا، برتن، ڪپڙا ۽ سمورو گهريلو سامان باهه جي ور چڙهي ويو

متاثر خاندان معصوم ٻارن سميت کليل آسمان هيٺ ويهڻ تي مجبور، مدد جي اپيل

ننگرپارڪر (ن ع) ننگرپارڪر جي ڳوٺ پالوا ۾ باهه سبب ٻن پورهيتن جو الهه تلهه سڙي رک ننگرپارڪر جي ڳوٺ پالوا جي ٻن پورهيت روشن ۽ فيروز خاصخيلي جي ڪکاون جهوپڙن کي اچانڪ باهه لڳڻ سبب 2 ڪکاوان جهوپڙا سڙي رک ٿي ويا، گهرن ۾ پيل ڪٽون بسترا ڪاڏي پيٽي جا برتن ڪپڙن سميت الهه تلهه رک ٿي ويو مسڪين پورهيت کليل آسمان هيٺ ويٺل آهن پورهيتن ڊپٽي ڪمشنر ٿرپارڪر کان فوري مالي مدد جي اپيل ڪندي گهر ڪئي

بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 5

خانپورمهر ۾ واپاري جو چوري ٿيل اناج جي واپسي لاءِ احتجاج، انصاف جو مطالبو

خانپورمهر(ن ع) خانپورمهر ۾ هندو واپاري هندو واپاري سوتي رام خانپورمهر پريس ڪلب پهچي احتجاج ڪندي ڏانهيو آهي ته خانپورمهر پوليس سندس جي گودام مان چوري ٿيل 150 مڻ اناج جون ٻوريون واپس ڪرائڻ بجاءِ ٿلها دلاسا ڏئي رهي آهي جنهن ڪري هو روز جي بنياد تي

بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 5

پنجاب سنڌو درياءَ جو پاڻي چورائي سنڌ کي بنجر بڻائڻ ۾ ڪابه ڪسر ناهي ڇڏي،نياز ڪالاڻي

ڪوٽڙي بئراج ذريعي آباد ٿيندڙ لاڙ وارا ضلعا متاثر ٿيا آهن، احتجاج ڪري دنيا کي ٻڌائينداسين

لاڙ واري خطي جا ضلعا ٺٽ سڄاول بدين ۽ ٽنڊو محمد خان متاثر ٿي رهيا آهن، 8 جولاءِ تي ڌرڻو هنيو ويندو

ٺٽو (ڊ ر) جسقم (بشيرخان) جي چيئرمين ڊاڪٽر نياز ڪالاڻي جنرل سيڪريٽري پنهل ساريو سان گڏ هنگامي پريس ڪانفرنس ڪندي سنڌو درياءَ جي پاڻي تي ڌاڙي چشما جهلم لنڪ ڪئنال ۽ ٽونسا پنج ند ڪئنال پنجاب پاران وهائڻ خلاف 8 جولاءِ تي سڄاول ۾ احتجاجي مارچ ڪري ڌرڻي جو اعلان ڪري ڇڏيو ڊاڪٽر نياز ڪالاڻي چيو ته پنجاب پاران ڏڪراري فلڊ ڪئنال مسلسل وهائي پاڻي ڪوٽ دوران سنڌو درياءَ جو پاڻي چورائي سنڌ کي بنجر بڻائڻ ۾

بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 5

ٺٽو: جئي سنڌ بشير قريشي جو سربراهه نياز ڪالاڻي ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

لاڙڪاڻي واسي پورهيت معصوم ٻارن سان گڏجي باٿر مامي جي مبينا ناجائزين خلاف احتجاج

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي شهر جي حيدري پاڙي جي رهواسي پورهيت نوجوان طرفان پنهنجي معصوم ٻارن سان گڏجي باٿر مامي جي مبينا ناجائزين خلاف پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڪيو ويو ان موقعي تي احتجاج ڪندڙ پورهيت نوجوان سڄاد چانڊيو پنهنجي معصوم ٻچن علي احمد ۽ ساجد چانڊيو سان گڏجي ميڊيا آڏو

بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 5

ڄامشورو لڳ ضلعي انتظاميه پاران غيرقانوني طور ڪٽيل ڪاٺ سان ڀريل 13 گاڏيون ضبط

اي سي ٿاڻو بولا خان برڪت علي ڪلهوڙو پوليس سان گڏيل ڪارروائي ڪندي 10 جوابدارن کي گرفتار ڪيو

جوابدارن جي قبضي مان غيرقانوني طور ڪاٽيل ڪاٺ سان ڀريل 13 گاڏيون هٿ ڪري ضبط ڪيون ويون

ڪيرٿر نيشنل پارڪ جي ٻيلن، جهنگلي جيوت ۽ قدرتي ماحول جي تحفظ تي ڪنهن به قسم جو سمجهوتو نه ڪيو ويندو: ڊي سي

ڄامشورو (ڊ ر) ڄامشوري جي تعلقي ٿاڻو بولا خان ۾ ڪيرٿر نيشنل پارڪ ۾ ٻيلن جي غيرقانوني وڍ ڪٽائي خلاف وڏو ڪريڪ ڊائون ڪاٺ سان ڀريل 13 گاڏيون ضبط، 10 جوابدار گرفتار وزيراعليٰ سنڌ

بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 5

دهشتگردي خلاف جنگ ۾ پاڪستاني قوم سيڪيورٽي فورسز سان گڏ آهي: ملڪ چنگيز خان

ٿاڻوبولاخان (ن ع)پ پ اڳواڻ ملڪ چنگيز خان پنهنجي بيان ۾ شديد لفظن ۾ مذمت ڪندي چيو آهي ته ڪراچي جي گلستان جوهر واري علائقي ۾ رينجرز جي چوڪي تي ٿيڻ واري دهشتگرد حملي تي افسوس ٿيو آهي هن چيو ته دهشتگردن جا ناپاڪ

بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 5

ڄامشورو شهر ۽ پرپاسي ۾ بنيادي مسئلن جي حل لاءِ شهرين پاران هفتيوار احتجاج

شهرين صحافي حاڪم چانڊيو زاهد مگسي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج جاري رکيو

بنيادي مسئلن جي حل ۽ منشيات سوڊو شراب جو گٽڪو بند ٿيڻ تائين احتجاج جاري رکيو ويندو

ڄامشورو (ڊ ر) ڄامشورو شهر ۽ پرپاسي ۾ شراب جي گٽڪي ۽ منشيات جي سرعام هلڻ پاڻي جي کوٽ ختم ڪرڻ سوڊو بنيادي مسئلن جي حل لاءِ ڄامشورو جي شهرين پاران هفتيوار احتجاج جي سلسلي ۾ اٺين آچر تي ڄامشورو شهر جي مک چوڪ وٽ پوليس پوسٽ آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو احتجاج جي اڳواڻي سينيئر صحافي حاڪم چانڊيو زاهد مگسي، آصف سيٺائي، عامر جاتوئي، شعيب حاڪم چانڊيو ۽ ٻين ڪئي جڏهن

بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي ۾ ٻڏي ويل نوجوان جي لاش ۾ مدد نه ڪرڻ خلاف وارثن جو احتجاج

نوجوان شعور علي شيخ جي وارثن پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڪري نعريبازي ڪئي

نوجوان جو لاش ٻه ڏينهن گذرڻ باوجود هٿ ناهي اچي سگهيو، انتظاميا رابطو ڪرڻ لاءِ تيار ناهي

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي شهر مان گذرندڙ رائيس ڪئنال ۾ گذريل 10 محرم الحرام جي ڏينهن مبينا طور وهنجڻ دوران ٻڏي فوت ٿي ويل نوجوان جي لاش جي ڳولا ۾ مدد نه ٿيڻ خلاف سنڌس وارثن طرفان پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪري سخت نعريبازي ڪئي وئي ان موقعي تي احتجاج ڪندڙ لاڙڪاڻي شهر جي لهر ڪالوني جي رهواسي پورهيت نوجوان شعور علي شيخ پنهنجي ماسي نويد شيخ، ماروئن ارسلان، ڪاشان شيخ ۽ ٻين

بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي: زخمي ٿيل نوجوان زخم ڏيکاري رهيو آهي

ملتان: هڪ عورت پيٽ گذر لاءِ ريڙهي تي شيون وڪرو ڪري رهي آهي

حضرت امام حسين عه ظلم، جبر ۽ باطل جي سامهون ڪڏهن به سر نه جهڪايو: سخي سردار علي شاهه جيلاني قادري

هنگورجا (ن ع) جماعت اهل سنت جي اهتمام هيٺ ڳوٺ ٻنگل خان چانگ ۾ شهداءِ ڪربلا ڪانفرنس وڏي عقيدت ۽ احترام سان منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ علائقي جي سوين ماڻهن، مذهبي شخصيتن ۽ عاشقان اهل بيت وڏي انگ

بقايا نمبر 43 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي جي صحافي دلدار ميراڻي جي پٽ کي جوابدار ڇري هڻي زخمي ڪري ڇڏيو

پٽ کي جوابدار مرتضيٰ عباسي ڇرين سان حملو ڪري زخمي ڪيو آهي: دلدار ميراڻي

حملو ڪندڙن کي گرفتار ڪري وڏي منجهي ۽ ايس ايڇ او خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي

ڪوٽڙي سائيٽ (رپورٽ نعيم اختر سومرو) ڪوٽڙي جي سينيئر صحافي ۽ سنڌ صلاح فورم ضلع ڄامشورو جي اڳواڻ دلدار ميراڻي جي پٽ محمد فصيح ميراڻي تي آئيس جي موالي مرتضيٰ عباسي جو مبينا ڇرين سان حملو ڪري سخت زخمي ڪري ڇڏيو زخمي نوجوان کي فوري طور ٿاڻي تي آندو ويو جتي ڊيوٽي آفيسر موجود نه هئڻ ڪري زخمي نوجوان کي ليٽر جاري نه ٿي سگهيو. موقعي تي موجود صحافي دلدار ميراڻي جو چوڻ هو ته

بقايا نمبر 45 ڏسو صفحو 5

بيريسٽر ڄام ذيشان علي جي گهرواري جي وفات تي ڄام خاندان سان تعزيت جو سلسلو جاري

ڄام نواز علي(ن ع) بيريسٽر ڄام ذيشان علي خان جي گهرواري جي اوچتي وفات تي ڄام خاندان سان تعزيت جو سلسلو جاري آهي،ان سلسلي ۾ مخدوم احمد زمان،صوبائي صلاحڪار سرفراز راڄڙ سابقا ايم پي اي فراز ڏيرو پ پ اڳواڻ جاويد لغاري،قلندر بخش ڏيرو،سيد امجد شاهه ظفر

بقايا نمبر 44 ڏسو صفحو 5

بلڙي شاهه ڪريم ۾ قتل ڪيل پ پ اڳواڻ ۽ سندس گهرواري جو ڪيس داخل

مقتول جي پاءُ اڪرم مگسي جي فرياد تي 5 جوابدارن خلاف ڪيس داخل ڪيو ويو

ڪيس ۾ ابراهيم مگسي، اسد، فياض عرف بيدو ۽ ٻن نامعلومن جا نالا شامل

بلڙي شاهه ڪريم (ت ر) بلڙي شاهه ڪريم ڏهه محرم الحرام تي بلڙي شاهه ڪريم شهر اندر قتل ڪيل پي پي پي اڳواڻ غلام نبي مگسي ۽ سندس گهرواري ثمرين عرف دعا مگسي جي ايف آئي آر سندس پاءُ اڪرم مگسي جي فرياد تي 5 ماڻهن خلاف داخل ڪيو ويو آهي جنهن ۾ مک جوابدار ابراهيم مگسي ولد غلام حسين مگسي اسد مگسي پٽ ابراهيم مگسي فياض عرف بيدو مگسي ۽ ٻن نامعلوم ماڻهن خلاف بلڙي شاهه ڪريم ٿاڻي تي داخل

بقايا نمبر 46 ڏسو صفحو 5

ڏگهڙي:قومي عوامي تحريڪ پاران مظاهرو ڪيو وڃي پيو

سکر ۾ فوٽو اسٽيٽ جي دڪان ۾ پراسرار باهه، لکين رپين جو سامان سڙي رک

سکر (بيورو رپورٽ) سکر ۾ ايوب گيٽ موڙ تي واقع فهيم ابڙو نالي هڪ شخص جي فوٽو اسٽيٽ جي دڪان ۾ اوچتو باهه لڳي وئي جنهن جي نتيجي ۾ دڪان ۾ لکين رپين جي ماليت جو فوٽو اسٽيٽ جي مشينري، ڪاغذ ۽ ٻيو قيمتي سامان سڙي رک ٿي ويو اطلاع ملڻ باوجود فائر برگيڊ موقعي تي نه پهچي سگهيو جنهن کان پوءِ مقامي دڪاندار پنهنجي مدد سان باهه تي ضابطو آندو متاثر دڪاندار فهيم ابڙو اعليٰ اختيارين کان نوٽيس ورتو آهي ۽ مالي مدد جي اپيل ڪئي آهي

لاڙڪاڻي ۾ سماجي تنظيم پاران 130 معذور ماڻهن ۾ ضروري سامان تقسيم ڪيو ويو

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ سماجي تنظيم مرحبا ويلفيئر ٽرسٽ طرفان حڪومت سنڌ جي ڊپارٽمينٽ آف ايمپاورمينٽ آف پرسنز وٿ ڊس ايبليٽيز ڊي اي پي ڊي جي سهڪار سان 130 معذور ماڻهن وچ ۾ ضروري سامان ورهائڻ واري تقريب ڪوٺائي وئي جنهن ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي لاڙڪاڻي جي اڳواڻ

بقايا نمبر 48 ڏسو صفحو 5

گهوٽڪي ۾ سماجي تنظيم پاران سنڌ حڪومت جي سهڪار سان 72 معذور ماڻهن ۾ امدادي سامان ورهايو ويو

گهوٽڪي(ن ع)گهوٽڪي سيوائي فائونڊيشن ۽ سنڌ حڪومت جي معذور ماڻهن جي بااختياري واري کاتي (ڊپارٽمينٽ آف ايمپاورمينٽ آف پرسنز وٿ ڊس ايبليٽيز) جي سهڪار سان گهوٽڪي ۾ امدادي سامان ورهائڻ جي هڪ پروقار تقريب منعقد ڪئي جنهن دوران گهوٽڪي ۽ پرپاسي وارن علائقن سان تعلق رکندڙ 72 معذور ماڻهن ۾ مختلف امدادي سامان ورهايو ويو تقريب دوران مستحق معذور ماڻهن کي ويل چيئرون ٽرائي سائيڪلون

بقايا نمبر 47 ڏسو صفحو 5

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي جاري ڪئي.